# اقبال

## سوانح و افکار

ڈاکٹر شیخ محمد ابراہیم خلیل

اقبال اکیڈمی پاکستان

# اقبال

## سوانح و افکار

ڈاکٹر شیخ محمد ابراہیم خلیل

اقبال اکیڈمی پاکستان

جملي حقوق محفوظ

ڇهرين ڇاپو: آگسٽ ١٩٨٦ع

قيمت: ٦٠ روپيا

ناشر:
پروفيسر محمد منوّر
ڊائريڪٽر اقبال اڪيڊمي پاڪستان

ڇپيندڙ:
هي ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد

# فهرست

مهاڳ — الف

## سوانح حيات

باب پهريون

اقبال جي اجداد جو سلسلو — ١
خاندان — ٦
پيدائش — ٧
ننڍپڻ ۽ تعليم — ١٠
شادي — ١٤
نوڪري — ١٥
اقبال جا اساتذہ — ١٨
ٻي شادي — ٢٣
بيماري ۽ انتقال — ٢٤
تاريخون — ٢٨

## شخصيت، عادات ۽ اطوار

باب ٻيو

مهانڊو — ٣١
لباس — ٣١
کاڌو — ٣٢

مڪان ٣٤
ملاقات ٣٧
اخلاق ٣٨
سادگي ٣٩
قناعت ٤١
قلب جو سڪون ٤٢
غيرت ٤٣
گوشہ نشيني ٤٤
اوليائن سان عقيدت ٤٥
استغنا ۽ خود داري ٤٦
خدا شناسي ٤٨
علمي صحبتون ٤٩
وطن جي محبت ٥٣
مشاهير سان رستو ٥٥
حق چوڻ ۽ بيباڪي ٥٨
خدمت جي لاءِ سچي محبت ٦٠
عمل بابت ٦٢
شاگردن کي نياپو ٦٣

## ذاتي حالات

مذهب ٦٥
عقيدا ٧٧
توحيد ٧٧
قرآن سان حب ٧٩
حب رسول صلعم ٨١
بيعت ٨٢
صبح جو اٿڻ ٨٤
خطاب ٨٥

اسلام تي ليڪچر ٨٦
مسلم ليگ جي صدارت ٨٧
ٻي گول ميز ڪانفرنس ٨٨
افغانستان جو سفر ٩١

## اقبال جون تصنيفون

باب ٽيون

علم الاقتصاد ٩٣
ايران ۾ فلسفه مابعدالطبعيات جي ارتقا ٩٤
ملت بيضا تي هڪ عمراني نظر ٩٥
اسرار خودي ٩٥
رموز بيخودي ٩٦
پيام مشرق ٩٧
بانگ درا ٩٩
زبور عجم ١٠٠
جاويد نامه ١٠١
تشڪيل جديدالاهيات اسلاميه ١٠٢
بال جبريل ١٠٣
پس چه بايد ڪرد اي اقوام شرق ١٠٥
ضرب ڪليم ١٠٦
ارمغان حجاز ١٠٧

## اقبال جي شاعري

باب چوٿون

شاگرديءَ جو زمانو ١١١
اقبال لاهور ۾ ١١٢
انجمن حمايت اسلام ١١٢
شاعريءَ جا دور ١١٤

| | |
|---|---|
| قوميت ۽ وطنيت | ١١٩ |
| اقبال جي ڪلام جون ادبي خصوصيتون | ١٢٧ |
| فلسفهٔ خودي يا وحدت‌الوجود | ١٢٩ |
| وحدت | ١٣٤ |
| اقبال جي ڪلام ۾ روحاني ماحول | ١٣٥ |
| خلوص دلي | ١٣٩ |
| رمزيت | ١٤٣ |
| رومانيت | ١٤٨ |
| ڪلاسڪيت | ١٥٣ |
| حسن‌الفاظ | ١٥٦ |
| لب و لهجه | ١٦١ |
| اقبال هڪ متڪلم | ١٦٥ |
| تقدير | ١٧٢ |
| توحيد | ١٧٣ |
| قوت ۽ دين | ١٧٤ |
| قافيه ۽ رديف جو حسن ۽ خوبي | ١٧٦ |
| تشبيهه ۽ استعارو | ١٨٣ |
| تلميحات | ١٩٥ |
| تضمينات | ٢٠٥ |
| رواني ۽ برجستگي | ٢٠٩ |
| مدح و ذم | ٢١٣ |
| تڪرار معاني | ٢١٩ |
| رفعتِ تخيل | ٢٢٠ |
| محاڪات | ٢٢٣ |
| جدت | ٢٢٨ |
| انداز بيان | ٢٣١ |
| تغزل | ٢٣٤ |

## اقبال شاعر ۽ مفڪر ٢٣٧

باب پنجون

اقبال هڪ اسلامي مفڪر ٢٥٠

اقبال جو فلسفہٴ خودي ٢٥١

توحيد (وحدت‌الوجود) ٢٥٢

وحدت وجود ۽ وحدت شهود جو فرق ٢٥٤

فلسفہٴ خودي جي تحقيق ٢٥٩

## اقبال ڏکڻ ايشيا جي مسلمانن جي آزادي جو شارح

باب ڇهون ٢٧٥

اقبال شارح آزادي ٢٧٩

دين و وطن ٢٩٩

## اقبال اسلامي دنيا جي اتحاد ۽ آزاديءَ جو مبلغ

باب ستون ٣٠١

مسلمان مغربي اثر هيٺ ٣١٠

اسلامي اتحاد جا مبلغ ٣١٦

عربن جو اتحاد ٣٢٠

خلافت ٣٢١

مسلمانن جي گڏيل حڪومت ٣٢٢

مغرب جون سازشون ٣٢٣

ايشيائي جمعيت اقوام ٣٢٤

مشرق جو اتحاد ٣٢٦

پئن اسلامزم ٣٢٩

حب وطن ٣٣٤

عالم اسلامي جو اتحاد ٣٣٥
پاڪستان جي ڪنهر ٣٣٩

## اقبال نوآباديائي نظام ۽ ان جي رد عمل جي برخلاف ٽين دنيا جي اتحاد ۽ آزادي جو علمبردار

باب اٺون ٣٤٣
پئن اسلامزم ۽ بين الاقوامي اتحاد ٣٤٣
قوميت ۽ وطنيت جو مسئلو ٣٤٤
ٽين دنيا جي طرف اشارا ٣٤٦
پس چہ بايد ڪرد ٣٥٥

# مهاڳ

مون پنهنجي ڪم عقلي ۽ قليل مطالع جي بنياد تي، حڪيم الامت فلسفيءِ اسلام علامه ڊاڪٽر سر محمد اقبال بابت جيڪي لکيو آهي، تنهنجي لاءِ منهنجي هيءَ دعوىٰ نه آهي ته آءٌ ان ۾ منفرد آهيان بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته مون کان بهتر ماڻهن اقبال جي متعلق گهڻو ڪجهه لکيو آهي، بلڪ

سر رشتهٔ تـوارد معنی گسسته نيست
کفل به باب خانهٔ مضمون بسته نيست

۽ بقول علامه اقبال

گمان مبرکه بـه پايان رسيد کارمغان
هزار بادهٔ ناخورده در رگ تاک است

مون به ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مطالعو هيءُ ظاهر ٿو ڪري ته سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اقبال بابت ايترو مواد هڪ هنڌ ملي ڪين سگهندو جيترو مون گڏ ڪيو آهي ۽ بي حقيقت هيءَ آهي ته اقبال جي ڪلام جي جن جن نڪات تي مون جيڪي ڪي لکيو آهي، سو پين لکڻ وارن کان به قريب قريب سڀ کان الڳ آهي. البت اقبال جي سوانح حيات ان کان مستثنىٰ آهي.

اردو فارسيءَ جا به اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، جن جي اهميت گهڻو وڌيڪ آهي ۽ جن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، لکيو پيو وڃي ۽ اڳتي لکيو ويندو ۽ آهي به شاعر آهن غالب ۽ اقبال.

باب ٻھريون

# سوانح حيات

## اقبال جي اجداد جو سلسلو

سيالڪوٽ پنجاب جو هڪ مشهور ۽ قديم ننڍو شهر آهي، جو هميشه عالمن ۽ فاضلن جي جولانين جو مرڪز رهيو آهي. موجوده دور ۾ هيءُ ننڍڙو شهر پاڪستان ۽ هندستان جي ٻن جنگين جي ڪري به مشهور رهيو آهي. حڪيم الامت ڊاڪٽر سر شيخ محمد اقبال جي پيدائش جو فخر ۽ شرف ان ننڍڙي شهر کي حاصل آهي.

علامه اقبال جي تذڪره نويسن مان پهريون شخص، جنهن علامه اقبال جي بزرگن بابت اسان کي معلومات پهچائي آهي، سو منشي محمد دين فوق ڪشميري آهي، جنهن ٻنهي ڪنهن سند جي هڪ مضمون ”ڊاڪٽر شيخ اقبال“ جي نالي سان رساله نيرنگ خيال لاهور اشاعت سپٽمبر-آڪٽوبر ١٩٣٢ع ۾ سپرد قلم ڪيو هو. جناب فوق صاحب ”اخبار ڪشميري“ لاهور جو مدير هو جنهن اقبال جي اجداد ۽ گوت (ذات) جو ذڪر هيٺين نموني ۾ ڪيو آهي.

”شيخ صاحب کي ڪشميري پنڊتن جي هڪ قديم خاندان سان واسطو آهي. شيخ صاحب جو جد اعليٰ قريبا سوا ٻه سو سال ٿيا ته مسلمان ٿي ويو، ذات ان جي سپرو آهي“.

ص بحواله صحيفه اقبال نمبر (حصه اول) مجلس ترقي ادب لاهور ص١

خود علامہ اقبال ١٦- جنوري ١٩٣٤ع تي کيس خط لکيو ۽ فوق صاحب پنهنجي ڪتاب ”تاريخ اقوام ڪشمير“ ۾ مٿئين ڳالهہ ڀيهر ورجائي، اها ڳالهہ علامہ اقبال پنهنجي والد مرحوم کان ٻڌي هئي تہ ”جڏهن مسلمانن جي ڪشمير ۾ حڪومت هئي تہ ڪشمير جا برهمڻ مسلمانن جي علمن ۽ ٻوليءَ جي طرف قدامت پرستي کان يا ڪنهن ٻئي سبب کان ڌيان نہ ڏيندا هئا، تنهن ڪري جنهن ٽولي سڀ کان پهرين فارسي ٻوليءَ وغيره جي طرف ڌيان ڏنو ۽ ان ۾ امتياز حاصل ڪري، اسلامي حڪومت جو اعتماد حاصل ڪيو، سو سپرو سڏجڻ ۾ آيو، ان لفظ جي معنيٰ آهي، اهو شخص جو سڀني کان اڳي پڙهڻ شروع ڪري. ”س“ تقدم جي لاءِ ڪيترين ٻولين ۾ اچي ٿو ۽ ”پر“ جو اشتقاق اهو ٿي آهي جيڪو اسانجي مصدر، پڙهڻ جو آهي. والد مرحوم چوندو هو تہ اهو نالو ڪشميري برهمڻن پنهنجي انهن ڀائرن کي حقارت کان ڏنو جن قديم رسمن ۽ قومي ۽ مذهبي تعصبن کي ڇڏي سڀني کان اڳي اسلامي زبان ۽ علمن کي سکڻ شروع ڪيو هو، جو رفتہ رفتہ هڪ مستقل گوت (ذات) تي مشهور ٿي ويو.

”لفظ سپرو جو واسطو ايران جي قديم بادشاهہ شاپور سان آهي. سپرو حقيقت ۾ ايراني آهن جي اسلام کان گهڻو اڳي، ايران کي ڇڏي ڪشمير ۾ آباد ٿيا ۽ پنهنجي ذهانت ۽ عقلمندي جي سبب برهمڻن ۾ داخل ٿي وياہ“(١)

فوق صاحب انهيءَ خط تي تبصرو ڪندي اضافو ڪيو آهي، ”پنجاب ۾ بہ سپرو ذات جا چند هندو مسلمان خاندان مشهور آهن، جن ۾ علامہ ڊاڪٽر سر شيخ محمد اقبال گهڻو مشهور آهي. انهن جو جد اعليٰ قريبا سو بہ سو سال ٿيا (اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾) مسلمان ٿي ويا هئاہ سندن

---

(١) تاريخ اقوام ڪشمير، جلد پيو، محمد دين فوق، صفحہ ٣٣-٣٤-٣٥، بحوالہ صحيفہ اقبال نمبر (پاڳو پهريون) مجلس ترقي ادب لاهور صفحہ ٣-٤

هئي، پاڻ هڪ صوفي صفت انسان هوندو هو. اقبال جي وڏن جي هميشه کان وٺي اها خصوصيت رهي آهي، جو انهن جي اسلام سان محبت ۽ اولياء ڪرام سان وڏي عقيدت هوندي هئي. پنهنجي آبائي بلڪ خانداني لاڙي جو ذڪر هن پنهنجي شاعري ۾ به ڪيو آهي.

جس گھر کا مگر چراغ ہے تو ہے اسکا مذاق عارفانہ

## پيدائش

اقبال جي پيدا ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳي شيخ نورمحمد هڪ رات خواب ڏٺو ته هڪ اڇي رنگ جو پکي آسماني فضا ۾ زمين کي ويجهو اڏامي رهيو آهي. ماڻهن جا انبوهه پکيءَ جي خوبصورتي ڏسي ۽ زمين جي ويجهو هئڻ ڪري ان کي جهٽي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. شيخ نورمحمد ڏٺو ته باوجود ڏاڍي ڪوشش جي اهو پکي ماڻهن جي قابو ۾ نه پيو اچي. شيخ صاحب پاڻ به ان هجوم ۾ حاضر هو. اوچتو پکي شيخ صاحب جي هنج ۾ پاڻهي اچي ڪريو ۽ شيخ صاحب ان کي پڪڙي ورتو. پرهيزگار ۽ ديندار شيخ نورمحمد ان خواب جو اهو تعبير سمجهيو ته مونکي جيڪو ٻار ٿيندو سو ڏاڍو سعادتمند هوندو ۽ وڏو ٿي ضرور وڏو نالو ڪڍندو.

مطلب ته اهڙي مرد خدا جي آغوش ۾ اقبال رحه ٣- ذيقعد ١٢٩٤هه مطابق ٢٢- فيبروري ١٨٧٦ع جو عالم وجود ۾ آيو(١). سندس پياري امڙ منس نالو رکيو محمد اقبال.

شيخ نور محمد جي زال ۽ اقبال جي پياري ماءُ جو نالو امام بي بي هو. اهڙي نيڪ بخت خاتون جي هنج ۾ پرورش پائي اقبال وڏو ٿيو. سندس ماءُ جيتوڻيڪ علم سان سينگاريل نه هئي، پر ڏاڍي سليقي واري زال هئي ۽ ڏاڍي عقلمند ۽ حوصلي رکندڙ هئي. اوڙي پاڙي وارا بلڪ سڄي برادري جون زالون سندس

(١) روزگار فقير صفحه ٢٢٩

ڊگري ورتي. ان کانپوءِ اقبال کي جرمنيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو ارادو ٿيو، تنهنڪري "ميٽافزڪس آف پرشيا" يعني ايراني الاهيات تي هڪ مقالو لکي، جرمني جي ميونچ يونيورسٽي کي پيش ڪيائين ۽ اها ڊگري حاصل ڪري، ڊاڪٽر سڏجڻ ۾ آيو. اهو مقالو ايران جي فلسفه تي هڪ تحقيقي مقالو آهي، جو اردو ۾ "فلسفهٔ عجم" جي نالي سان ڇپيو ويو آهي. جرمنيءَ مان موٽي اچڻ کانپوءِ لنڊن جي اسڪول آف پوليٽيڪل سائنس ۾ داخلا ورتائين ۽ سند حاصل ڪيائين. انهيءَ سال يعني سنه١٩٠٨ع ۾ بئرسٽري جو امتحان پاس ڪري اقبال بئرسٽر ٿيو.

جڏهن اقبال جو جرمني وارو مقالو "فلسفهٔ مابعدالطبيعات" انگلنڊ ۾ شايع ٿيو ته يورپ جي فاضلن ان کي نهايت پسند ڪيو ۽ ڊاڪٽر اقبال جي قابليت جو انهن تي ڏاڍو رعب ويٺو ۽ فن جا جيڪي ماهر هئا، تن ان ڪتاب تي گهڻا عمدا تبصرا ڪيا. انهن جو اهو نتيجو نڪتو ته اقبال کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوتون ڏنيون ويون، تنهن ڪري اقبال اسلام تي ڇهه ليڪچر ڏنا، جن جي ڪري سندس مذهبي ۽ فلسفيانه معلومات جي ڌوم مچي ويئي.

انهيءَ زماني ۾ پروفيسر آرنولڊ ڇهن مهينن جي موڪل تي ويو، تنهن ڪري لنڊن يونيورسٽي ڇهن مهينن لاءِ اقبال کي عربي جو پروفيسر مقرر ڪيو(١).

اقبال جيڪو وقت پنهنجي تعليم لاءِ ولايت ۾ گذاريو تنهنجي خرچ جو تمام وڏو پاڱو سندس وڏي ڀاءُ شيخ عطا محمد کي ڪرڻو پيو. ان بابت آثار اقبال ص٣٦ تي ڊاڪٽر صاحب جي پنهنجي زباني آهي، "جڏهن آءٌ ولايت ويس ته مون وٽ ڪجهه پنهنجا پيسا هئا، پر وڏيڪ رقم منهنجي ڀاءُ مونکي ڏني هئي. پر جيترو وقت رهيس، هو مونکي وقت بوقت پئسا موڪليندو

(١) سيرت اقبال صفحه ٣٢

هائيڊل ۾ جا استاد ۽ شاگرد اهڙي طرح پڙهندا، لکندا، کلندا ۽ راند ڪندا هئا ۽ اقبال پنهنجي علمي ۽ تفريحي خصوصيتن جي سبب انهن ۾ بلند درجو رکندو هو.

٢٨- آگسٽ جو اقبال ميونچ ويو. ان کان اڳ هن پنهنجا سبق ميونچ ۾ سکيا هئا ۽ پروفيسر ران جي سهڻي ۽ طرحدار ڌيءُ هن جي استاد ۽ اتاليق رهي هئي. جڏهن اقبال ٻين شاگردن سان گڏ پروفيسر ران سان ملڻ لاءِ ويو ته ملاقات جي وقت ان جي ڌيءُ اقبال جي امتحان وٺڻ جي خيال سان ڪجهه سوال ڪيا ۽ جيتوڻيڪ اقبال هائيڊل برگ ۾ رهي گهڻو ڪجهه سکي چڪو هو، پر تنهن هوندي به انهيءَ خوبصورت معلمه پنهنجن سوالن ۽ اعتراضن سان اقبال کي چڱو پريشان ڪيو. انهيءَ معلمه جي نگراني هيٺ اقبال پنهنجو اهو مشهور مقالو مرتب ڪيو هو، جنهن تي ميونچ يونيورسٽي هن کي پي- ايچ ڊي جي ڊگري عطا ڪئي"(١).

## ٻي شادي

علامه اقبال جڏهن ولايت مان ڊاڪٽريٽ ۽ بئرسٽر ٿي موٽي آيو ته ٻي شادي لاهور جي هڪ ڪشميري خاندان مان ڪيائين. باوجود شادي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به رخصتي ڪانه ٿي هئي، جو ڪن سببن جي ڪري روڪيل هئي. انهيءَ وچ ۾ علامه اقبال جي هڪ دوست سيد بشير حيدر، لڌياني مان ڊاڪٽر سبحان علي، جو "نولکا" جي نالي سان مشهور هو ۽ وڏو دولتمند هو، تنهنجي ساليءَ جي ڌيءُ سان علامه اقبال جي شادي ڪرائي. هي مائي سنه ١٩٢٤ع ۾ داغ مفارقت ڏيئي ويئي. ان مان علامه اقبال کي ڪو ٻار نه ٿيو هو. اجا هيءَ مائي جيئري هئي ته لاهور واري ڪشميري خاندان جي زال جو معاملو درست ٿي ويو ۽ علامه پنهنجي هن زال کي گهر وٺي آيو. ان زال

(١) ذڪر اقبال صفحه ٥٦

حيدرآباد دکن ۾ سڀ کان وڏو تعزيتي جلسو سروجني نائيڊو جي صدارت ۾ ٿيو، جنهن ۾ هزهائينس وليعهد بهادر، شهزاده برار يوالاشان نواب معظم جاه بهادر، رائيٽ آنربل سر اڪبر حيدري، سر مرزا اسماعيل ديوان ميسور، سر سڪندر حيات خان وزيراعظم پنجاب، سر غلام حسين هدايت الله، راجه صاحب محمودآباد، ڊاڪٽر سيد محمود، محمد علي جناح، مرزا يارجنگ بهادر، ڊاڪٽر سيد محي الدين زور قادري، جا بيان پڙهيا ويا ۽ نواب مهدي يارجنگ بهادر، راجه پرتاب گيرجي، ڊاڪٽر يوسف حسين خان، ڊاڪٽر خليفه عبدالحڪيم ۽ نواب ڪيقباد جنگ بهادر تقريرون ڪيون، جن مان راجه پرتاب گيرجي هندن جي ۽ نواب ڪيقباد جنگ بهادر پارسين جي نمائندگي ڪئي. انهن کانسواءِ ٻيا ڪيترا جلسا ٿيا، ڪي ملڪ ۾ ڪي ملڪ کان ٻاهر(١).

## تاريخون

علامه اقبال فوت ٿيو ته سڄي ملڪ ۾ قيامت اچي ويئي. اصحاب قلم علامه جي زندگيءَ ۽ پيغام تي مضمون لکيا، شاعرن قطعات ۽ نظم لکيا ۽ تاريخي مادا ڏاڍي ڪثرت سان ڪڍيا، هنڌ هنڌ تي انجمنون، بزمون ۽ ادارا قائم ٿيا ۽ ايترو ادب اقبال بابت پيدا ڪيو، جو اهو پوءِ اقباليات جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. الحاج مولانا حامد حسين قادري مرحوم پروفيسر سينٽ جانس ڪاليج آگره سڀ کان وڌيڪ تاريخون علامه اقبال تي ڪڍيون آهن. علامه جي مشهور قطعه جي چوٿين مصرع مان ”دگر دانائے راز آيد کہ نايد“ تي هڪ مصرع وڌائي تاريخ ڪڍي آهي:

(١) مولانا حامد حسين قادري جون ڪڍيل تاريخون:

برفت اقبال و رفت از دين بهارے
نسيمے از حجاز آيد کہ نايد

---

(١) سب رس اقبال نمبر

برفت اقبال و رفت از شعر نغمہ
سرود رفتہ باز آید کہ نایـد
برفت اقبال آن عرفان نوائے
٦٠٣ ١٣٣٥
دگر دانائے راز آید کہ نایـد
١٩٣٨ع
سرآمد روز آن علامۂ هند
١٣٥٧ ٧٧٤
دگر دانائے راز آید نہ نایـد
١٣٥٧هـ

قادري صاحب هجري ۽ عيسوي ماده ڏاڍي خوبي سان ڪڍيا آهن، جي هڪڙي مصرع مان آهن:

يگانہ باخدا و با خودی وزخیش بیگانہ
زهی اقبال فرزانہ خوشا اقبال دیوانہ
بر آمد سال رحلت هم زهجری وز ملادی
چو افزودم بر "المغفور" انا الله برهانہ
٥٨١ + ١٣٥٧
١٩٣٨ع

(حامد حسن قادري)

باد رحمت هائے حق بر تربتش
آمد المغفور سال رحلتش
هم ز روئے داد دم وحیٔ کریم
گفت هاتف "عنده اجر عظیم"
١٣٥٧هـ
سال دیگر هم ز قرآن مبین
گفت حامد "لذة للشاربین"

(٢) حفيظ هشيارپوري ٻه گهڻيون تاريخون ڪڍيون آهن:
"ڊاڪٽر سر محمد اقبال بمرد" "آه مفڪر اعظم" مان اقبال

جي وفات جي هجري تاريخ ۱۳۵۷ھ نڪري ٿي. "پيغمبر دين خودي" جا ۱۹۳۸ عدد آهن. علامہ اقبال جي هڪ مصرع مان هجري تاريخ نڪري ٿي. "صدق و اخلاص و وفا باقي نہ ماند"

(۳) راحل هشيارپوري مادي "خضر راه اسلام" مان عيسوي تاريخ ڪڍي آهي.

(۴) خواجہ دل محمد بہ عيسوي ۽ هجري تاريخون ڏاڍي خوبي سان ڪڍيون آهن.

"شمع خاموش" سال هجري ہے

۱۳۵۷ھ

عيسوي "شمع شاعری خاموش"

۱۹۳۸ع

(۵) مولانا احسن مارهروي سال وفات هجري ۾ ائين ڪڍيو آهي.

"ہے زوال علم و حکمت مرگ سر اقبال کی"

(۶) ڊاڪٽر سيد عابد حسين.

"ملت اسلام میں اقبال کا ماتم ہے آج"

(۷) بشیرالنسا بيگم بشير.

"عزت قوم ہے مردہ اگر اقبال نہیں" ۱۳۵۷ھ.

(۸) سيد هاشمي فريد آبادي:

"جگر میں قوم کے ناسور غم رہیگا یہ" ۱۳۵۷ھ.

## باب ٻيو

# شخصيت، عادات ۽ اطوار (١)

### مهانڊو:

قوم جوانيءَ ۾ جسم ٿلهو، چهري جو رنگ ڳاڙهو ۽ اڇو، ڳٽا گوشت سان ڀريل هوندا هئا، جنهن جي ڪري اکيون اڌ کليل لڳنديون هيون. اعضا واجبي ۽ مضبوط هئا. ورزشيءَ ۽ نسل جو ڪشميري هئڻ جي ڪري خوبصورت ۽ سهڻي شڪل وارو هو. ڊگهائي وچولي، ڇاتي ويڪري طاقتور، چهرو رعبدار ۽ گنڀير، ڏاڙهي ڪوڙيل رکندو هو، مڇون ننڍيون هونديون هيون. پوئين وهي ۾ بيمارين نهوڙي وڌو هو. ڦڦڙ، دل ۽ جيرو خراب ٿي ويا هئا. گهڻي مدت تائين ڳلي جي خرابيءَ ڪان ڳالهائي نه سگهندو هو. انهن سڀني جي ڪري بدن ڪمزور ۽ هيٺو ٿي پيو هو. خوراڪ گهٽو گهٽجي ويئي هئي. گوشت ڳري وڃڻ جي ڪري، ڇاڙي جي هيٺ ۽ ڪنڌ جي پٺيان ڇاتي، پيٽ، ران، پنيون سيني هنڌن تان کل لڙڪي پيئي هئي. اکيون ڏرا ڏيئي آيون هيون ۽ ننڍيون ننڍيون معلوم پئي ٿيون. ڳاڙهاڻ تقريباً غائب ٿي چڪي هئي، پر چهري جو رعب، وقار ۽ سنجيدگي آخري دم تائين قائم هئي.

### لباس:

علامه اقبال جو لباس سدائين بالڪل سادو ۽ معمولي هوندو هو. لباس جي لاءِ ڪڏهن ڪو اهتمام نه ڪندو هو.

(١) هي سڄو مضمون سيرت اقبال تان ورتل آهي.

هو. جناب مولانا غلام رسول صاحب مهر جو چوڻ هو ته ”ڊاڪٽر اقبال صاحب ائين به ڊاڪٽرن جون دوائون پسند ڪين ڪندو هو جو چوندو هو ته ڊاڪٽرن جي دوائن جو مزو گهڻو ڪري سٺو نه ٿيندو آهي.

ميون ۾ علامه اقبال شاعر ’غالب‘ وانگر انن کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. انگور به انبن کانپوءِ ڪيس وڌيڪ پسند هئا، جيتوڻيڪ علامه صاحب هر موسم جو ميوو خوشيءَ سان کائيندو هو. انبن جي مند ۾ دوست ۽ احباب پارسلن جا پارسل ٻاهريان انب موڪليندا هئا، مقامي دوست خاص طرح انبن کائڻ جي دعوت جو اهتمام ڪندا هئا ۽ علامه انهن دعوتن ۾ ڏاڍي خوشي سان شامل ٿيندو هو ۽ جيڪي انبن جا تحفا موڪليا ويندا هئا تن کي ڏاڍي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ فرمائيندو هو. پاڻ چوندو هو ته ميوا ترقي ڪندي انگور جي درجي کي پهتا ۽ وري جيڪا ڪمي انهن ۾ باقي رهجي ويئي هئي، سا وچي انبن پوري ڪري ڇڏي. هيءُ اتفاق قابل داد آهي جو هندستان جو ٻيو هڪ مشهور شاعر ’غالب‘ ٿي گذريو آهي، جو پڻ انبن جو ڏاڍو گهڻو عاشق هوندو هو ۽ جنهن به قيمت تي ڪيس انب ملي سگهندا هئا ته انهن کي حاصل ڪرڻ ۽ خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪان ڪين گهٽائيندو هو. غالب کي به سندس دوست ڇا پر وڏن وڏن نوابن ۽ بادشاهن وٽان گهڻا ئي انبن جا تحفا موڪليا ويندا هئا.

## مڪان:

اقبال جڏهن سيالڪوٽ کان لاهور، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال کان آيو ته پنهنجي شاگرديءَ جو سمورو وقت گورنمينٽ ڪاليج لاهور جي هاسٽل ۾ گذاريائين. ڪيس هاسٽل ۾ ڪمرو نمبر١ مليو، جو ”ڪواڊرينگل“ جي نالي سان مشهور هو. هيءُ ڪمرو شعر پڙهڻ ۽ ڪاليج جي شاعرانه مجلسن جو

رهندو هو ته ڪٿي ٽينءَ پشت ۾ به ائين نه ٿئي. پر خدا جي قدرت ٿيو به ائين، جو علامه اقبال ننڍو ياهه پنهنجي وڏي ياءُ کان اڳ گذاري ويو.

## ملاقات:

علامه اقبال سان ملاقات ڪرڻ بالڪل آسان هو. ان ۾ شڪ نه آهي ته ولايت مان ٿي آيو هو ۽ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري سان گڏ بئرسٽر به ٿي آيو هو، پر تڪلفات کان صفا پري هو. ڪيس ملڻ لاءِ نڪو لکي وقت وٺي، پوري موقعي تي پهچڻو پوندو هو، نڪو ڪارڊ موڪلي ملڻ لاءِ انتظار ڪرڻو پوندو هو. هن جو دروازو امير هجي توڙي غريب هرڪنهن جي لاءِ سدائين کليو پيو هوندو هو. ڪنهن کي به سائس ملڻ لاءِ روڪ ٽوڪ نه هوندي هئي. شاگرد هجي چاهي ڪيترو به وڏو ماڻهو ڇو نه هجي اطلاع ڪرڻ جي ضرورت ئي نه هوندي هئي، رکو اندر لنگهي وڃڻ جي دير هئي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي لاءِ جدا ڪمرو هوندو آهي، جتي هن سان ملاقات ڪئي ويندي آهي. علامه وٽ اهڙي ڪا ڳالهه نه هوندي هئي. ڪنهن به وڏي ماڻهو جي لاءِ ملاقات جو ڪو خاص اهتمام نه هوندو هو. عمر جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ جڏهن وڪالت جو ڌنڌو ڇڏي ڏنو هئائين ته صبح کان شام تائين سندس معتقدن ۽ دوستن جي اچ وڃ جو سلسلو سدائين جاري رهندو آيو. پنهنجو حقو ڪڏهن ڪرسي تي، ڪڏهن پلنگ تي ته ڪڏهن صوفي تي. نهايت سادي حالت ۾ ويٺو هوندو هو ۽ ملاقاتين سان ملندو رهندو هو. جڏهن به ڪيس ڪو ملڻ جي ارادي سان ايندو هو ته سندس جهونو وفادار خادم علي‌بخش ڪيس خبر ڏيندو هو ته ڪو ملاقاتي گڏجڻ لاءِ آيو آهي ۽ پوءِ اوتريون ڪرسيون پلنگ جي اڳيان رکي ڇڏيندو هو. ايندڙ کي ڏاڍي آدرڀاءُ سان ۽ خنده پيشانيءَ سان ملندو هو.

علامہ اقبال وٽ هر قسم جا ملاقاتي ايندا هئا، تنهن ڪري ملڪ جي عام رواج موجب خير و عافيت پڇندو هو پر انهن کان ڪڏهن ذاتي ۽ خانداني احوال بابت اجايا سوال نہ ڪندو هو جو ڪنهن قسم جي بدمزگي پيدا ٿيڻ جو امڪان ٿئي. ملاقاتين جي اڳيان ڪڏهن تہ هو پاڻ ڪنهن موضوع تي گفتگو شروع ڪندو هو، ڪڏهن ڪنهن سوال جي جواب ۾ تقرير ڪرڻ شروع ڪندو هو. سندس تقرير اهڙي پرمغز ۽ دلچسپ هوندي هئي، جو ٻڌڻ وارو ڪڏهن ڪڪ نہ ٿيندو هو. عام طرح گهٽ ڳالهائيندو هو، پر جڏهن گفتگو ڪندو هو تہ ڏاڍي موقعي ۽ محل تي پوري هوندي هئي. بالڪل مدلل ۽ ٻڌڻ واري جي سمجهہ جي مطابق هوندي هئي. هر شخص سان ان جي حيثيت، علميت، مزاج ۽ مرتبي جي مطابق گفتگو ڪرڻ جو عادي هو. شاگردن سان هن جي ڳالهائڻ جو نمونو ناصحانہ، مشفقانہ، بزرگانہ ۽ بعض وقتن تي معلمانہ هوندو هو. ملاقاتين ۽ مشتاقن سان ڏاڍو سنجيده ۽ متانت سان پيش ايندو هو. انهن جي سڀني ڳالهين جو مسڪت ۽ شافي جواب ڏيندو ويندو هو. بيتڪلف دوستن سان سندس ڳالهائڻ جو انداز ۽ ورتاءُ جدا هوندو هو. انهن سان خوش طبعي، ظرافت ۽ مسخري ڪندو هو، ۽ بيتڪلفانہ انداز سان کلندو هو ۽ کلائيندو هو. اجنبين ۽ غيرن سان ڏاڍي آدرڀاءُ، خوش اخلاقي ۽ خوش خلقي سان پيش ايندو هو. هر شخص جي جذبات جو خيال رکندو هو. ڪڏهن وڏائي جي اظهار جي خيال کان گفتگو نہ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ملاقات جي دوران فڪر جي دريا ۾ غوطہ زن ٿي ويندو هو.

## اخلاق:

علامہ اقبال اخلاق جو هڪ تمام سٺو مثال هو. ڏاڍو خليق ۽ رلڻو ملڻو هوندو هو. ملڻ وارن کي هن جي دروازي تي دير تائين ترسڻو نہ پوندو هو. هرڪنهن ماڻهو سان غريب

توڙي امير هجي بي تڪلف ۽ مشڪندي ملاقات ڪندو هو. علامه اقبال جي دوستن جي زباني آهي ته پاڻ ڏاڍو ڪل مک نظر ايندو هو. اسان ڪيس ڪڏهن ڪاوڙ ڪندي نه ڏٺو. ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه ٿيندي هئي ته پاڻ ضبط کان ڪم وٺندو هو. ڌيرج ۽ نفس کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڏاڍي عادت هوندي هيس. عزم، حوصلي، ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجي جو مالڪ هوندو هو. جنهن ڪم ڪرڻ جي نيت ڪندو هو، تنهن کي توڙ تائين پهچائڻ کانسواءِ باز نه رهندو هو. ڪوڙ ڳالهائڻ سان هن کي ڏاڍي نفرت هوندي هئي. صداقت ۽ حق گوئي کي پسند ڪندو هو ۽ پاڻ به حق جي وات کان ۽ سچائي جي رستي تان پنتي نه هٽيو. تسليم و رضا جو پتلو نظر ايندو هو. غرور، ريا، وڏائي پسندي ۽ دنيا جو هوس نالي ماتر به منجهس ڪونه هو. تواضع ۽ انڪسار سندس عادت هوندي هئي ۽ نمود و نمائش کان پري ڀڄندو هو. بزرگن سان عقيدت سان ملندو هو ۽ ننڍن سان پيار ۽ محبت سان پيش ايندو هو. پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ جي بيحد عزت ۽ ادب ڪندو هو ۽ انهن جي آرام ۽ سک جو گهڻو خيال رکندو هو. نوڪرن سان مساوات جو سلوڪ ڪندو هو. جڏهن ولايت کان موٽي آيو ۽ سندس جهونو نوڪر علي بخش گڏيو ته سائس هٿ ڏيئي گڏيو. جڏهن پاڻ ولايت هو ته هڪ ڀيرو علي بخش جا سڀ ٽپڙ چوري ٿي ويا ته اقبال کي پنهنجي درد دل جو احوال لکي موڪليائين. اقبال کيس دلداري ڏني، اهڙن لفظن ۾ سندس دل ورتائين ۽ تسلي ڏنائين جو هن جي پريشاني وينديرهي(١).

## سادگي:

علامه اقبال جي زندگي سادگيءَ جو هڪ مجسم نمونو هوندي هئي، جيتوڻيڪ وڏا وڏا آفيسر ۽ حاڪم ۽ ارباب علم

---

(١) اقبال نامو، بحواله سيرت اقبال

هٿن مان نہ ڇڏيائين۔ ۷- مارچ سنہ ۱۹۱۷ع جو مهاراجہ سر ڪشن پرشاد کي، جنهن سان دوستانہ لاڳاپا هئا هڪ خط ۾ لکيو اٿس، ”انشاءالله‌العزيز اقبال کي اوهين حاضر و غائب ۾ پنهنجو مخلص پائيندا۔ خدا هن کي بلند نگاہ ۽ غيور دل عطا ڪئي آهي، جو خدمت جو طالب آهي ۽ دوستن جي خدمت لاءِ هميشہ حاضر آهي“(۱)۔

سر اڪبر حيدري، حيدرآباد دکن جو صدر اعظم هو، جنهن هڪ ڀيرو اقبال کي توشہ خاني مان هڪ هزار رپين جو چيڪ موڪلي ڏنو، هي ڪنهن دوست وٽان تحفو نہ هو، بلڪ هڪ اهڙي فنڊ مان هو، جنهن کي قبول ڪرڻ علامہ صاحب جي غيرت ڪنهن طرح بہ گوارا ڪري نٿي سگهي، تنهن ڪري اهو چيڪ واپس ڪيو ويو ۽ هيٺيون شعر لکي موڪليو ويو۔

تھا یہ فرمان الٰہی کہ شکوہ پرویز
دو قلندر کو کہ ہیں اس میں ملوکانہ صفات
مجھ سے فرمایا کہ لے اور شہنشاہی کر
حسن تدبیر سے دے آنی و فانی کو ثبات
میں تو اس بار امانت کو اٹھاتا سر دوش
کام درویش میں ہر تلخ ہے مانند نبات
غیرت فقر مگر کر نہ سکی اس کو قبول
جب کہا اس نے یہ ہے میری خدائی کی زکات

## گوشہ نشيني:

علامہ اقبال ان زماني کان ٻاهر نڪرڻ گهٽ ڪري ڇڏيو هو جڏهن کان وڪالت جو ڪم گهٽ ڪري ڇڏيو هئائين۔ ڪڏهن ڪو مقدمو هوندو هو تہ هائيڪورٽ هليو ويندو هو نہ تہ عام طرح ڪورٽ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو هئائين۔ جڏهن سخت ضرورت جي حالت هوندي هئي تہ گهر کان ٻاهر نڪرندو هو۔

(۱) شادو اقبال مرتبہ ڊاڪٽر زور

کوئی اندازہ کر سکتا ہے اسکے زور بازو کا
نگاہ مرد مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

علامہ اقبال پنهنجو هي شعر پير صاحب کان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "منهنجي چوٽڪاري جي لاءِ ايتروئي ڪافي آهي." سرهند شريف ۾ انهي عقيدت مندي جي اثر هيٺ ويا هئا، بلڪ جڏهن جاويد پيدا ٿيو هو ته وعدو ڪيو هئائين ته بزرگن جي زيارت تي جڏهن هو وڏو ٿيندو ته وٺي ويندس.

## استغنا ۽ خودداري:

علامہ اقبال کي درويشانه ۽ حڪيمانه زندگي ڏاڍو مستغني، بي‌نياز ۽ خوددار بنائي ڇڏيو هو. هڪڙي دفعي پنجاب ۾ هيءَ تحريڪ شروع ڪئي ويئي ته ٻن لکن رپين جي رقم چندو ڪري علامہ اقبال جي خدمت ۾ پيش ڪجي تا ته هو فڪرمعاش کان آزاد ٿي سڄو ڌيان شعر ۽ سخن جي طرف ڏيئي سگهي. علامہ ان تحريڪ جي سخت مخالفت ڪئي ۽ چيائين "پهريائين ته منهنجي خودداري ان جي اجازت نٿي ڏئي جو غريب قوم تي ان رقم جو بار وجهان. ٻيو هر شاعر، اديب ۽ فنڪار جو فن ان وقت تائين جيئرو رهي ٿو جيستائين هو زندگيءَ جي ڏک ڏوڙ ۾ شريڪ آهي، جيڪي ماڻهو دنيا جي هنگامي کان ڪنڌجي عافيت جي ڪنڊ اختيار ڪن ٿا يا بنان محنت جي آرام ۽ راحت جي زندگي گهارڻ شروع ڪن ٿا، سي ان الهام کان محروم رهجي وڃن ٿا، جيڪو رڳو زندگيءَ جي لاءِ چاڙهه ۾ براه راست شامل ٿيڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو. فنڪار ۽ عوام جي نقطهٔ نظر ۽ نصب‌العين ۾ فرق هوندو آهي. انهي ندرت ۽ ذوق نظر جي ڪري فرد ۽ سماج ۾ تصادم ناگزير ٿي وڃي ٿو. بعض وقتن تي ان تصادم مان اهڙيون چڻنگون نڪرن ٿيون، جن کان فنڪار جو فن تازي حياتي حاصل ڪري وٺي ٿو. اهو صحيح آهي ته منهنجي وقت جو وڏو حصو فڪر معاش ۽ دنيا جي مڪروهات

۾ ضايع ٿي وڃي ٿو، ليڪن هي به درست آهي ته جيڪڏهن آءٌ زندگيءَ جي ڪشمڪش کان جدا ٿي وڃان ته منهنجي شاعري به ان بي قراريءَ کان محروم ٿي ويندي جنهن جو سڀ کان وڏو چشمو خود زندگي آهي(۱).

علامہ اقبال جي خودداري جي امتحان ۽ آزمائش جو سڀ کان وڏيڪ سخت وقت هن جي پوئين زندگيءَ ۾ پيش آيو، جنهن ۾ ڏکهي بيماري جي سبب هن کي پنهنجو معمولي ڌنڌو وڪالت ڇڏڻو پيو. سيد نذير نيازي لکي ٿو ”هي زمانو حضرت علامہ جي لاءِ وڏي پريشاني جو هو، وڪالت جو سلسلو بند ٿئي، ٿي چار سال گذري چڪا هئا. هن جي زندگيءَ ۾ دولت ڪمائڻ ۽ منصب حاصل ڪرڻ جون هزارين صورتون پيدا ٿيون پر هن جي استغنا پسند ۽ فقيرانہ طبيعت، غيرت ۽ خودداري کان اک کڻي به انهن جي طرف نہ ڏٺو. هو ڪنهن قسم جي احسان ۽ منت پذيري يا غرض‌جوئي کي تصور ۾ به برداشت ڪري نٿي سگهيو. حقيقت ۾ اها ملت جي وڏي خوش‌قسمتي هئي جو ان نازڪ موقعي تي اعليٰ حضرت نواب صاحب ڀوپال رڳو پنهنجي تعلق جي لحاظ ۽ اسلامي خدمت جي جذبي کان خود پنهنجي کيسي مان علامہ جو ماهوار وظيفو مقرر ڪري ڇڏيو تہ تہ پنهنجي مرضي جي موافق قرآن مجيد جي حقائق ۾ معارف تي قلم کڻي سگهن. ان کانپوءِ جيتوڻيڪ گهڻن ذريعن سان ڪوششون ٿيون تہ علامہ صاحب وڌيڪ وظيفہ قبول ڪن، پر انهن هميشہ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو ٿي چيو تہ آءٌ هڪ فقير ماڻهو آهيان مون کي جيڪي ڪي اعليٰ حضرت ڏئي پيو منهنجين ضرورتن جي لاءِ ڪافي آهي(۲).

علامہ پاڻ هڪ خط ۾ سر راس مسعود کي لکي ٿو ”اعليٰ حضرت نواب صاحب ڀوپال جي پنشن قبول ڪرڻ کانپوءِ

---

(۱) رسالہ ادبي دنيا، آگسٽ ۱۹۴۴ع بحوالہ اقبال ڪامل صفحہ ۸۱

(۲) رسالہ اردو اقبال نمبر صفحو ۱۰۴

هو. هڪڙو پيرو ڪاڏن جو ذڪر آيو تہ علامہ صاحب ٻارهين صدي هجري ۾ وچ ايشيا ۾ جيڪي ڪاڏا رائج هئا ۽ آتي جيڪي جدا جدا قسمن جا ميوا هوندا هئا، تن جو ذڪر ڪيو ۽ بي‌انداز ڪاڏن جا نالا ڳڻائي ويو، جنهن ڳالهہ ڊاڪٽر قاضي کي ڏاڍي تعجب ۾ وڌو. علامہ جي گفتگو ۾ ڏاڍي سادگي هئي ۽ ائين ڪين پئي ظاهر ٿيو تہ هو ڪو وڏو عالم فاضل آهي، بلڪ ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي مخاطب تي پنهنجي خاڪساري ظاهر ڪرڻ لاءِ، هو ان ڪان اهڙا سوال پڇندو هو، جنهن مان ظاهر پئي ٿيو تہ هو ان ڪان ڇڻ استفادو پيو ڪري(١).

ظرافت علامہ جي جيتوڻيڪ طبعي شيءِ هئي، پر ان ۾ بي ڍنگائي ۽ هلڪڙائي اصل نہ هوندي هئي، بلڪ هڪ خاص ندرت، ذهانت ۽ لطافت ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ علامہ ان جي ذريعي گهڻن اهم مسئلن کي بہ حل ڪري ڇڏيندو هو. گفتگو ڪندي ڊاڪٽر قاضي کي ڪيمبرج جو هڪ واقعو ٻڌايائين تہ هڪ شخص پڇيو تہ ”مسٽر اقبال ڇا ڳالهہ آهي تہ جيترا پيغمبر ۽ مذهب جا باني دنيا ۾ آيا سي بنان استثنا ايشيا ۾ مبعوث ٿيا، يورپ ۾ هڪ بہ پيدا نہ ٿيو. اقبال پڇندڙ کي ڪلي جواب ڏنو تہ شروع ۾ الله سائين ۽ شيطان پنهنجو پنهنجو قدم ڄمايو. الله سائين ايشيا کي پسند ڪيو ۽ شيطان يورپ کي، تنهن ڪري پيغمبر جي الله سائين جي طرفان آيا آهن ايشيا ۾ مبعوث ٿيا. هن شخص چيو تہ ”پوءِ شيطان جا پيغمبر ڇا ٿيا؟“ اقبال جواب ڏنو ”هي اوهانجا ميڪاؤلي ۽ مشهور اهل سياست ان جا رسول آهن“ ان تي سيئي ٽهڪ ڏيئي کليا(٢).

اهڙن واقعن مان ثابت ٿو ٿئي تہ علامہ اقبال ظريف، زنده دل ۽ شريف انسان هو. هن پنهنجن ڪن نظمن ۾ بہ پنهنجي اخلاق جي خوبين جي طرف اشارا ڪيا آهن، جنهن مان هن جي

(١) رسالہ اردو اقبال نمبر صفحہ ٩٣٥ کان ٩٣٧

(٢) آثار اقبال صفحہ ٥٩، ٦٠

شريفاڻه ڪردار جو اندازو ٿئي ٿو(١).

پرسوز و نظرباز و نکوبين و کم‌آزار
آزاد و گرفتار تهی کیسه و خورسند
ہر حال میں میرا دل بی قید ہے خورم
کیا چھینیگا غنچه سے کوئی ذوق شکرخند
کہاں سے تونے اے اقبال سیکھی ہے درویشی
که چرچا بادشاهوں میں ہے تیری بےنیازی کا

اهڙي قسم جا گهڻائي شعر هن جي ڪلام ۾ ملي سگهن ٿا، جن مان هن جي اخلاق و عادات تي روشني پوي ٿي. علامه صاحب جي اخلاق ۽ عادتن جي ڏاڍي عمدي تصوير حيات اقبال جي ڇهين باب ۾ چٽي ويئي آهي(٢).

يورپ جي فتنه‌گرن جي تيز نگاه جي زد ڪان گهڻا گهٽ ماڻهو يورپ ۾ محفوظ رهن ٿا، پر علامه اقبال پنهنجن شعرن ۾ صاف صاف تصريح ڪري ڇڏي آهي ته هو هندستاني عورتن کي انهن کان بهتر سمجهي ٿو، تنهن ڪري انهن جي عشوه طرازين جو هن تي ڪو اثر نه پيو ۽ هن وچ دريا ۾ به پنهنجي دامن کي پسڻ نه ڏنو(٣).

ڊاڪٽر سعيدالله صاحب جو چوڻ آهي ته جيڪي ماڻهو علامه صاحب کي هن جي شاعريءَ جي ڪري ڄاڻندا هئا، انهن کي ان ڳالهه جي خبر نه آهي ته علامه اقبال جي طبيعت، ظرافت ۽ خوش طبعي ڪيتري شدت جي هئي. ڪهڙي به قسم جو موضوع هجي، مگر هو ظرافت جو پهلو ڪڍي وٺندو هو. بذله سنجي، لطيفه گوئي ۽ حڪايتون ٻڌائڻ ۾ هن کي اهڙو ئي ڪمال حاصل هو جهڙيءَ طرح فلسفي جا مسئلا بيان ڪرڻ ۾(٤).

ڊاڪٽر سعيدالله لکي ٿو ته نادر خان سان جڏهن پهريون

---

(١) (٢) (٣) اقبال ڪامل صفحه ٩٢—٩٣

(٤) . ملفوظات اقبال بحواله سيرت اقبال صفحه ٨١

پهرو ملاقات ٿي ته هو ڪابل ويندي لاهور ۾ ترسي پيو هو. علامه اقبال جي شڪل ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ اقبال کي ڏسي چوڻ لڳو ته اوهين اقبال آهيو؟ آءٌ ته سمجهندو هوس ته اوهين ڊگهي ڏاڙهي وارا بزرگ صورت هوندا“. اقبال جواب ڏنو ”اوهان کان وڌيڪ مون کي حيرت آهي. اوهين ته جرنيل آهيو؟ آءٌ سمجهندو هوس ته اوهين ديو شڪل هوندا، اوهان ۾ جرنيلي جو ڪو شان نه آهي ايترو ضعيف ۽ سنها(١).

## وطن جي محبت:

وطن جي محبت جو هڪ ته سياسي نظريو آهي، جو ٻين ملڪن ۽ ٻين قومن سان بغض، نفرت، رشڪ ۽ رقابت جو جذبو پيدا ڪري ٿو، جيئن مغربي قومون مشرقي قومن سان پيش اچن ٿيون. علامه اقبال پنهنجن پوين ڏينهن ۾ ٻين خيالن جو ٿي ويو هو، پر علامه اقبال مغربي قسم جي وطنيت جي سخت مخالف هو، پر ان سان گڏ هر شخص جي هڪ خاص جاءِ پيدائش ۽ ارادو هوندو آهي جنهن جو هڪ محدود زمين جي ٽڪري سان واسطو هوندو آهي ۽ ان سان هن کي قدرتي لاڳاپو هوندو آهي. اهڙيءَ قدرتي لاڳاپي جو نالو وطن جي محبت هوندي آهي، جو هڪ شريفاڻو اخلاقي بلڪ فطري جذبو آهي، جنهن کان ڪنهن شريف ماڻهو جي دل خالي نه هوندي آهي. حضرت بلال رض. مڪي ۾ ايترو ستايا ويا هئا، تنهن هوندي به جڏهن هن کي مڪو ياد ايندو هو ته رُئندا هئا(٢).

علامه اقبال جو آبائي وطن ڪشمير هو ۽ هو ڪشمير جي محبت جو اهو پاڪ جذبو پنهنجي دل ۾ رکندو هو ۽ جدا جدا نمونن سان ان جو اظهار ڪندا هئا. جڏهن ولايت مان موٽي آيو ته پهريائين ڪشميري انجمن ۽ ان ڪانپوءِ آل انڊيا مسلم ڪشميري ڪانفرنس جو سيڪريٽري مقرر ٿيو(٣).

---

(١) ملفوظات اقبال بحواله سيرت اقبال صفحه ٢٨

(٢) (٣) اقبال ڪامل صفحه ٨٤–٨٥

سان پيدا ٿيندا، تون ڏسي وٺ ائين ٻي ٿي رهندو، پوءِ هو ساڳهو رهنمائي ڪري سگهندا" (١).

## عمل بابت:

هڪڙو ڀيرو هڪ نوجوان بيروزگار شخص علامہ اقبال وٽ اچي نڪتو ۽ پنهنجي ناڪامي، نامرادي، بدقسمتي ۽ بيروزگاري جو ڏک اچي روئڻ لڳو پاڻ هن کي تسلي ۽ تسڪين ڏيندو رهيو ۽ ثابت قدم رهڻ ۽ حوصلہ مندي ڏيکارڻ جو سبق سيکاريندو رهيو ۽ فرمايائونس "انسان دنيا ۾ عمل جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، قرآن شريف ۾ جتي هي آيو آهي تہ جن وانس عبادت جي لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن، اتي عبادت سان مطلب بہ عمل ئي آهي، هر انسان معمولي پيماني تي پاڻ هڪ خالق آهي ۽ انهن تخليقي قوتن کي وڃائي ڇڏڻ جو نالو گناهہ آهي، تون ڪاميابي ۽ ناڪامي تي نظر نہ ڪر، پنهنجي تخليق جي مقصد کي ڇاڻ ۽ جدوجهد ڪندو اچ"(٢).

انهيءَ فلسفہ سان علامہ جون سڀئي تصنيفون پريون پيون آهن:

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جهنم بھی،
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری ہے۔

بلوچن جو هڪ وفد هڪ ڀيرو علامہ جي خدمت ۾ آيو، گهڻي دير تائين مختلف سياسي معاملن تي ڳالهيون ٻولهيون ٿينديون رهيون، وفد جي هڪ ميمبر چيو "اوهانجي تعليمات مدت کان ستل قوم کي بيدار ڪيو آهي ۽ اوهان انسانيت ۽ اسلام جا سڀئي اسرار ۽ رموز اسان کي سيکاري ڇڏيا آهن، پر اسان کي شڪايت آهي تہ اوهان پاڻ عمل جو ڪو نمونو پيش نہ ڪيو آهي." علامہ اقبال جواب ڏنو "ڇا هي منهنجو عمل نہ آهي تہ مون قوم کي بيدار ڪيو آهي ۽ توهان جي اڳيان "عمل" جي

(١) ملفوظات اقبال
(٢) شيرزاه لاهور، اقبال نمبر

شاهراه پيش ڪري ڇڏي آهي. منهنجو ڪم آهي درس ڏيڻ اڳتي هي اوهانجو ذمو آهي ته انهن تعميلات تي عمل ڪريو ۽ زندگي جي ميدان ۾ جهاد ڪندا رهو". وري فرمايائون "دنيا ۾ ڪو اهڙو مثال نه آهي ته ڪنهن شخص پاڻهي ڪو اصولي نظريو قائم ڪيو هجي ۽ پاڻهي ان تي عمل ڪري ڏيکاريو هجي. ڇا اوهين دنيا جي تاريخ مان ڪو اهڙو مثال پيش ڪري سگهو ٿا؟" ان ڪانپوءِ ڪجهه دير ماٺ ڪري پاڻهي پنهنجي سوال جو جواب ڏنائون ۽ فرمائڻ لڳا، "البت دنيا ۾ رڳي هڪڙي ئي اهڙي هستي گذري آهي، جنهن هڪ درس ۽ پيغام پيش ڪيو ۽ پوءِ خود ئي ان تي عمل ڪري به ڏيکاريو اوهان ماڻهو ڄاڻو ٿا ته اها شخصيت ڪير آهي؟ اها ذات محمد عربي صلعم جي هئي، يا وري مثال ۾ حضرت موسىٰ جو ٿالو وٺي سگهجي ٿو(١).

## شاگردن کي نياپو:

جناب پروفيسر عظيم الحق صاحب جنيدي ايم. اي. بي. ٽي عليگ فرمائين ٿا ته آءٌ سنه ١٩٣٣-٣٤ع ۾ عليگڙه مسلم يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هوس ته ڊسمبر سنه ١٩٣٢ع جي پهرين هفتي ۾ يونيورسٽي ٽريننگ ڪاليج جا شاگرد تعليمي تجربات جي مطالعي جي لاءِ لاهور ويا هئاسين. انهيءَ سلسلي ۾ شاعر مشرق ترجمان حقيقت علامه ڊاڪٽر سر محمد اقبال رحه جي قدم بوسي جي سعادت به نصيب ٿي. اسلاميه ڪاليج جي بورڊنگ مان جنهن وقت اسين علامه سان شرف نياز حاصل ڪرڻ جي لاءِ روانا ٿياسين ته اسانجن قلبن ۾ متضاد جذبات لهريون ڏيئي رهيا هئا. اسان کي هي چيو ويو هو ته هيءَ سعادت هر ڪس و ناڪس کي حاصل نٿي ٿئي ۽ گهڻو ڪري نگاه شوق ناڪام ٿي واپس ٿي اچي. انهيءَ جو تصور ڪري جڏهن پنهنجي گهٽ لياقتي تي غور ڪيوسين ته ان جو يقين پي ٿيو ته اسانجا نصيب اهڙا ڪٿي جو حاضري جو شرف حاصل ٿئي."

(١) سيرت اقبال صفحه ١١١

هڪ خود علامہ جي هٿي) ان جو گواهہ هيون تہ انهن جو مالڪ ظاهر پرستيءَ کان بيزار آهي ۽ ڪوڙن ننگن جي ريزه ڪاري جو قائل نہ آهي. علامہ خود ماٺ جي مهر کي ڀڳو ۽ دريافت فرمايو تہ اسان تعليمي ڪم ڇو پسند ڪيو آهي. علامہ جهڙي شخص کي ان جو جواب ڏيندي هر شخص سوچڻ لڳو. نيٺ علامہ پاڻ هندستان جي تعليم جي طريقي ۽ ان جا نقصان رسائيندڙ اثرات تي روشني وڌي جنهن جو نتيجو هيءُ آهي تہ اسان جي تعليم دماغي ترقي جي لاءِ ڪو ذريعو تيار نٿي ڪري ۽ نہ وسيع‌النظر بنائي ٿي. هر علم جي تعليم ايتري ناقص ڏني وڃي ٿي جو اسين ان علم سان متعارف بہ نٿا ٿي سگهون. روحانيت جي طرف شوق تہ ڇا تو ٿئي، جو اسين ان علم سان متعارف بہ نٿا ٿي سگهون. روحانيت جي طرف شوق تہ ڇا تو ٿئي، مذهب وڌيڪ اسان کان پري ٿي وڃي ٿو." ايتري گفتگو اسانجي همٿن کي بلند ڪري ڇڏيو هو. علامہ کي عرض ڪيو ويو تہ هو اسان کي اردو ۾ پنهنجو پيغام ڏئي ۽ هڪ بياض ۽ قلم اڳيان ڪيا ويا. پاڻ مشڪندي ڪٺي ورتائين ۽ فڪر ۾ سرنگون ٿي ويا ۽ ٿورن منٽن کانپوءِ هيٺ لکيل شعر بياض ۾ تحرير ڪيائون:

صحبت پير روم سے مجهہ پہ هوا يہ راز فاش
لاکهہ حکيم نکتہ رس ايک کليم سربکف

وقت گهڻو گذري چڪو هو، تنهن ڪري اجازت گهري وئي. انهيءَ مختصر صحبت ۾ اسان مان هر شخص تي هڪ بيخوديءَ جهڙي ڪيفيت طاري رهي. هڪ جادو هو جنهن اسان کي بيخود بنائي رکيو هو. زندگي جا چند لمحات اهڙي جليل‌القدر هستيءَ جي صحبت ۾ گذريا. حد فخر ۽ خوشيءَ جي قابل آهن.

## ذاتي حالات

**مذهب:**

اقبال جڏهن ننڍي هوندي هوش سنڀاليو تہ هن پنهنجي

انهيءَ دور ۾ خاڪ وطن جو هر ذرو هن کي خدا نظر ٿو اچي:

پتھر کی مورتوں میں سمجھا ہے تو خدا ہے
خاک وطن کا مجھ کو ہر ذرہ دیوتا ہے

انهن ڏينهن ۾ اقبال جي مرضي هئي ته اهڙو مذهب هڻڻ گهرجي جنهن جو بنياد ٿي هڪ ٻئي جي صحبت ۽ پيار تي هجي، تنهن ڪري هندن تي طنز ڪندي انهيءَ خيال کي ظاهر ڪيو اٿس:

سچ کہدوں اے برہمن گر تو برا نہ مانے
تیرے صنم کدے کے بت ہوگئے پرانے
اپنوں سے بیر رکھنا تونے بتوں سے سیکھا
جنگ و جدل سکھایا واعظ کو بھی خدا نے
آ غیریت کے پردے اک بار پھر اٹھادیں
بچھڑوں کو پھر ملادین نقش دوئی مٹادیں
سونی پڑی ہوئی ہے مدت سے دل کی بستی
آ اک نیا شوالہ اس دیس میں بنادیں
دنیا کی تیرتھوں سے اونچا ہو اپنا تیرتھ
دامان آسمان سے اسکا کلس ملادیں
شکتی بھی شانتی بھی بھگتوں کے گیت میں ہے
دھرتی کے باسیوں کی مکتی پریت میں ہے

پر جڏهن علامہ اقبال ولايت ويو ته هن کي پنهنجي تعليم جي زماني ۾ ۽ موٽڻ کانپوءِ گهڻين ڳالهين جي واقفيت ٿي. هو ولايت ۾ وطنيت جي خطرناڪ نتيجن کان واقف ٿيو ۽ هن کي پتو پيو ته وطنيت پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو بت آهي، جنهن کي فقط روحاني طاقت سان ٿي ٽوڙي سگهجي ٿو، تنهن ڪري يورپ کان موٽڻ بعد هن مذهب جي تبليغ شروع ڪري ڏني. هن سمجهي ورتو ته اسلام جو مذهب فرقہ بندي کان آزاد آهي، جنهن جي دعوت خود قرآن حڪيم ڏني آهي(١).

(١) اقبال ڪامل صفحہ ٥٥

انسانيت جي تبليغ شروع ڪئي". "اشتراڪيت جي تحريڪ قوميت تي هڪ نئين زاويہ کان حملو ڪيو ۽ مذهبي تحريڪن بہ ٻئي رخ کان. قوميت پنهنجي بچاءُ جي لاءِ فاشزم ۽ نازي ازم اختيار ڪيو، پر يورپ جي ٻين طاقتن پنهنجي حفاظت ۾ انهن تحريڪن کي ختم ڪري ڇڏيو، پر ڪنهن اهڙي نظام تي اڃا تائين متفق نہ ٿي سگهيا، جو انسانيت جي اعليٰ قدرن جو علمبردار هجي."

"ايشيا ۽ افريڪا جي قومن زنده رهڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪنڊن يورپ جي قومن جي ظلمن کان تنگ اچي، پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪيتريون تحريڪون شروع ڪري ڏنيون. اسلامي ملڪن پري تائين پهچڻ جهڙا نتيجا پيدا ڪيا ۽ دنيا جي مسلمانن کي ظلمت جي اونهاين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي تحريڪون ٻن جدا قسمن جون هيون. پهرين اها جنهن جو بنياد اسلام جا سڌا سادا ۽ صاف اصول هئا، جن جو مقصد اسلام جي اصل شڪل کي وري زنده ڪرڻو هو. ٻيون اهي تحريڪون جي مغربي خيالن کان متاثر هيون. پاڻ کي ظلم ۽ ستم کان بچائڻ جي لاءِ اڪثر ملڪن قوميت جي دامن ۾ پناهہ ورتي ۽ انهن ملڪن ۾ جذبہ قوميت کي رونق ملڻ شروع ٿي تا تہ يورپ جي ظلم جو يورپ جي ئي ذهني هٿيارن سان مقابلو ڪري سگهجي."

"اسلام جي نشاة ثانيہ تہ ارڙهين صديءَ ۾ محمد بن عبدالوهاب ۽ شاه وليالله جي تحريڪن سان شروع ٿي چڪي هئي، پر انهن جو اهڙو خاص اثر نہ ٿيو هو، جيتوڻيڪ انهن جو بنياد اسلام ۽ ان جا سادا اصول هئا. اهي تحريڪون بنيادي طور تي مذهبي هيون ۽ سياست سان رڳو بالواسطہ لاڳاپو هو. انهن جي پيٺ ۾ اوڻهين صديءَ جي پوئين اڌ جون تحريڪون اڪثر پهرين تہ سياسي هيون ۽ انهن جو اصل مقصد طاقتن ۽ خود حڪمرانن جي ظلم ۽ ستم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو هو."

بازي لڳائي ان طاقت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پنهنجن غداري ڪئي ۽ هن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو.

سنه ١٨٥٧ع جي ناڪام جنگ آزادي جي بعد انگريزن جڏهن مضبوطيءَ سان پنهنجا پير کوڙيا ته ان عظيم انقلاب جو سڀ ڪان عميق ۽ اونهو اثر هندستان جي مسلمانن تي پيو جن انقلاب جو شديد اثر محسوس ڪيو. ان انقلاب جو غمناڪ اثر مسلمانن جو ذهني ۽ دماغي زوال هو. مذهبي طبقو جمود جي گهري ننڊ ۾ ستو پيو هو. انهن کي پنهنجين مسجدن ۽ خانقاهن کان ٻاهر ڪنهن ڳالهه جي خبر نه هئي. سنه١٨٥٧ع تائين جيڪي تحريڪون اڀريون، سي مغرب کان بالڪل متاثر نه ٿيون پر ان کانپوءِ جيڪي تحريڪون اڀريون سي ستوسنئون ۽ اڻسڌيءَ طرح مغرب کان بالڪل متاثر هيون. سر سيد جي تحريڪ مغرب جي اثر جو نتيجو هئي، جنهن جو ردعمل مذهبي قسم جون تحريڪون هيون. انهن ۾ هي جي آميزش ندوه جي تحريڪ هئي. انگريزي حاصل ڪندڙ طبقو مذهب کان پري ٿيندو ويو ۽ انهن کي مذهب کان نفرت هئي. فرنگي تهذيب، فرنگي معاشرت ۽ فرنگي رهڻ-سهڻ جو طريقو انهن وٽ ترقي جو وسيلو ۽ عروج جو ذريعو هو. اسلاميت ۽ اسلامي قوميت جو تصور به انهن جي ترقيءَ جي احساس جي واٽ ۾ هڪ وڏي رنڊڪ هئي. هي دور سرسيد ۽ حاليءَ جو زمانو هو. انهن جي نظر مستقبل تي هئي. هو مغربي تهذيب ۽ تمدن کي پنهنجي زندگيءَ جو جزو بنائي وٺڻ جا خواهشمند هئا. ان روش تي آڻڻ لاءِ حالي قوم جي مرثيه خواني شروع ڪئي. اهو ڏيکاريو ته مرض ڪهڙين بي اعتدالين کان پيدا ٿيو، پر وقت جي مصلحت، دوراند يشي ۽ ڪجهه سياسي پامالي‌ءَ کان مرعوب ٿي اهو نه ڏيکاريائين ته مسلمانن جي زبونيءَ جو ڪير ذميدار هو. سر سيد ۽ حالي انهي نظريه جا هئا ته ڪابه محڪوم قوم حڪمران قوم سان نفرت ڪري ترقي نٿي ڪري سگهي. انهن جو نظريو ”زمانه باتونسازد تو با

زمانہ بساز" هو. سر سيد جو اهو نسخو عارضي هو، اصل علاج نہ هو، جو قوم مرض کان ڇٽي وڃي."

شبليءَ جي زماني ۾ ان تحريڪ آزاد خياليءَ جي طرف اڳتي قدم وڌايو. اڪبر الہ آبادي بہ اهو ئي رستو اختيار ڪيو ۽ قديم روايتن کي برقرار رکڻ لاءِ فرنگي تهذيب جي مخالفت ڪئي. شبلي رکو شريعت ۽ اڪبر شريعت ۽ تصوف ٻنهي سان محبت رکندو هو. اڪبر جي شاعري حزن ۽ ياس سان ڀرپور هئي:

تمھی کو ناز ھو اے نوجوانو اس طریقے پر
میری امید تو نغمہ خوشی کا گا نہیں سکتی

مسلمانن جي مغلوب قوم اڳيئي پست همت ۽ بي حوصلو ٿي چڪي هئي، تنهن کي حزنيہ شاعري تنازع البقا ۾ ڪٿي مدد ڏيئي ٿي سگهي. اصل مرض جي لاءِ اهڙي حاذق حڪيم جي ضرورت هئي، جو صحت لاءِ اهڙو نسخو تجويز ڪري، جنهن جي ڪتب آڻڻ سان دماغ ۽ طاقت، ذهن ۾ بيداري، اعضا ۾ چستي ۽ روح ۾ قوت ۽ لطافت پيدا ٿي وڃي. نيٺ اسان جي هڪ مرد حاذق ۽ جادو بيان، پنهنجو اهڙو ترانو ڇيڙيو ۽ اهڙي انداز سان زمزمہ سنجي ڪئي جو مرده قوم جو روح ڦٿڪي اٿيو ۽ هڪ بي هوش قوم جاڳي اٿي. حڪيم اسلام، فيلسوف مشرق ڊاڪٽر سر محمد اقبال اسان کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو تہ مغربي تعليم اسان جي مشڪلن جو ڪامياب حل نہ آهي، جيسين ان سان گڏ مذهبي تربيت جو خيال نہ رکيو ويندو، نہ تہ اهڙي تعليم مرض کي هٽائڻ جي بدران وڌائي ڇڏيندي. هن جو خيال آهي تہ ان کان وڌيڪ پختو ايمان، عمل جو ذوق قوميت ۽ پنهنجي خوديءَ جو احساس تمام ضروري آهن.

اپنی ملت پر قیاس اقوام مغرب سے نہ کر
خاص ہے ترکیب میں قوم رسول ہاشمی
انکی جمعیت کا ہے ملک و نسب پر انحصار

اقبال مشرق ۽ مغرب جي پيٽ ڪندي ڏيکاريو آهي ته مشرق جي قومن جي جمود ۽ بيهوشيءَ جي ننڊ طاري آهي ۽ مغرب جي ملڪن جي بازار ۾ جيتوڻيڪ فلسفہ ۽ سائنس جي گرمي ۽ عقلي و مادي ترقيءَ جي وڏي چرپر نظر اچي ٿي، پر انهن ۾ روحانيت جي ان لطيف عنصر جي کمي آهي، جو زندگي جو اصل جوهر ۽ بقاء حيات جو واقعي تفسير آهي. روح جيڪڏهن مثل آهي ته جسم ڪيترو ئي ٿلهو چو نہ هجي بيڪار آهي. هي آهو نڪتو آهي جو اسانجي مغرب زده نوجوانن جي لاءِ بلڪل اجنبي آهي(١). علامہ اقبال اڏين فرمائي ٿو:

جس نے سورج کی شعاعوں کو گرفتار کیا
زندگی کی شب تاریک سحر کر نہ سکا
ڈھونڈنے والا ستاروں کی گذرگاہوں کا
اپنے افکار کی دنیا میں سفر کر نہ سکا

مشرق ۽ مغرب جي موجوده حالت فلسفہ ترقي ۽ منزل جو نقشو ڪهڙي نہ حڪيمانہ انداز ۾ چِڪي ٿو:

مردہ بے دینیٔ افکار سے افرنگ میں عشق
عقل بے ربطیٔ افکار سے مشرق میں غلام

پر هڪ ڳالهہ ياد رکڻ جي قابل آهي تہ اقبال وٽ مذهب جو مطلب رڳو ظاهري ۽ رسميءَ طرح عبادت ڪرڻ نہ آهي، بلڪ هو وري ڏسڻ گهري ٿو، "ابوبڪر رضہ جي صداقت"، "عمر رضہ جو ولولو"، "عثمان رضہ جي پاڪبازي"، "علي رضہ جو حوصلو ۽ همت"، "بوذر رضہ جو فقر"، "سلمان رضہ جي راستي"، "طلحہ رضہ جي جان نثاري" ۽ "خالد رضہ جي شجاعت" جن چند ورهن ۾ دنيا جي تاريخ کي پلٽائي ڇڏيو. هن کي يقين آهي تہ مسلمانن جي مرض جي ڪامياب دوا رڳو "شفاخانہ حجاز" کان دستياب ٿي سگهي ٿي. ان جو اصل مطلب آهي تہ اسين

(١) جوهر اقبال صفحہ ٢٣١

پر علامه اقبال جي اڳيان جينوئيڪ توحيد هڪ فلسفيانه حقيقت آهي جا رکو دل ۽ دماغ سان لاڳاپو رکي ٿي، تنهن هوندي به اسلامي توحيد فقط فلسفيانه شيء نه آهي، بلڪ اها هڪ اتفاق رکندڙ عملي نظام آهي ۽ رسالت جي زماني ۽ اصحابن جي زماني ۾ ايمان ۽ عمل ٻنهي جي مجموعي جو نالو توحيد هو. ضرب کليم ۾ لکيو اٿس ته:

زنده قوت تهی جہاں میں یہی توحید کبھی
آج کیا ہے فقط اک مسئلہ علم کلام
روشن اس ضو سے اگر ظلمت کردار نہ ہو
خود مسلماں سے ہے پوشیدہ مسلماں کا مقام
میں نے اے میر سپہ تیری سپہ دیکھی ہے
قل ھو اللہ کی شمشیر سے خالی ہے نیام
آہ اس راز سے واقف ہے نہ ملا نہ فقیہ
وحدت افکار کی بے وحدت کردار ہے خام
قوم کیا چیز ہے قوموں کی امامت کیا ہے
اسکو کیا سمجھیں یہ بیچارے دو رکعت کے امام

انهيء بنياد تي علامه اقبال جو مسلڪ محدثين جي مسلڪ سان ملي ٿو، جو اعمال کي ايمان جو جز سمجهي ٿو(١).

## قرآن سان حب:

علامه اقبال جي مذهبي زندگيء جي عملن ۽ شغلن مان هڪ نهايت اثرکندڙ شيء قرآن شريف جي تلاوت هئي. ننڍي هوندي کان وڏي آواز سان قرآن شريف پڙهندو هو. هميشه ڏاڍي پابندي سان قرآن پڙهڻ جو عادي هوندو هو. قرآن مجيد جي تلاوت جي وقت وجد ۾ اچي ويندو هو. مولوي ابو مصلح جو چوڻ آهي ته "اقبال جڏهن پنهنجن نظمن کي ترنم سان پڙهندو هو ته پوء هي ڪيئن ٿي سگهيو ٿي ته خدا جي ڪلام

(١) اقبال ڪامل صفحه ٦٢-٦٣

ڪي سينگاري نہ پڙهي ها. وڏي آواز سان پڙهڻ ۾ ئي هن جو قلبي جوش ظاهر آهي. هي وقت هو جو قال حال بنجي ويندو هو."

سندس طبيب خاص حڪيم محمد حسن قرشي بيان ٿو ڪري تہ "علامہ اقبال ڪي پنهنجي آواز ويهي وڃڻ جو ڏاڍو افسوس ۽ ڏک انهيءَ ڪري هو تہ هو قرآن مجيد جيئن وڏي آواز سان هميشه پڙهندو هو، هاڻي پڙهڻ جي قابل نہ هو. بيماري جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪنهن کي قرآن حڪيم خوش الحاني سان پڙهندي ٻڌندو هو تہ اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا ۽ ڏڪڻي ۽ لڏڻ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي"(١).

علامہ اقبال ڏاڍو رقيق القلب هوندو هو. جو ڏاڍي دلسوزي سان قرآن پڙهندو ويندو هو ۽ اکين مان نير وهائيندو ويندو هو. ايترو جو مصحف جا ورق ڳوڙهن جي ڪري پسي تر ٿي ويندا هئس تہ تلاوت ختم ڪرڻ کانپوءِ انهن کي اُس ۾ سڪائيندو هو تہ خشڪ ٿي وڃن. علامہ جي فوت ٿي وڃڻ کانپوءِ هن جي وصيت جي مطابق هن جا ڪتاب اسلاميہ ڪاليج لاهور جي ڪتبخانہ کي ڏنا ويا جتي اهي ڪتاب اڃا تائين محفوظ آهن ۽ ان روايت جو عيني ثبوت آهن تہ سندن ڳوڙهن سان مصحف سڄورو تر ٿي ويندو هو(٢).

مرزا جلال الدين بئرسٽر جو چوڻ آهي تہ "علامہ اقبال جي نظر هميشه قرآن جي معنيٰ تي هوندي هئي. ڪلام پاڪ کي پڙهندا هئا تہ ان جي هڪ هڪ لفظ تي غور ۽ خوض ڪندا هئا، بلڪہ جڏهن نماز پڙهڻ ۾ هو بلند آواز سان پڙهندا هئا تہ قرآن جي آيتن تي فڪر ڪندا هئا ۽ انهن کان متاثر ٿي روئي ڏيندا هئا. علامہ صاحب جي آواز ۾ عجيب ڪشش هوندي هئي، جڏهن هو قرآن پاڪ کي بلند آواز سان پڙهندا هئا تہ ٻڌڻ وارن جون دليون پگهرجي وينديون هيون(٣).

---

(١) (٢) سيرت اقبال صفحہ ٩٣

(٣) ملفوظات اقبال

## حب رسول صلعم:

علامہ صاحب جي حب رسول صلعم جو ڪهڙو ذڪر ڪجي. ڪيس رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان نہ رڳو اعتقاد هو بلڪہ حد درجي جو عشق هو. مولانا اسلم جيراجپوري هڪڙي ڏينهن ڪيس ماڻ ويو تہ ڳالهہ ڪيائين تہ هن سال حج تي وڃڻ جو ارادو آهي، حالانڪ بيماري ۽ ضعف جي هيءَ حالت هئي تہ بنگلي کان ٻاهر نڪرڻ بہ مشڪل هو. سفر حج بابت شعر بہ لکي ڇڏيا هئائين. انهن مان ڪجهہ مولانا کي ٻڌايائين بہ. مڪہ کان مديني وڃڻ لاءِ هڪ غزل بہ لکيو هئائين، جنهن جو هڪ شعر آهي:

تو باش اينجا و با خاصان بيامیز
کہ من دارم هوائے منزل دوست

هيءُ شعر ٻڌائيندي آواز بند ٿي ويو ۽ اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا(١).

وسيع مطالعہ ڪانپوءِ علامہ اقبال ان نتيجي تي پهتو هو تہ سرور دو عالم جي ذات پاڪ ظاهر ۽ باطن جي تمام ڪمالات جو مجمع ۽ سرچشمو آهي، حقيقت ۽ مجاز جي تمام مظهرن جو. انهيءَ ڳالهہ جو اعلان هو جڳهہ جڳهہ ڪري ٿو:

بمصطفیٰ برسان خويش را کہ دين همہ اوست
اگر باو نرسيدی تمام بولهبی ست

حب رسول کان ايترو سرشار هو جو بي‌تابي کان روئڻ لڳندو هو(٢).

مرزا جلال الدين بئرسٽر لکي ٿو تہ: "علامہ اقبال مسدس حالي ڏاڍو پسند ڪندو هو خصوصاً اهو ٽڪرو "وہ نبيوں ميں رحمت لقب پانے والا"، مرزا صاحب وٽ رياست ٽونڪ جو هڪ نوڪر هو، جو وڄائڻ جو ڏاڍو هشيار هو ۽ هڪ خاص طرح ۾ مسدس حالي ٻڌائيندو هو؛ علامہ ٻئي ٽئين ڏينهن ان مسدس ٻڌڻ جي خواهش ڪندو هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ روئي ڏيندو هو(٣).

(١) (٢) آثار اقبال صفحہ ١٩٥-١٩٤٠٩
(٣) سيرت اقبال صفحہ ٩٥، ملفوظات اقبال

هر کہ از سر نبی گیرد نصیب
هم بہ جبریل امین گردد قریب
در دل مسلم مقام مصطفیٰ است
آبروئی ما ز نام مصطفیٰ است
بستی مسلم تجلی گاہ او
طورها بالہ ز گرد راہ او
می ندانی عشق و مستی از کجاست
این شعاع آفتاب مصطفیٰ است
زندہ تا سوز او در جان تست
این نگہ دارندۂ ایمان تست

**بيعت:**

ڪيتري مدت تائين اها خبر ڪنهن کي به نه هئي ته علامه اقبال تصوف جي ڪهڙي سلسلي سان لاڳو آهي يا نه. عام طرح اهو خيال هو ته پاڻ سان اهڙو ڪو لاڳاپو نٿا رکن. پر انهي راز کي پهرين پهرين امير ملت حضرت پير جماعت علي شاه صاحب محدث علي پور سنه ١٩٣٥ع ۾ ظاهر ڪيو ته اقبال ڪيس رازداري ۾ چيو هو ته پاڻ پنهنجي بزرگوار پيءُ سان بيعت هو. علامه اقبال جو چوڻ هو ته سندس پيءُ وٽ هڪ مجذوب صفت درويش ايندو هو، جنهن سان سندس پيءُ بيعت هو. انهن جو سلسلو قادريه هو.

مولانا سيد سليمان ندوي کي به علامه اقبال هڪ خط ۾ لکيو هو، جو مڪاتيب اقبال ۾ به ڇپيل آهي ته ”اهو حال سلسله قادريه جو آهي، جنهن ۾ مان خود بيعت رکان ٿو (١).

عطيه فيضي پنهنجي انگريزي ڪتاب اقبال ۾ لکيو آهي ته ”اقبال جي پيءُ هڪ ولي الله جي سکيا مطابق رياضتون ڪيون آهن ۽ چاليها ڪديا اٿس ۽ اقبال کي ننڍپڻ ۾ باطني

(١) مڪاتيب اقبال نمبر ٣٥

وڏيڪ لکيو اٿس:

همت هو اگر تو ڈهونڈ وه فقر جس فقر کی اصل هے حجازی
اس فقر سے آدمی میں پیدا الله کی شان بے نیازی
یه فقر غیور جس نے پایا بے تیغ و سناں هے مرد غازی

## صبح جو اُٿڻ:

اقبال جي عادت هوندي هئي ته آڌي رات جو اٿندو هو ۽ عبادت ڪندو هو ولايت ۾ به جتي ٿڌ گهڻي هوندي هئي ته اٿڻ کان نه ڊڄندو هو. تهجد پڙهندو هو ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪندو هو. اها ڳالهه اسان کي ٽن ذريعن سان معلوم ٿئي ٿي، هڪڙو ته سندس خادم علي بخش جو بيان آهي ته "جڏهن ڀاٽي گيٽ ۾ رهندا هئاسين ته هڪ پيري پورا ٻه مهينا لاڳيتو تهجد پڙهندو رهيو. قرآن اهڙي خوش الحاني سان پڙهندو هو جو طبيعت گهرندي هئي ته جيڪر ويهي ٻڌندو رهجي. ٻيو ته سندس پاڙيسري جنهن جو بنگلو آمهون سامهون هو ڪيس راتين جو نمازون پڙهندي ڏسندو هو. ٽيون ته آهي خط جي علامه دوستن کي لکيا هئا، جن ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر اچي ويو آهي.

٣١- آڪٽوبر سنه ١٩١٣ع ۾ مهاراجه سر ڪشن پرشاد کي هڪ خط ۾ لکيو اٿس، "لاهور جون حالتون ساڳيون آهن. سردي پئي اچي، جو ڪڏهن ڇهين بجي ڪڏهن ٽين بجي اُٿان ٿو. ان کانپوءِ ننڊ سمهان سواءِ ان جي جو ڪڏهن مصلي تي پنڪيون ڪائي وٺان."

١١- جون سنه ١٩١٨ع واري خط ۾ رقمطراز آهي، "انشاءالله سڀاڻي صبح جو نماز کانپوءِ دعا گهرندس. ڪالهه رمضان جو چنڊ ڏسڻ ۾ آيو. اڄ پهرين تاريخ رمضان جي آهي. بنده روسياه ڪڏهن ڪڏهن تهجد جي لاءِ اٿندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات جاڳندي گذري وڃي ٿي، تنهن ڪري خدا

جي فضل سان تهجد کان اڳي ۽ بعد ۾ دعا گهرندس. اهڙي وقت ۾ خدا جي عبادت ۾ لذت پيدا ٿيندي آهي. عجب نہ آهي تہ دعا قبول ٿي وڃي(١).

## خطاب:

اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ اقبال تعليم ۾ چڱو نالو ڪڍيو ۽ ايم-اي فلسفہ ۽ انگريزي ۾ پهرئين نمبر ۾ پاس ڪري ولايت ۾ بہ فلسفہ ۾ چڱو نالو ڪڍيائين ۽ جرمنيءَ مان بہ فلسفہ ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪيائين، جنهن جي ڪري ولايت جي وڏن فيلسوفن ۾ هن جو نالو پڌجڻ ۾ آيو. سنہ ١٩١٥ع ۾ ڊاڪٽر صاحب هڪ فلسفيانہ مثنوي اسرار خودي جي نالي سان شايع ڪرائي. پروفيسر نڪلسن ان جو ترجمو انگريزي ۾ شايع ڪرايو، جنهن جي ڪري ڊاڪٽر اقبال جو نالو يورپ ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. سندس انهيءَ ڪتاب تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو هو ۽ تعريف ڪئي ويئي- برطانيہ گورنميںٽ تي بہ ان جو ڏاڍو سٺو اثر ٿيو، تنهن ڪري جنوري ١٩٢٣ع ۾ برٽش حڪومت کيس سر جي خطاب سان نوازيو. ڊاڪٽر صاحب ٢٤- جنوري ١٩٢٣ع ۾ مهاراجہ سر ڪشن پرشاد کي لکيو ته، ”سرڪار منهنجي خطاب بابت جيڪي پڌو آهي، سو صحيح آهي. هيءَ اسرار خودي جو انگريزي ترجمو ٿيڻ ۽ ان تي يورپ ۽ امريڪا ۾ گهڻا تبصرا ڇپجڻ جو نتيجو آهي“.

ڊاڪٽر اقبال جي انهي اعزاز تي لاهور جي هندن، سکن ۽ مسلمانن هن کي جهانگير جي مقبري ۾ هڪ وڏي پارٽي ڏني، جنهن ۾ پنجاب جي جدا جدا شهرن مان وڏا اڪابر ۽ اهل علم ۽ پنجاب جو گورنر بہ آيو، جتي ڊاڪٽر اقبال پنهنجي تقرير ۾ ٻڌايو تہ هو پنهنجي تصنيف پيام مشرق جرمن شاعر گوئٽي جي

(١) سيرت اقبال صفحہ ١٠

جواب ۾ لکي رهيو آهي. دوستن جي زور ڪرڻ تي سنه ١٩٢٦ع ۾ ڊاڪٽر اقبال صاحب ڪائونسل جي ممبري لاءِ بيٺو. ماڻهن ڏاڍي مدد ڪئي ۽ بنان ڪنهن خرچ جي چونڊجي ويو. ڪائونسل ۾ وڃي ڊاڪٽر اقبال مسلمانن جي سياسي، قومي ۽ تعليمي مدد ڏاڍي چڱي ڪئي ۽ اتي به پنهنجو نالو ڪڍيو.

## اسلام تي ليڪچر:

چند سالن کان مدراس ۾ هڪ امريڪن عيسائي جي مدد سان مدراس يونيورسٽي ۾ شاگردن کي حضرت مسيح عليہ السلام جي سوانح تي عيسائي مذهب بابت ليڪچرن جو بندوبست ڪيو ويو هو. ان کي ڏسي مسلمانن به همت ڪئي. پهرياڻين مولانا سيد سليمان ندوي سنه ١٩٢٥ع ۾ سيرت نبوي تي اٺ ليڪچر ڏنا، جي خطبات مدراس جي نالي سان ڇپجي چڪا آهن. پوءِ ڊاڪٽر اقبال سنه ١٩٢٨ع ۾ اسلام تي ڇهه فلسفيانہ ليڪچر ڏنا جي ”ريڪنسٽرڪشن آف ريليجيس ٿاٽ ان اسلام“ جي نالي سان سنه ١٩٣٠ع ۾ شايع ڪيا ويا. مدراس ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڍي آجيان ڪئي ويئي. هن کي ڪيترائي سپاسناما ۽ دعوتون ڏنيون ويون.

مدراس کانپوءِ ڊاڪٽر صاحب ميسور ويو. جتي گورنمينٽ جو مهمان ٿي رهيو. ميسور، بنگلور ۽ سرنگاپٽم جو سير ڪيائين. ميسور يونيورسٽي ۽ ٽائون هال ۾ ليڪچر ڪيائين. ميسور کان ٿيندو، ڊاڪٽر اقبال حيدرآباد دکن ۾ نظام سرڪار جو مهمان ٿي رهيو. ١٨- جنوري سنه ١٩٢٩ع ۾ اعليٰ حضرت نظام دکن سان باريابي جو شرف حاصل ڪيائين ۽ اعليٰ حضرت وٽ قيمتي چمڪندڙ هيري ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين، جنهن ان هيري ڏسڻ جي کيس اجازت ڏني. مهاراجه سرڪشن پرشاد بهادر ڊاڪٽر صاحب جي اعزاز ۾ بزم سخن منعقد ڪئي. ڊاڪٽر صاحب پوءِ ان مشهور هيري جي ڏاڍي جوش سان تعريف ڪئي آهي.

## مسلم ليگ جي صدارت:

ڊاڪٽر اقبال ڏاڍو دير سان سنه ١٩٢٦ع ۾ سياست ۾ ڀرو ورتو هو، پر ٿن سالن جي اندر هن سياست ۾ ڏاڍي محنت ڪئي، جنهن مان هن جي قابليت سڀني تي واضح ٿي ويئي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ هن پنهنجي لاءِ شهرت حاصل ڪري ورتي، اهڙيءَ طرح ٿوري عرصي ۾ سياسي وقار حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هن کي ڊسمبر سنه ١٩٣٠ع ۾ الھ آباد مسلم ليگ جي صدارت سان نوازيو ويو. ان ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر اقبال جو سڀ ڪان وڏو ڪارنامو هي هو ته هن پنهنجي خطبہ صدارت ۾ پاڪستان جو نظريو پيش ڪيو، جنهن تي پهريائين قومي ۽ سياسي حيثيت سان گهڻا اعتراض ٿيا ۽ ان کي شاعر جو هڪ تخيل سمجهيو ويو، پر گهڻن مرحلن طئي ڪرڻ ڪان پوءِ مسلمانن جو متفق نظريو مقرر ڪيو ويو. ٢٢- مارچ سنه ١٩٤٠ع قائداعظم محمدعلي جناح جي صدارت ۾ جيڪو مسلم ليگ جو جلسو لاهور ۾ ٿيو تنهن ۾ پاڪستان جي هن نظريه تي سر شاهنواز خان پٽو، نواب ممدوت ۽ قائداعظم محمد علي جناح ڏاڍيون مدلل ۽ زوردار تقريرون ڪيون. پٺي ڏينهن بنگال جي وزيراعظم مولوي فضل الحق هن نظريه کي ريزوليوشن جي شڪل ۾ پيش ڪيو، جنهن تي سڀني صوبن جي نمائندن ان جي فائدي ۾ تقريرون ڪيون ۽ اهو ريزوليوشن اتفاق راءِ سان پاس ٿي ويو. پوءِ قائداعظم هدايت ڪئي ته ١٩- اپريل سنه ١٩٤٠ع تي هرهنڌ انهيءَ ريزوليوشن جي تائيد ڪئي وڃي، تنهن ڪري ساري هندستان ۾ ان جي ڏاڍي زور ۽ شور سان تائيد ڪئي ويئي. اهڙي طرح ڊاڪٽر اقبال جو پاڪستان جو خواب سنه ١٩٣٠ع ۾ ڏٺو هو، تنهن جي تعبير ڏهن سالن ڪانپوءِ نڪتي. انهيءَ خواب جو نتيجو هو جو پوءِ مسلمانن ۾ سياسي جوش پيدا ٿيو. هاڻي هي خواب واقعو بنجي چڪو آهي ۽ پاڪستان قائم ٿي ويو آهي.

## ٻي گول ميز ڪانفرنس:

ڊاڪٽر اقبال ڪافي سياسي شهرت حاصل ڪري چڪو هو. مسلم ليگ جي صدارت ڪانپوءِ ڪيس ٻيو سياسي اعزاز هيءُ مليو جو هو ٻي گول ميز ڪانفرنس لاءِ ميمبر چونڊيو ويو. هيءَ ڪانفرنس ١٧- سيپٽمبر سنه ١٩٣١ع کان شروع ٿي. ١- ڊسمبر ١٩٣١ع جو ختم ٿي. ان ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ سان ڊاڪٽر صاحب کي گهڻن فاضلن ۽ اڪابرن سان ملڻ جو ۽ تبادلهٔ خيالات ڪرڻ ۽ ملاقات جو موقعو مليو. موٽندي وقت هو فرانس جي مشهور فيلسوف پروفيسر برگسان سان ملندو آيو. برگسان جي نظريي ”واقعيت زمان“ کي ڊاڪٽر اقبال اسلامي نقطهٔ نگاهه کان گهڻو وڌيڪ ويجهو سمجهندو هو. ٻنهي جو ان نظريہ تي بحث ٿيو. ڊاڪٽر صاحب برگسان کي هيءَ حديث ٻڌائي ته ”زماني کي برو نہ چئو جو زمانو خود خدا آهي“. برگسان ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ اکين وڌندي پڇيو، ”ڇا هيءَ سچ آهي؟“ ان کان وڌيڪ اهم مسوليني سان ملاقات آهي، جا روم ۾ ٿي ڊاڪٽر صاحب مسوليني جو حسن اخلاق ۽ هن جو ظاهري شان ۽ شوڪت، ڪشادي ڇاتي ۽ مضبوط جسم ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو. مسوليني اسرار خودي جو انگريزي ترجمو پڙهيو هو ۽ ڊاڪٽر صاحب جي خيالات کان متاثر هو، تنهن ڪري گهريائين ٿي ته اٽليءَ جي نوجوانن لاءِ ڪجهه نصيحت ڪري. ڊاڪٽر اقبال مادي قوت جو برابر معترف هو پر هن جو هيءُ نظريو بہ هو تہ ان سان گڏ روحاني قوت جي بہ آميزش هئڻ گهرجي پر اها ٻي قوت يورپ ۾ مفقود هئي، تنهن ڪري جواب ڏنائين تہ ”اٽلي هڪ نوجوان قوم آهي ۽ جيڪڏهن صحيح واٽ اختيار ڪرڻ گهري ٿي تہ ان کي مغرب جي زوال آيل تهذيب کان منهن موڙي مشرق جي روحاني ۽ زندگي بخشيندڙ تهذيب جي طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي(١).

(١) اقبال ڪامل صفحہ ٣٧

ان ملاقات ۾ سڀ کان اهم گفتگو مذهب ۽ قوميت تي ٿي. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته اٽليءَ جي موجوده حالت بالڪل اسلام کان اڳي وانگر ايران جي هئي. ايران جي تهذيب پراڻي ۽ قوم جي طاقت سست ٿي چڪي هئي. انهن کي تازي رت جي ضرورت هئي. خوش قسمتي سان ايران جي ويجهو عرب جي بهادر ۽ جري قوم هئي، جنهن ايران کي پنهنجو تازو ۽ خالص خون ڏنو، جنهن جو هي نتيجو ٿيو ته ايران ۾ حياتيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي ۽ هيءَ قوم شان سان، پر تهذيب جي حامل ۽ علم بردار ٿي. عربي خون جي ڪري ان ۾ بهترين اهل فن، اهل سياست ۽ اهل شمشير پيدا ٿيا. ساڳيءَ طرح روم جي زوال کانپوءِ گاٿ ۽ جرمن قومن اٽليءَ کي پنهنجو رت ڏنو، جنهن جي ڪري وچولي عهد ۾ ان کي نشاة ثانيه نصيب ٿي. هاڻي وري ايران ۽ اٽلي کي تازي رت جي ضرورت آهي. انهيءَ لحاظ کان ايران اڃا خوش نصيب آهي، جو ان جي اتر ۾ بهادر ۽ نيم مهذب ترڪمان موجود آهن ۽ مغرب ۾ عرب جا اندريان جري قبيلا. اهي قومون پنهنجو رت ڏيئي ايران کي زنده ۽ طاقتور ڪري ڇڏينديون. پر موجوده اٽليءَ جي چوڌاري انهيءَ جهڙيون مهذب قومون آباد آهن، جن ۾ صحرائي وحشت ۽ تازگي ذالي ماتر موجود نه آهي. اٽلي تازو خون ڪٿان آڻيندي؟ مسوليني ان انوکي خيال کان متاثر ٿيو(١).

ڊاڪٽر صاحب تي مسوليني جي شخصيت ۽ روم جي قديم عظمت جو خاص اثر پيو جو چوي ٿو:

سواد رومۃالکبریٰ میں دلی یاد آتی ہے
وہی عزت وہی عظمت وہی شان دلآویزی

روم اڪيڊمي ڊاڪٽر صاحب کي تقرير ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ هن جي بعض ڪلام جو اٽلي جي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايو ويو. ڊاڪٽر صاحب اسپين جو به سفر ڪيو، ڇاڪاڻ ته هن کي

(١) آثار اقبال صفحه ٧٤—٧٥

رکن ٿيون. دانتي جي جڳ مشهور تصنيف "ڊيانياڪاموڊيا" ۾ اهو اثر صفحه صفحه تي نظر اچي ٿو. پروفيسر آسين، ڊاڪٽر صاحب کي اها خواهش ڏيکاري ته هندستان جا مسلمان شاگرد اسپين ۾ اچي انهيءَ ملڪ جي ٻولي سکي اسڪوريال ۾ ٻين ڪتبخانن ۾ بند پيل مخطوطن جو مطالعو ڪري تحقيق ڪن. ڊاڪٽر صاحب اسپين ۾ ڏسڻ جي قابل جاين کي ڏسي ۽ سير ڪري سنه ١٩٣٢ع ۾ واپس ٿيندي. موتمر اسلاميه ۾ شامل ٿيڻ لاءِ بيت المقدس ويو (١).

## افغانستان جو سفر:

افغانستان جي بادشاهه نادر شاهه کي هندستان جي عالمن، فاضلن ۽ تعليم جي ماهرن سان صلاح مصلحت ڪرڻ جو ارادو هو، تنهن ڪري هن مولانا سيد سليمان ندوي، ڊاڪٽر سر محمد اقبال ۽ سر راس مسعود کي دعوت ڏيئي افغانستان گهرايو. پاسپورٽ دير سان ملڻ جي سبب علامه سيد سليمان ندوي، سر محمد اقبال ۽ سر راس مسعود ڪانپوءِ افغانستان پهتو. تنهي جي رهڻ جو بندوبست ڪابل جي شاهي مهمان خاني ۾ ڪيو ويو هو. جابجا دعوتون ۽ پارٽيون ڪيون ويون. مثنوي مسافر ۾ ڊاڪٽر اقبال افغانستان جي بادشاهه نادرشاهه سان ملاقات جو احوال لکيو آهي. سڀ کان اهم دعوت ڪابل جي ادبي انجمن ڏني هئي، جنهن ۾ افغانستان جي مشهور شاعر جناب قاري عبدالله خان خيرمقدم جي عنوان سان هڪ نظم تنهي مهمانن جي شان ۾ پڙهيو. ان نظم کانپوءِ مهمانن تقريرون ڪيون. ڊاڪٽر اقبال پڇاڙيءَ ۾ پُر اثر فلسفيانه تقرير ڪئي جا ڏاڍي پسند ڪئي ويئي. موٽڻ وقت غزنين ۽ قندهار مان ٿيندا آيا، جو ڊاڪٽر صاحب کي غزنين ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. بازار غزنين ڏسڻ کانپوءِ شام جو ملا قربان جي رهبري ۾ پراڻي غزنين جو سير ڪيائون.

(١) رسالو اردو اقبال نمبر صفحه ١٠٥٦

آتي ٽن درگاهن جي زيارت ڪيائون، حڪيم سنائي، سلطان محمود غزنوي ۽ حضرت داتا گنج بخش جي پيءُ جي درگاهه، پوءِ حڪيم سنائي جو مطب ڏٺائون جو هڪ تنگ ۽ اونداهي گهٽيءَ ۾ هو. جڏهن قنڌار پهتا ته اتي خرقه شريف جي زيارت ڪيائون. مثنوي مسافر ۾ ڊاڪٽر صاحب خرقه جو ذڪر ڪيو آهي:

خرق آن برزخ لايبغيان   ديد مش در نڪته لي‌خرقتان

هي مصرع ۾ ان حديث جي طرف اشارو ڪيل آهي- لي خرقتان الفقر و الجهاد، يعني منهنجا ٻه خرقا هڪ فقر ٻيو جهاد.

باب ڏهون

# اقبال جون تصنيفون

علامه اقبال جي تصنيفن کي چئن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:-

١- اردو ۾: (١) علم الاقتصاد، (٢) بانگ درا، (٣) بال جبريل، (۴) ضرب کليم

٢- فارسي ۾: (٥) اسرار خودی، (٦) رموز بيخودی، (٧) پيام مشرق، (٨) زبور عجم، (٩) گلشن راز جديد، (١٠) (بندگي نامه) سان، (١١) جاويد نامه، (١٢) پس چه بايد کرد اي اقوام شرق، (١٣) (مسافر) سان، (١۴) ارمغان حجاز (اُن ۾ ضرب کليم ۽ اقوام شرق و مسافر جي بعد جو فارسي ۽ اردو ڪلام گڏ آهي)

٣- انگريزي ۾: (١٥) ملت بيضا تي هڪ عمراني نظر، (١٦) ايران ۾ فلسفه مابعدالطبعيات جي ارتقا، (١٧) اسلام جو مذهبي تخئيل

۴- اڻڇاپيل ڪلام: (١٨) دنيا جي تاريخ (جرمني ٻوليءَ ۾)

هاڻي اقبال جي تصنيفن تي هيٺ زماني جي حيثيت کان هڪ نظر وجهون ٿا.

## علم الاقتصاد:

هيءَ ڪتاب اقتصاديات (Economics) تي لکيل آهي. اقبال جي شروعاتي زماني جي تصنيف آهي. اقبال جڏهن لاهور

رهنمائي ڪري ٿو. ڪتاب ڪي تاريخي اهميت آهي ۽ موجوده دور جا مستشرقين ان ڪتاب جا حوالا ۽ اقتباس اڃا تائين پيش ڪن ٿا.

## ملت بيضا تي هڪ عمراني نظر:

علامه اقبال ان عنوان سان سنه ١٩١٠ع ۾ سياري جي شروعات ۾ علي ڳڙهه ڪاليج جي اسٽريچي هال ۾ انگريزي ۾ ليڪچر ڏنو هو. نالي مان ئي معلوم ٿو ٿئي ته اهو اسلام تي مجلسي ۽ معاشي نقطه نظر ڪان هڪ بحث آهي. ان کي متئين نالي سان مولانا ظفر علي خان صاحب مئي سنه ١٩١١ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ لاهور جي برڪت علي هال ۾ خود هڪ جلسي ۾ پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ علامه اقبال به حاضر هو. هي ترجمو بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ ۾ آيو.

## اسرار خودي:

هيءَ ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾ اقبال جو پهريون ڪتاب آهي، جو خودي جي فلسفه تي لکيو ويو آهي. سنه ١٩١٤ع ۾ علامه اقبال ان جا ڪجهه ٽڪرا ٻڌايا هئا، پر سنه ١٩١٥ع ۾ هي ڪتاب پورو ڇاپجي ويو. يورپ ۽ امريڪا ۾ جو ڊاڪٽر صاحب جي شهرت ٿي، سا انهي ڪتاب جي ڪري هئي. ڊاڪٽر نڪلسن ان جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو ۽ يورپ ۾ ۽ امريڪا ۾ ان تي تبصرا ڪيا ويا ۽ اهڙيءَ طرح مغربي دنيا ڊاڪٽر صاحب جي فڪر ڪان واقف ٿي. هي ڪتاب سر سيد علي امام جي نالي تي معنون ڪيل آهي ۽ ان جو ديباچو ڊاڪٽر صاحب پاڻ لکيو آهي.

لفظ خوديءَ ڊاڪٽر صاحب عام طرح غرور جي معنيٰ نه ورتي آهي، بلڪ ان جو مفهوم ”نفس جو احساس“ يا ”ذات جي تعين“ جي آهي. بيخودي جو مرڪب لفظ آهي

موجوده زماني جي انهن سيني غلط نظرين کي باطل ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي هن افراد ۽ ملت بابت قائم ڪيا هئا ۽ انهن جي بقا جي حفاظت، تسلسل ۽ ترقيءَ جي لاءِ صحيح رهنمائي ڪئي. تنهن کانپوءِ انهن ٻنهي مثنوين ۾ جيڪي لکيائين تنهن ۾ اڃا ڪجهه رهجي تو وڃي، تنهن جي لاءِ بعد ۾ جيڪي ڪي تصنيف ڪيائين، تن انهيءَ کوٽ جي پورائي ڪري ڇڏي. اها کوٽ هيءَ هئي ته اهڙي مخصوص شڪلين جي جماعت جو زوال ٻري ڪرڻ ۽ ان جي زندگي مضبوط ۽ محڪم ڪرڻ جا عملي اصول ڪهڙا آهن؟

بعد جي تصنيفن ۾ انهيءَ سوال جو جواب ڏاڍي ڪشادگيءَ سان ڏنو ويو آهي.

## پيام مشرق:

هيءَ علامه جي فارسي تصنيف آهي، جا سنه ١٩٢٢ع ۾ شايع ٿي آهي ۽ ڪتاب امير امان‌الله خان جي نذر ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ١- لالهٔ طور جي نالي سان قطعه نما رباعيون آهن، جن ۾ لطف زبان سان گڏ خوديءَ جا وجد آفرين رموز بيان ڪيا ويا آهن ، ٢- پوءِ افڪار جي عنوان سان جدا نظم آهن، جي مختلف موضوعن تي لکيل آهن. فصل بهار ڪشمير ۽ ساقي نامه جي عنوان سان نظم قابل داد آهن ۽ فارسي زبان جو رنگين تخئيل آهن، ٣- ان ۾ ’مئي باقي‘ جي عنوان سان غزل آهن. ”مئي باقي“ حافظ شيرازيءَ جي مصرع مان (بدهه ساقي مئي باقي) جو هڪ ٽڪرو آهي ۽ حافظ جي رنگ ۾ مستانه غزل لکيل آهن ، ٤- نقش فرنگ جي عنوان سان مغرب جي حڪما ۽ مشاهير جهڙوڪ: نطشي، برگسان، هيگل، ٽالسٽائي ۽ هائنا وغيره تي شاعرانه انداز ۾ پرلطف تبصرا آهن. هيءَ ڪتاب جرمنيءَ جي مشهور شاعر گوئٽي جي ”مغربي ديوان“ جي جواب ۾ لکيو ويو هو. علامه اقبال، سيد سليمان ندوي کي هڪ خط جو ١٠-آڪٽومبر ١٩١٩ع

۾ لکيائين ته ”في الحال آءٌ هڪ مغربي شاعر جي ديوان جي جواب ۾ ڪجهه لکي رهيو آهيان، جنهن جو قريباً اڌ ڀاڱو لکجي چڪو آهي. ڪجهه نظم فارسيءَ ۾ هوندا ڪجهه اردو ۾(١).

پر پيام مشرق جو جيڪو نسخو اسان وٽ آهي، تنهن ۾ اردو جو نظم نظر نٿو اچي. گوئٽي جي ”مغربي ديوان“ جي لاءِ جرمن اسرائيلي شاعر هائينا لکي ٿو ”هيءَ هڪ عقيدي جو گلدستو آهي جو مغرب مشرق کي موڪليو آهي.... ان ديوان مان ان ڳالهه جي شاهدي ملي ٿي ته مغرب پنهنجي ڪمزور ۽ سرد روحانيت کان بيزار ٿي مشرق جي سيني مان حرارت جو ڳولائو آهي“(٢).

علامه اقبال ان تحريڪ تي نظر وڌي آهي، جنهن کي الماني ادب جي تاريخ ۾ تحريڪ مشرقي جي نالي سان سڏيو ويو آهي، علامه اقبال لکي ٿو، ”پيام مشرق“ بابت، جو ”مغربي ديوان“ کان سو سال بعد لکيو ويو آهي، مون کي ڪجهه عرض ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ناظرين خود اندازو ڪري وٺندا ته ان جو مقصد گهڻو ڪري انهن اخلاقي، مذهبي ۽ ملي حقيقتن کي پيش نظر آڻڻو آهي، جن جو واسطو فردن ۽ قومن جي باطني ترتيب سان آهي.... مشرق ۽ خاص طرح اسلامي مشرق صدين جي مسلسل ننڊ کانپوءِ اک پٽي آهي، پر مشرقي قومن کي هي محسوس ڪري وٺڻ گهرجي ته زندگي پنهنجي آس پاس ڪنهن قسم جو انقلاب پيدا ڪري نٿي سگهي جيسين ان جو وجود پهرين انسانن جي ضمير ۾ شڪل اختيار نٿو ڪري، زندگيءَ جو اهو اٽل قانون زندگيءَ جي فردي ۽ اجتماعي ٻنهي پهلوئن تي حاوي آهي ۽ مون پنهنجي فارسي تصنيفن ۾ انهيءَ صداقت کي مدنظر رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي(٣).

(١) اقبال نامه صفحه ١٠٧

(٢) سيرت اقبال صفحه ٢٥٢

(٣) سيرت اقبال صفحه ٢٥٣

گوئٽي پنهنجي ديوان ۾ مغرب جي روحانيت جي گم هجڻ جو ماتم ڪيو هو ۽ مغرب کان ان پيغام جو اميدوار هو. اقبال جي زبان سان سو سالن کانپوءِ اهو پيغام ملڪن جي نالي پورو ٿيو. تنهن ڪري پيام مشرق ۾ اخلاق، مذهب ۽ معاشرت جا اهي سبق ملن ٿا، جي افراد ۽ ملت جي زندگيءَ جي تشڪيل جا ذمه دار بنجي سگهن ٿا. يورپ جي تصوير انهن تخيلات جي هيٺ ڪئي ويئي آهي جي مشرق مغرب بابت قائم ڪيا آهن، تنهن ڪري مغربي عقيدن ۽ نظرن جا نقص ڏيکاري اقبال ٻڌايو آهي ته يورپ جي لاءِ صحيح شاهراه ڪهڙي آهي، علامه پنهنجي هن پيغام ۾ ثابت ڪيو آهي ته مغرب جي ماديت جوش ۽ زندگيءَ کان خالي آهي ۽ احساس، جوش، حرڪت، عمل ۽ عشق جي جذبات پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ۽ يورپ کي چتائي ڇڏيو آهي ته بنان روحانيت جي درس حاصل ڪرڻ جي زندگي اعلىٰ درجي تي پهچي نٿي سگهي"(١).

## بانگ درا:

اِن ڪتاب ۾ اقبال جي شاعريءَ جي ٽن دورن جو اردو ڪلام آهي، هيءُ ڪتاب سنه ١٩٢٤ع ۾ شايع ڪيو ويو. ابتدائي نظم، جي مخزن وغيره ۾ ڇاپيا يا انجمن حمايت اسلام جي جلسن ۾ پڙهيا ويا هئا، سي ان مجموعي ۾ شامل نه آهن. فرياد امت ۽ تصوير درد جا سڀ ٽڪڙا شامل نه آهن پر جدا ڪتابي صورت ۾ اڳي ڇاپيل آهن. نالهٔ يتيم، شڪوه، شمع و شاعر، جواب شڪوه، خضر راه ۽ طلوع اسلام جي ڪتابي صورت ۾ مقبول هئا، هائي به ان ڪتاب ۾ داخل آهن، هر دور جا غزل به ان ۾ شامل آهن، ليڪن زماني جي شروعات جي گهڻن غزلن کي شامل ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويو. پڇاڙيءَ ۾ ڪجهه اڪبر الهٰ آبادي جي رنگ ۾ ظريفانه ڪلام به شامل ڪيو ويو

(١) سيرت اقبال صفحه ٢٥٣

ڪي جديد علمن جي روشنيءَ ۾ حل ڪري علمي دنيا تي ان جو اثر ۽ لاڳاپو ظاهر ڪيو آهي. ٣- ڇوٿون هڪ تمام ننڍي مثنوي "بندگي نامہ" آهي، جنهن ۾ غلامن جي فنون لطيفہ جهڙوڪ: موسيقي، مصوري ۽ مذهب تي بحث ڪيل آهي ۽ هيءَ ڏيکاريو اٿس تہ غلامن جي فنون لطيفہ ۾ روح بالڪل نٿو ملي. انهن ڇئن ڀاڱن ۾ اصل شيءِ پهريون ۽ ٻيو ڀاڱو آهي ۽ اهي ٻئي ڀاڱا زبور عجم جي جان سڏائي سگهجن ٿا.

## جاويد نامہ:

ان ڪتاب جي ابتدا سنہ ١٩٢٩ع ۾ ڪئي هئائين ۽ ٽن سالن ۾ ان کي پورو ڪيائين. سنہ ١٩٣٢ع ۾ اهو شايع ٿي ويو. جاويد نامہ ۾ هن مغرب جي ٻئي هڪ وڏي شاعر ڊانٽي جو جواب ڏنو آهي.

ان ڪتاب ۾ اقبال آسمانن جو سير ڪري ٿو. انهيءَ رنگ ۾ جدا جدا مصنفن پنهنجن ڪتابن ۾ پنهنجن طريقن تي لکيو آهي، جهڙوڪ ڊانٽي اٽلي جو مشهور شاعر جنهن پنهنجو ڪتاب "ڊيوائين ڪاميڊي" نالي لکيو. ان ڪتاب تي يورپ ۾ ڏاڍيون گهڻيون ۽ اهم تنقيدون ٿيون آهن ۽ ان حقيقت کي پايہ ثبوت تي پهچايو ويو آهي تہ ان ڪتاب جي آسماني ڊرامي جو پلاٽ بلڪ ان جا گهڻا تفصيلي منظر انهن واقعن تي مبني آهن جي اسلام ۾ معراج محمديہ بابت بعض حديثن ۽ روايتن ۾ ذڪر ٿيل آهن يا بعد ۾ ڪن مشهور صوفين يا اديبن جي ڪتابن ۾ آهن(١).

بعض صوفين جهڙوڪ شيخ محي‌الدين ابن عربي پنهنجي مشهور ڪتاب "فتوحات مڪہ" ۾، ۽ بعض اديب جهڙوڪ "ابوالعلاء معري" الغفران رسالي ۾ خود پنهنجي سياست علوي ۽ مشاهدهٔ تجليات جو ذڪر ڪيو آهي. ابن عربي انهيءَ سياحت

(١) اقبال ڪامل صحفہ ١٠١

علوي ۾ ٻن ڇڙن کي جن ۾ هڪڙو فيلسوف ٻيو عالم دين ٻنهي کي پنهنجو ساٿي ۽ رهنما بنايو آهي ۽ انهن جي وات مان سڄي دنيا جا علم ۽ فن، مسئلا ۽ بحث بابت اهڙي نموني سان اظهار خيال ڪيو آهي جڻ اهي سڀئي خيالات اُهي انڪشافات آهن جي پاڻ ان جي قلب تي ان معراج ۾ القا ڪيا ويا(١).

ابوالعلاء معري پنهنجي هڪ دوست شاعر جي جواب ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ ان طنز جي نموني انهن شاعرن ۽ اديبن کي خدا جو مورد ڪتاب ٺهرايو آهي، جن گنهگارن جي زندگي بسر ڪئي هئي. معري رسالہ الغفران ۾ ادبي رنگ ۾ پنهنجي بهشت ۽ دوزخ جو سير ڏيکاريو آهي ۽ خدا جي رحمت جي وسعت کي واضع ڪرڻ جي لاءِ بدڪارن، گنهگارن ۽ جاهليت جي زماني جي شاعرن کي جن نيٺ مرڻ کان اڳي توبه ڪري ورتي هئي مغفرت ۽ رحمت جي لائق ۽ جنت ۾ داخل ٿيندي ڏيکاريو آهي. حيات ما بعدالموت جي حقيقتن جي کولا ۾ ابن عربي ۽ دانتي ٻنهي ستن ستارن (ڪن حالتن ۾ نو) جي سير مان گذري بهشت ۽ دوزخ ۽ اعراف جي فضائن جا نقشا چِٽيا آهن(٢).

انهن سڀني ڳالهين کي سامهون رکي جيڪڏهن جاويد نامہ جو مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ علامہ اقبال جي ترتيب بہ اهڙي آهي جهڙي ٻين جي، فقط ڪٿي ڪٿي ڪجهہ فرق ضرور نظر ٿو اچي(٣).

## تشڪيل جديد الاهيات اسلاميہ:

هيءَ ڪتاب مجموعو آهي، انهن ڇهن خطبن جو، جي علامہ اقبال مدراس، حيدرآباد ۽ ميسور ۾ ڏنا هئا. ان جو انگريزي اصل نالو هو، ”سڪس ليڪچرس آن دي ريڪنسٽرڪشن آف

---

(١) اقبال ڪامل صفحہ ١٠١

(٢) (٣) ايضاً صفحہ ١٠٢

ريليجيس ٿاٽ اِن اسلام“، پر ان ٽالي مان ڇهن ليڪچرس جا لفظ ڪڍيا ويا ۽ رکيو ”دي ريڪنسٽرڪشن آف ريليجيس ٿاٽ اِن اسلام“ نالو رکيو ويو ۽ ٻئي نسخي ۾ ڇهن جي بدران ست ليڪچر ڪيا ويا. تشڪيل جديد الاهيات اسلاميه جو عنوان به علامه اقبال جو رکيل آهي. ان ۾ آيل ستن ليڪچرن جا نالا آهن: ١- علم ۽ مذهبي مشاهدات، ٢- مذهبي مشاهدات جا فلسفيانه معيار، ٣- ذات الٰهيه جو تصور ۽ حقيقت دعا، ٤- خودي، جبر و قدر، حيات بعد الموت، ٥- اسلامي ثقافت جو روح، ٦- الاجتهاد في الاسلام، ٧- ڇا مذهب جو امڪان آهي؟ مٿي ذڪر ڪيل مسئلن تي علامه اقبال اسلام ۽ فلسفه جي نقطهٔ نظر سان بحث ڪيو آهي، تنهن ڪري ان ڪتاب کي اسلامي علم ڪلام جي تاليف چوڻ نامناسب نه ٿيندو. ان ڪتاب جو ترجمو اردو ۾ سيد نذير نيازي علامه اقبال جي حياتيءَ ۾ ئي ڪندو رهيو، جنهن کي علامه خود پنهنجي نظر سان ڏسندو رهيو ۽ ترميمون ڪندو رهيو. اهي ترجما مولانا سيد سليمان ندوي جي نظر مان به نڪتل آهن. مولانا جي انتقال ڪانپوءِ اهي ائين پيا رهيا. جڏهن اهو بزم اقبال جي هٿ ۾ آيو ته وري به ڪم سيد نذير نيازي کي سونپيو ويو، جنهن ان کي پورو ڪري بزم اقبال کي ڏنو، جنهن ان کي شايع ڪرائي ڇڏيو.

## بال جبريل:

هيءَ اردو ڪلام جو هڪ مجموعو آهي، جو سنه ١٩٣٥ع ۾ شايع ٿيو. بال جبريل ۾ شروعات ۾ اردو غزل آهن، پوءِ رباعيون ۽ قطعات ۽ سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ جدا جدا عنوان جي هيٺ نظم آيل آهن. بانگ درا جي گهڻي عرصي ڪانپوءِ ماڻهن جي هٿ ۾ جڏهن بال جبريل آيو تڏهن معلوم ٿيو ته علامه اقبال اردو ۾ لکڻ صفا ڪونه ڇڏيو آهي، جيئن عام طرح ماڻهن کي خيال هو. پنهي ڪتابن بانگ درا ۽ بال جبريل ۾ زمين ۽ آسمان

## پس چہ باید کرد اے اقوام شرق:

هيءَ مثنوي سنہ١٩٣٦ع مهيني سيپٽمبر ۾ شايع ٿي. ان جي نازل ٿيڻ جو شان ائين آهي تہ رياست ڀوپال ۾ هڪ رات خواب ۾ علامہ اقبال سر سيد احمد کي ڏٺو، جو کيس صلاح ڏيئي رهيو هو تہ تون پنهنجي بيماري جو حال ڇو حضور سرور ڪائنات صلى الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ بيان نٿو ڪرين؟ اک کلي تہ هيءُ شعر زبان تي هو:

با پرستاران شب دارم ستيز  باز روغن در چراغ من بريز

پوءِ ڪجھ شعر حضور صلى الله عليہ وسلم کي عرض ڪيا ويا. آهستي آهستي هندستان ۽ ان کان ٻاهر جي سياسي ۽ اجتماعي حادثن علامہ کي ايترو متاثر ڪيو جو انهن شعرن هڪ مستقل مثنوي جي صورت اختيار ڪئي(١).

ان مثنويءَ ۾ اقبال پير رومي جي واتان هيءَ خوشخبري ٻڌائي ٿو تہ "خاور از خوابگران بيدار شده" پوءِ روم اقبال کي صلاح ٿو ڏئي تہ وري اهل مشرق کي دين ۽ سياست ٻڌائي. ان تمهيد کانپوءِ اقبال اهو پيغام مشرق جي اڳيان تفصيل سان رکي ٿو. ڦهريائين ڪليمي حڪمت فرعوني حڪمت جون عادتون ڏيکاري ٿو، پوءِ انهن جي پاڙ ۾ پيٽ ڪري ٿو. ان کانپوءِ توحيد جو سبق ڏئي ٿو ۽ نفي ۽ اثبات کي "ساز و برگ امتان" ثابت ڪري ٿو. پوءِ فقر ۽ مرد حر جو ايمان افروز ۽ روح پرور تفصيل بيان ڪري ٿو. ان کانپوءِ شريعت ۽ طريقت جي اسرار ۽ رموز سان بحث ڪيو آهي. پوءِ هندستانين جي نفاق تي افسوس ڪري ٿو ۽ اتحاد جو سبق سيکاري ٿو. ان کان پوءِ موجوده سياست تي تبصرو ڪري ٿو ۽ عربن کي خطاب ڪندي، انهن کي سندن ماضي جو زمانو ياد ڏياري ٿو. پوءِ مشرق جي سڀني قومن کي خطاب ڪري، معلوم ڪرڻ ٿو گهري تہ هاڻي

---

(١) اقبال ڪامل صفحہ ١٠٥–١٠٦

ڇا ڪرڻ گهرجي؟ خودئي ان جو جواب ڏئي ٿو ۽ افرنگ جي سياست جو جادو ٽوڙي ايشيا جي قومن کي بيداريءَ جو نياپو پهچائي ٿو. پڇاڙيءَ ۾ سر سيد رحه جي هدايت موجب حضرت صلعم جي حضور ۾ فرياد ڪري ٿو.

ٻي مثنوي مسافر آهي، جا مٿين مثنوي کان اڳي جي لکيل آهي جا افغانستان جي سفر بابت چيل هئي. تمهيد ۾ نادر شاهه شهيد جي حمايت دين جي تعريف ڪيل آهي. پوءِ سرحد جي قومن کي خطاب ۽ نصيحت آهي ته ”مصطفىٰ جي دين جي رمز سمجهن ۽ پنهنجي اندر خودي جي تعمير ڪن“. جڏهن افغانستان پهچي ٿو ته شاعر بادشاهه نادر شاهه وٽ حاضر ٿئي ٿو پوءِ بابر، حڪيم سنائي ۽ محمود غزنوي جي درگاهن جي زيارت ڪري ٿو. سيني هنڌن تي هن کي پيغام ملن ٿا، جي دنيا کي پهچائي ٿو. خرقه مبارڪ جي زيارت ۾ دل ۾ طوفان اٿي ٿو ۽ وحشت طاري ٿي ٿئي، جنهن کي روڪڻ جي تعليم ملي ٿي، پر اٿين چٽي ٽاري ٿو ڇڏي، ”مستی و وارفتگی کاردان است“. احمد شاهه بابا جي مزار تي حاضري ڏئي ٿو ته کيس حڪم ملي ٿو ته ظاهر شاهه کي ملڪ ۽ دين جا اسرار ٻڌايو، جو ڪتاب جي پڇاڙي ۾ هن کي ٻڌايا وڃن ٿا ۽ مثنوي جو اٿين خاتمو ٿئي ٿو.

## ضرب کليم:

هيءُ ڪتاب جولائي سنه ١٩٣٦ع ۾ شايع ٿيو. پهرين ان جو نالو صور اسرافيل رکڻ ٿي گهريائين، پر پوءِ موجوده نالو رکيائين شايد بال جبريل جي هڪ شعر جي ڪري هجي جو آهي:

رشی کے فاقوں سے ٹوٹا نہ برہمن کا طلسم
عصا نہ ہو تو کلیمی ہے کار بے بنیاد

ان ڪتاب کي علامه اقبال نواب ڀوپال سر حميد الله خان جي

خدمت ۾ پيش ڪيو. تمهيد ڪانپوءِ ڪتاب جي ڪلام کي ڇهن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي. ١- اسلام ۽ مسلمان، ٢- تعليم ۽ تربيت، ٣- عورت، ٤- ادبيات فنون لطيفه، ٥- مشرق ۽ مغرب جي سياسيات، ٦- محراب گل افغان جا فڪر. بال جبريل جي تعليمات جو هيءُ ڪتاب ضميمو سڏي سگهجي ٿو. مٿي ڏيکاريل عنوانن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سياسي، مذهبي، ملي ۽ معاشرتي مسئلن بابت علامه جا جواهرن سان ڀريل فڪر قول فيصل جو حڪم رکن ٿا. منجهيل بحثن تي علامه صاحب ڏاڍي خوش اسلوبي سان پنهنجا فيصلا ڏنا آهن ۽ ان ۾ جيڪو انداز بيان استعمال ڪيو اٿس، سو علامه جي لاءِ ئي مخصوص آهي. محراب گل افغان جو هڪ فرضي نالو آهي، تنهن ۾ جيڪي ذڪر ڏنل آهن، افغان قوم جي لاءِ درس ۽ پيغام جي حيثيت رکن ٿا. اهو ان قوم جي ڇوٽڪاري جو واحد رستو آهي، بلڪ سڄي قوم ۽ ملت تي هڪجهڙو حاوي ۽ موافق آهي. بال جبريل سان گڏ ان ڪتاب جو مطالعو به نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ڪتاب به پنهنجن حقيقن ۽ نڪتن جي لحاظ کان اهميت ۽ مرتبو رکي ٿو.

## ارمغان حجاز:

علامه اقبال جي سڀ کان پوئين تصنيف ڪتاب ارمغان حجاز آهي. اهو ڪتاب علامه جي وفات ڪانپوءِ نومبر سنه١٩٣٨ع ۾ شايع ٿيو. هڪ ساڪ جذبو ان تصنيف جو سبب بڻيو. سنه١٩٣٧ع ۾ علامه اقبال کي حج وڃڻ جو ارادو ٿيو، حج جي شوق ۽ جذبي هن جي دل ۾ جوش ۽ مستي پيدا ڪئي، تنهن ڪري زبان ترنم ريز ٿي ۽ طبيعت ۾ آمد جو زور پيدا ٿيڻ لڳو ۽ رباعين تي رباعيون چوڻ شروع ڪري ڇڏيائين، ٿورن ڏينهن ۾ ڪتاب تيار ٿي ويو. مسودي کي ترتيب ڏيڻ به شروع ٿي. رباعيات ۽ قطعات کانسواءِ پڇاڙيءَ ۾ ڪجهه اردو نظم به

## باب چوٿون

# اقبال جي شاعري

### شاگرديءَ جو زمانو:

اقبال کي ننڍي هوندي کان شاعريءَ جو شوق هوندو هو، جو پنهنجي ياچائي کي بازار مان ننڍڙا منظوم قصا خريد ڪري ترنم سان پڙهي ٻڌائيندو هو. چون ٿا ته ننڍي هوندي پنجابيءَ ۾ شاعري ڪندو هو پر سندس استاد مولوي سيد مير حسن ڪيس اردو جي طرف رغبت ڏياري. اقبال سيالڪوٽ ۾ شاگرديءَ جي زماني ۾ شاعري شروع ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ زماني ۾ سيالڪوٽ ۾ هڪ ننڍڙو مشاعرو منعقد ٿيندو هو. ان ۾ اقبال شامل ٿيندو هو ۽ غزل لکي ويندو هو. مولوي مير حسن جي داد ڏيڻ تي اقبال جو حوصلو وڌيو. جڏهن اقبال تعليم لاءِ لاهور پهتو ته هن شاعريءَ لاءِ ميدان ڏاڍو سازگار پاتو. هڪ پاسي ڪواڊرينگل ڪمري ۾ شعرن پڙهڻ جي ڌوم هوندي هئي ته ٻئي پاسي انجمن حمايت‌اسلام جي ساليانه مشاعرن ۽ مجلسن ۾ استاد شاعر پنهنجا نظم پڙهندا هئا ته ٽئين پاسي بازار حڪيمان جي مجلس ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. سندس ڪاليج جي دوستن ڪيس انهن مجلسن ۾ بهرو وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهڙيءَ طرح هن شاعريءَ ۾ اڳتي قدم وڌايو.

### اقبال لاهور ۾:

انهيءَ زماني ۾ وڏا وڏا استاد شاعر بہ بهرو وٺندا هئا،

سان پڌريائين جاري ڪيو هو. تنهن ۾ اقبال اهو نظم ڏاڍي اصرار ڪانپوءِ شايع ڪرايو. ان نظم جي اها خوبي آهي ته ان جا خيالات انگريزي جا آهن، پر منجهس بندشون فارسيءَ جون آهن. وڌيڪ اضافو ان نظم ۾ اهو آهي ته ان ۾ حب وطن جي شيريني آهي، جنهن جي ڪري ان نظم کي عام طرح ڏاڍو پسند ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح اقبال رسالي مخزن جي هر اشاعت ۾ پنهنجا نظم ڇاپڻ لاءِ موڪليندو رهيو. جڏهن اقبال مرزا خان داغ دهلوي جي شاگردي ورتي ۽ خط و ڪتابت جي رستي اصلاح ورتي ته قابل استاد صحيح ڪري ويو ته اقبال جي غزل چوڻ جو انداز جداگانه آهي ۽ سندس شاعريءَ ڪرڻ جو ڪو پيو مقصد آهي، تنهن ڪري لکي موڪليائين ته اصلاح ڪرڻ جي گنجايش اقبال جي ڪلام ۾ نظر نٿي اچي. ان هوندي به اقبال کي ۽ داغ کي هڪ ٻئي جي شاگرديءَ ۽ استاديءَ تي ناز هوندو هو. اقبال ٿو چوي:

نسيم و تشنہ ھی اقبال کچھ اس پر نہیں نازاں
مجھے بھی فخر ہے شاگردی داغ سخنداں کا

اهو غزل بانگ درا ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. اقبال جي ڇاپيل ڪلام ۾ داغ جي رنگ جا غزل تمام ٿورا هٿ ايندا. ممڪن آهي ته هن اهڙا غزل شامل نه ڪيا هجن. داغ جي رنگ جو سندس هڪ غزل ڏسو:

نہ آتے ہمیں اس میں تکرار کیا تھی
مگر وعدہ کرتے ہوئے عار کیا تھی

اقبال سخن جي مشق، شڪ نه آهي ته غزل لکڻ سان ٿي ڪئي آهي، پر جلدي هن جو ڌيان ملڪ، وطن ۽ قوم جي طرف ڦري ويو ۽ هو غزل جي طرف وڌيڪ مائل ٿيڻ جي بدران نظمن جي طرف ڌيان ڏيڻ لڳو. شيخ عبدالقادر جو چوڻ آهي ته جڏهن هو حيدرآباد دکن ويو هو ته اقبال جي شاعريءَ تي داغ کي

نظم هماله ۾ جيڪو خطاب هماله کي ڪيو اٿس، تنهن ۾ هن هماله جي پراچين هجڻ ۽ منظر جي دلڪش هجڻ کي پس منظر بنائي اصل ۾ جاگرافيائي وطن دوستي ۽ وطن جي جاگرافيائي وحدت جي جذبي کي اپاريو آهي. حب وطن جي جذبي جي ڪري ئي هماله جو مرتبو ڪوهه سينا کان به وڌي تو وڃي:

ایک جلوہ تھا کلیم طور سینا کے لئے
تو تجلی ہے سراپا چشم بینا کے لئے

فقط وطن دوستي جي ڪري دلڪش منظرن جي عزت ظاهر آهي:

امتحان دیدۂ ظاہر میں کوہستان ہے تو
پاسباں اپنا ہے تو دیوار ہندستاں ہے تو

هندستان جي جاگرافيائي وحدت مقرر ڪرڻ جو ڪهڙو نه عمدو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. ساڳئي نموني هماله جي پراڻي هجڻ جي سڄي بزرگي هندستان جي جهوني تاريخ جي عزت سان ڳنڍيل آهي:

اے ہمالہ داستاں اس وقت کی کوئی سنا
مسکن آبائے انساں جب بنا دامن ترا
کچھ بتا اُس سیدھی سادی زندگی کا ماجرا
داغ جس پر غازۂ رنگ تکلف کا نہ تھا

ان زماني ۾ ہارن لاءِ اقبال جيڪي نظم لکيا هئا سي جاگرافيائي وطنيت جي جذبي جي انداز سان ڀريل آهن:

پربت وہ سب سے اونچا ہمسایہ آسماں کا
وہ سنتری ہمارا، وہ پاسباں ہمارا
گودی میں کھیلتی ہیں اسکی ہزاروں ندیاں
گلشن ہے جسکے دم سے رشک جناں ہمارا
اے آب رود گنگا وہ دن ہے یاد تجھکو
اترا ترے کنارے جب کارواں ہمارا

پھر بلا لے مجھکو اے صحرائے وسط ایشیا
آہ اس مستی میں اب میرا گذارا ہوچکا
پار لےچل مجھکو پھر اے کشتی موج اٹک
اب نہیں بھاتی یہاں کے بوستانونکی مہک
الوداع اے سیرگاہ شیخ شیراز الوداع
اے دیار بالمیک نکتہ پرواز الوداع
الوداع اے مدفن ہجویری اعجاز دم
رخصت اے آرامگاہ شنکر جادو رقم
بدلے یک رنگی کے یہ نا آشنائی ہے غضب
ایک ہی خرمن کے دانوں میں جدائی ہے غضب

انهن خيالن کي دل ۾ رکي اقبال ولايت ويو.

اقبال جي شاعريءَ جو ٻيو دور سنه۱۹۰۵ع کان ۱۹۰۸ع تائين رهيو. يورپ ۾ هو اردو ۾ ٿي لکندو رهيو، جي فقط ٻه غزل هئا. ان دور ۾ نظم گهٽ لکيائين. اهو دور هو هن جي علمي تجربن جو. ان زماني ۾ هن بئرسٽري پاس ڪري ورتي ۽ ايران جي فلسفي تي هڪ مضمون لکڻ ۾ مشغول رهيو، جو هن کي فلسفي ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻي هئي. فلسفہ الاهيات تي هن جيڪا محنت ڪئي، تنهن مان هن کي خبر پئي ته هن جيڪو صوفيانہ شاعريءَ جو فارسيءَ ۾ مطالعو ڪيو آهي، تنهن مان صاف ظاهر آهي ته جدوجهد جي موجوده دور لاءِ ايراني شاعري بالڪل موزون نه آهي، ڇاڪاڻ ته اها رهبانيت، قناعت ۽ گوشہ نشيني جي تعليم ڏئي ٿي.

شاعريءَ بابت اقبال جي طبيعت ۾ اهو پهريون ڦيرو هو جو يورپ ۾ پيدا ٿيو هو. ٻيو تغير هو، جو هن کي پنهنجي مقالي لکڻ لاءِ فارسي ٻوليءَ جي طرف گهڻو ڌيان ڏيڻو پيو، تنهن ڪري هندستان پهچي هن فارسي تي پنهنجي طبع جو زور ڏيکاريو. حقيقت ۾ اهو لکڻ هن جي پهرين نظمن جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. ايترو البت ٿيو، جو هن جو زاويہ نگاہ بدلجي ويو، جو هن شاعر جي بدران پيامبر جي حيثيت اختيار ڪئي.

## قوميت ۽ وطنيت:

اقبال جڏهن هندستان مان ولايت پهتو ته هندو مسلم نفاق جو مسئلو به هن جي اڳيان هو ۽ جيئن مسئلن تي غور پئي ڪيو ته هي مسئلو به هن جي اڳيان هو، جنهن تي هن ويچار ڪيو. علامه ڏٺو ته يورپ جون جدا جدا قومون پاڻ ۾ رشڪ ۽ رقابت رکن ٿيون. علامه ڏٺو ته انهيءَ تنگ ۽ محدود نظريي جي ڪري قوميت جو ڏکيو ۽ ويڪرو سمنڊ پيدا نٿو ٿئي، بلڪ ننڍيون نهرون وجود ۾ اچن ٿيون، تنهن ڪري فرد ۽ قوم جي ميلاپ ۽ آميزش سان جيڪو فائدو ملي سگهيو ٿي، سو حاصل نٿي ٿي سگهيو بلڪ اخوت، محبت ۽ انسانيت جو بالڪل خاتمو ٿي وڃي ٿو ۽ قوميت جو پڃرو ئي پڃرو باقي رهجي ٿو وڃي، جنهن ۾ روح نٿو ٿئي:

| | |
|---|---|
| از فريب عصرنو هشيار باش | ره فتد اے راهرو هشيار باش |
| آن چنان قطع اخوت کرده اند | بر وطن تعمير ملت کرده اند |
| تا وطن را شمع محفل ساختند | نوع انسان را قبائل ساختند |
| مردمی اندر جهان افسانه شد | آدمی از آدمی بيگانه شد |
| روح از تن رفت و هفت اندام ماند | آدميت گم شد و اقوام ماند |

تنهن ڪري جيڪڏهن دنيا جي قومن ۾ اخوت ۽ محبت جو جذبو پيدا ڪري پيهر انسانيت جي روح کي زنده ڪرڻ مقصد آهي ته ماديت جي بجاءِ قوميت جو بنياد روحانيت تي رکڻ گهرجي. علامه اقبال جون قومي نظمون پڙهي ڪيترا ڄڻا ڌوکي ۾ پئجي ويا آهن ۽ اقبال کي وطن پرست جي نالي سان سڏڻ لڳا، حالانڪ اقبال وطن دوست آهي، جنهن ۾ ڪو گناهه نه آهي. اسلام اسان کي منع ڪئي آهي ته وطني عصبيت، رنگ، نسل، زبان، تعصب ۽ تهذيب جي عصبيت ڪنهن طرح به اسلام ۾ جائز نه آهي، تنهن ڪري انهن کي نه رکڻ گهرجي. اقبال جي تحقيق ۽ تدقيق ظاهر ڪري ڇڏيو هو ته اسلام جا ڏيکاريل

اصول ٿي اها صراط المستقيم آهن، جنهن تي هلي ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي ٿو. يورپ جي سر زمين قوميت ۽ وطنيت جو سرچشمو هئي جنهن مان ڪڍي اقبال اسان کي بين الاقوامي انساني برادري جي شاهراهه تي آڻي بيهاريو آهي. اقبال قوميت کي شرڪ ۽ بت پرستي جي برابر سمجهي ٿو. اقبال کي اسلام ۽ قوم پرستي ۾ تضاد نظر اچي ٿو، تنهن ڪري ان کي غارتگردين ۽ ان جي پيرهن کي مذهب جو ڪفن ٿو سمجهي. اقبال ڪڏهن به قوميت ۽ وطنيت جو قائل نه هو. گهڻن کي اقبال کي سمجهڻ ۾ غلطي ٿي آهي. اقبال منڍ کان وٺي وطن دوست هوندي به ملت ۽ اسلام جي آفاقيت جو قائل رهيو آهي. سنه ١٩٠٨ع ڪانپور جي ڪلام تي غور ڪيو ته اهو نڪتو حل ٿي ويندو:

نرالا سارے جہاں سے اس کو عرب کے معمار نے بنایا
بنا ہمارے حصار ملت کی اتحاد وطن نہیں ہے
کہاں کا آنا کہاں کا جانا فریب ہے امتیاز عقبیٰ
نمود ہر شی میں ہے ہماری کہیں ہمارا وطن نہیں ہے

حقيقت ۾ اسانجن اديبن وطن پرستي يا دوستي ۽ وطنيت جي نظريه جي فرق تي ڌيان نه ڏنو آهي. انهن ٻنهي ڳالهين ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. اقبال وطن کي جاگرافي جو هڪ اصطلاح ڪري ورتو آهي، تنهن ڪري ان حيثيت ۾ اسلام سان ٽڪر نٿو کائي ڇاڪاڻ ته ان جون حدون اڄ ڪجهه آهن ته سڀاڻي ڪجهه ٿينديون. پاڪستان اڄ ڪجهه يعني آزاد آهي ۽ پنجاهه سال اڳي ان جو وجود ئي نه هو يا برما جو مثال وٺو. برما اڳي هندستان سان لاڳو هو، تنهن ڪري هندستاني سڏڻ ۾ آيو پر هاڻي جدا آهي تنهن ڪري برما. اقبال کي دنيا جي تاريخ ۽ مغرب جي سياست جي مطالعي ڏيکاريو ته مغرب جي پيدا ڪيل ”وطنيت ۽ قوميت جو تصور“ ان جاگرافيائي وطن دوستي کان صفا جدا آهي، جا اقبال جي خيال ۾ آهي. مغرب

جي اصولن سان نفاق بلڪ جنگ. انهن سڀني شين يورپ کي ٽڪي، لاديني، دهريت ۽ اقتصادي جنگين جي هنج ۾ اڇلي ڇڏيو. انهي ڪري اقبال چيو آهي:

اس دور میں مئي اور ہے جم اور
ساقی نے بنا کی روش لطف و ستم اور
مسلم نے تعمیر کیا اپنا حرم اور
تہذیب کے آذر نے ترشوائے صنم اور
ان تازہ خدائوں میں بڑا سب سے وطن ہے
جو پیرہن اسکا ہے وہ مذہب کا کفن ہے
یہ بت کہ تراشیدۂ تہذیب نوی ہے
غارتگر کاشانۂ دین نبوی ہے
بازو تیرا توحید کی قوت سے قوی ہے
اسلام تیرا دیس ہے تو مصطفوی ہے
نظارۂ دیرینہ زمانے کو دکھادے
اے مصطفوی خاک میں اس بت کو ملادے

اقبال پنهنجو نقطهٔ نظر بانگ درا ۾ چٽي طرح ڏيکاريو آهي ته اسلامي ملت جي طاقت ڪنهن به وطن سان نه آهي بلڪ توحيد ۽ وحدت ملت ڪان آهي. انهيءَ نقطهٔ نظر کي هن طرح سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسلامي ملت جو بنياد ايمان، عقيدي ۽ رسالت محمدي جي ابديت ۽ آفاقيت تي آهي ۽ ان جي قوت جو سرچشمو مذهب سان دلچسپي، ملي اتحاد ۽ اعتماد آهي، ان جو مذهب هر مقام ۽ هر زماني جي لاءِ آهي. اها ڳالهه تفصيل سان اسرار خودي ۾ ڏيکاريل آهي. اقبال ڏاڍي وضاحت سان هي به ڏيکاريو آهي ته اسلام ۽ مسلمان ڪنهن سرزمين يا ملڪ تي دارومدار نٿا رکن، تنهن ڪري ملڪ جي حدن جو ڦري وڃڻ، عروج ۽ زوال کان يا فتح ۽ شڪست کان متاثر نٿا ٿين، جهڙيءَ طرح ملڪ ۽ نسب تي دارومدار رکڻ واريون قومون ٿينديون:

جو نالو ناتمام يعني اڻ پوري ڪوشش به آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن مسافر جي ڪا منزل نه هوندي، تنهن جو سفر نامڪمل رهندو ۽ انهيءَ نامڪمل ۽ اڻ پوري سفر جو نالو زندگي آهي. اقبال پنهنجي نظم ”ڪوشش ناتمام“ جي عنوان ۾ ان نڪتي کي ڏاڍي خوبي سان دلنشين ڪيو آهي. اقبال کي جيتوڻيڪ وطن جي فطري ۽ مذهبي محبت کان هاڻي به انڪار نه هو، تنهن هوندي به ان دور ۾ هن هيءُ نظريو قائم ڪيو ته وطنيت تي اسلامي قوميت جو بنياد قائم ڪري نٿو سگهجي. اسان مٿي اهو شعر ڏنو آهي، جنهن جي مصرع آهي:

نرالا سارے جہاں سے اس کو عرب کے معمار نے بنایا

۽ انهيءَ فلسفي هن کي اسلامي خدمت تي اڀاريو.

اقبال جي شاعريءَ جو ٽيون دور هن جي ولايت کان موٽي اچڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو، يعني سنه۱۹۰۸ع کان. اهو دور حقيقت ۾ عڪس آهي انهيءَ ماحول جو جيڪو اقبال جي دل ۽ دماغ تي ولايت جي ٽن سالن جي قيام ۾ ٿيو. فلسفه جي مطالعه جي ڪري رات ڏينهن فارسي ٻوليءَ سان واسطو رهندو آيو، تنهن ڪري فارسيءَ ۾ شاعري شروع ڪيائين. فارسي جو اردو شاعريءَ تي هي اثر ٿيو ته اردو ترڪيبون به فارسي ترڪيبن وانگر هيون. اهي ترڪيبون ڪثرت سان اردو ڪلام ۾ نظر اچن ٿيون. ڪتي ڪتي اهڙين تو معلوم ٿئي ٿو ته فارسي شعرن تي تضمين ٿيل آهي. ڪن نظمن ۾ بند جو پويون شعر فارسيءَ ۾ آهي، ڪن نظمن ۾ سڄو بند فارسي ۾ آهي ”جهڙوڪ شمع و شاعر“ نظم ۾ پهريون بند. فلسفه ۾ پي-ايچ-ڊي پڻ ڪيائين، تنهن ڪري به ڪتاب جي فارسي ڪلام هئا، سي پڻ فلسفه تي هئا. اردو شعرن ۾ به فلسفه جي صاف تعليم نظر اچي ٿي:

تو راز کن فکاں ہے اپنی آنکھوں پر عیاں ہوجا
خودی کا رازداں ہوجا خدا کا ترجماں ہوجا

خودی میں ڈوب جا غافل یہ سر زندگانی ہے
نکل کر حلقۂ شام و سحر سے جاوداں ہوجا
فرد قائم ربط ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرون دریا کچھ نہیں

حجاز جي خاڪ پاڪ سان ۽ جناب رسالت ماب صلي الله عليه وسلم سان عقيدت ۽ محبت تمام گهڻي وڌي ويئي هئي. اقبال اڳين ئي پڪو مسلمان هو پر عربي علوم سان ولايت ۾ آگاهي ۽ اسلامي ملڪن جي سير، انهيءَ جذبي کي گهڻو تيز ڪري ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو جو اسلامي ترانن سان هن جي دلچسپي وڌي ويئي. مغرب جي قومي ۽ وطني نظريي جو ولايت ۾ پورو مطالعو ڪري آيو هو، تنهن ڪري مغرب جي انهي نظريي جي سخت برخلاف هو ۽ عالمگير قوميت جي فائدي ۾ تي پيو. مسلمانن جي غيرت ۽ حميت کي پنهنجن نظمن سان ڏاڍو بيدار ڪرڻ ۽ جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين، جنهن جي ڪري جواب شڪوه، خطاب به جوانان اسلام ۽ نويد صبح جهڙا نظم لکيائين ۽ موجوده دور جي تهذيب، ماديت، قوميت وغيره جي خطرن کان پنهنجي قوم کي پوري طرح آگاهه ڪيائين. اهي ڳالهيون علامه اقبال جي تعليم جديد ۽ مذهب وغيره نظمن ۾ ملن ٿيون. علامه اقبال ملڪ ۽ قوم کي مرثيه يا ياس ۽ نااميدي جا نغمه جيئن اڳين شاعرن ڪيو هو ڪونه ٻڌايا، بلڪ اٿندي وهندي اميد جي واٽ ڏيکاري، جستجو جي راه تي لڳايو، احساس کان ڪم وٺڻ سيکاريو، عزم جو پختو ٿيڻ سمجهايو، همت نه هارڻ جو سبق ڏنو، حوصلو بلند رکڻ ٻڌايو ۽ عمل ڪرڻ جو درس ڏنو ۽ پنهنجن نظمن جي ذريعي قوم کي چتائي ڇڏيو ته مستقبل ۾ ڪين ڇا ڪرڻو پوندو. اهڙو نقشو ۽ خاڪو پيش ڪيو هو جو هڪ اسلامي شاعر کي پنهنجي قوم لاءِ اوس ڪرڻو آهي. قوم اذهن ڳالهين کي نه رڳو دل سان هنڊايو بلڪ وقت اچڻ تي عمل به ڪيو. اهو اقبال جي انهي تعليم جو نتيجو آهي، جو اقبال

عروج آدم خاکی سے انجم سهمے جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہ کامل نہ بن جائے
اسی کوکب کی تابانی سے ہے تیرا جہاں روشن
زوال آدم خاکی زیاں تیرا ہے یا میرا

ٻيو جزو انهيءَ فسلفہ جو آهي عشق ۽ عقل جو جهيڙو، جنهن تي اثر ڪندڙ شعر ملن ٿا:

عشق کی اک جست نے طے کردیا قصہ تمام
اس زمین و آسمان کو بیکراں سمجھا تھا میں

صوفين ۽ ملائن تي اقبال جي اعتراضن ٻنهي ۾ جهگڙا پيدا ڪيا. سياسي موضوع تي به اقبال خوب لکيو آهي ۽ مغربي تهذيب کي چڱو سٺيو آهي ۽ انهن جي تهذيب ۽ تمدن جون خرابيون ڏيکاريون آهن ۽ مسلمانن کي خبردار رهڻ لاءِ چتاءُ ڪيو اٿس. سندس پرجوش نظم ساقي نامو آهي. ان دور ۾ آزاديءَ ۽ حريت جي خوب طرفداري ڪئي اٿس ۽ ڪنهن به قسم جي غلاميءَ جو سخت دشمن نظر اچي ٿو ۽ قومي ۽ ملڪي وجود جي پاڙ پٽي، بني نوع انسان جي هڪ برادري ٺاهڻ گهري ٿو. ارمغان حجاز سندس بيماري جي زماني جي تصنيف آهي، تنهن ڪري ان ۾ سوز و گداز جو عنصر گهڻو ملي ٿو. علامہ اقبال جي ان نظم ۾ گهڻو ڪجهہ ڪشمير ۽ ان جي ماڻهن جي مصيبت جا حالات آهن، جن ۾ انهن کي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي.

## اقبال جي ڪلام جون ادبي خصوصيتون:

اقبال جي ڪلام جي مطالع مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي زماني جي شاعرن جي مقابلي ۾ نہ رڳو منفرد ئي آهي، بلڪہ قديم فلسفي ۽ صوفي شاعرن جي مقابلي ۾ به هڪ خاص قسم جي انفراديت رکي ٿو. مثلاً فلسفي شاعرن مان حڪيم ناصر خسرو ۽ حڪيم سنائي آهن. جيتوڻيڪ ٻئي فسلفي شاعر آهن، پر انهن جي ڪلام ۾ باوجود زماني جي فرق جي، فڪر

لاءِ سمجهہ ۾ اچي ٿي، جو ان جي لفظن جون ترڪيبون ۽ جملن جي دروبست ۾ هڪ خاص قسم جي تازگي ملي ٿي. اقبال جي ڪلام جو اصل جوهر معنويت آهي. هو نرالا نرالا مضمون اختيار ڪري ٿو ۽ انهن کي نئين نئين انداز سان پيش ڪري ٿو ۽ انهن مان ڏاڍا قيمتي نتيجا اخذ ڪري ٿو.

انهن چند اصولن کي بيان ڪرڻ مان هيءُ ٿو حاصل ٿئي تہ اقبال جو مرڪزي نقطو ظاهري ۽ باطني، عملي ۽ اصولي وحدت آهي ۽ اقبال جي ڪلام ۾ وحدت هڪ اهڙو عمل آهي جو نہ رڳو ڪائنات ۾ جاري ۽ اثر ڪرڻ وارو آهي، بلڪ انساني فڪر ۽ عمل جو بنياد بہ وحدتِ صرف تي آهي، تنهن ڪري اقبال جي فڪر ۾ اها ئي وسعت ملي ٿي، جا ڪائنات ۾ ملي ٿي. بال جبريل ۾ هن جي هڪ قصيدي جو مطلع آهي:

سما سکتا نہیں پهنائے عالم میں مرا سودا
غلط تها اے جنون شاید ترا اندازۂ صحرا

هڪ ٻئي شعر ۾ چيو اٿس:

وہ حرف راز کہ مجهکو سکها گیا ہے جنوں
خدا مجهے نفسِ جبریل دے تو کہوں

## فلسفۂ خودي يا وحدت الوجود:

هي صوفي شاعرن جو بنيادي عقيدو آهي ۽ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ اصول موضوع جو ڪم ڏئي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شاه عنايت رضوي، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت سچل سرمست عليهم الرحمہ فلسفہ وحدت الوجود جا وڏا امام آهن. انهن مان حضرت سچل سرمست تي وحدت الوجود جو وڏو غلبو آهي. سچل سرمست ۽ شاه ڀٽائي ۾ فرق هيءُ آهي تہ شاه ڀٽائي وحدت الوجود جي مسئلي ۾ شريعت کان تجاوز نٿو ڪري ۽ شريعت جي آئين جي اندر رهندي وحدت الوجود

جي تشريح فرمائين ٿا، جڏهن ته سچل سرمست رحه تي حضرت منصور حلاج ۽ حضرت شيخ فريدالدين عطار کان ان جو غلبو گهڻو وڌيڪ نظر اچي ٿو. حضرت عطار پنهنجي هڪ مشهور قصيدي ۾ فرمائين ٿا:

هر کہ ازوے نزد انا الحق سر ہست او راز جماعت کفار

حضرت سچل سرمست رحه جو به اهو ئي حال آهي.

حڪيم سنائي ۽ عارف رومي مشهور صوفي شاعرن مان آهن ۽ وحدت‌الوجود جا مبلغ آهن. انهن جا بعض اصول اڳتي ايندا، باقي اقبال جي وحدت‌الوجود جي تصريح ڏجي ٿي:

ما از خدائے گم ایم او بجستجو ست
چوں ما نیازمند و گرفتار آرزو ست
گاہے بہ برگ لالہ نویسد پیام خویش
گاہے درون سینہ مرغان بہ هاؤ هو ست
در نرگس آرمید کہ بیند جمال ما
چنداں کرشمہ‌داں کہ نگاہش بہ گفتگو ست
آہ سحر گہے زند در فراق ما
بیرون و اندرون زیر و زبر و چار سو ست
ہنگامہ بست از پئے دیدار خاکئے
نظارہ را بہانہ تماشائے رنگ و بو ست
پنہاں بہ ذرہ ذرہ و نا آشنا ہنوز
پیدا چو ماهتاب و بآغوش کاخ و کو ست
در خاکدان ما گهر زندگی گم است
ایں گوہرے کہ گم شدہ ماثم یا کہ اوست

١- اسين خدا کان وڃائجي ويا آهيون يا خدا اسان کي وڃائي ڇڏيو آهي ۽ هائي هو اسان جي تلاش ۾ آهي. هو يعني خدا اسان وانگر نيازمند آهي ۽ آرزو جي دام ۾ گرفتار آهي.

٢- خدا ڪڏهن ڪڏهن اسان جي نالي تي اعلان نشر ڪري

ٿو ۽ ان اعلان جي صورت هيءَ آهي تہ لالہ جي پن تي پنهنجو پيغام لکي ٿو ۽ ڪڏهن پکين جي سيني ۾ آہ و فرياد ۾ مشغول آهي.

٣- هو نرگس جي شڪل ۾ جلوہگر ٿيو آهي تاڪ اسان جي شڪل ڏسي سگهي. ان ڪي هن جو ڪرشمو سمجهڻ گهرجي تہ هو نرگس جي اک سان اسان جي لاءِ ڪلام ڪري رهيو آهي.

٤- صبح جو ٿڏيون آهون اسان جي فراق ۾ پري رهيو آهي. هن جون اهي آهون ظاهر ۾ بہ آهن ۽ باطن ۾ بہ آهن، اٿندي وهندي بہ آهن ۽ چئني پاسي آهن.

٥- مطلب هي آهي تہ خدا هڪ خاڪي جي لاءِ (يعني اسان جي لاءِ خليل) هڪ هنگامو ڪرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جي ڏسڻ جي لاءِ رنگ و بو جو تماشو ڪيو اٿس.

٦- هو ذرہ ذرہ ۾ لڪل آهي ۽ اجا تائين اسان کان آشنا نہ آهي ۽ سج وانگر ظاهر آهي. باوجود ان جي هر گهٽي ڪوچي ۽ هر محل ۽ جهوپڙيءَ جي آغوش ۾ موجود آهي.

٧- اسين مٺ جيتري خاڪ آهيون. اسان جي انهيءَ مٺ خاڪ ۾ زندگيءَ جو موتي گم ٿي ويو آهي ۽ اهو موتي جو گم ٿي چڪو آهي اسين آهيون يا هو خود آهي.

مطلع ۽ پڇاڙيءَ جي شعر مان منصور حلاج، شيخ فريدالدين عطار ۽ عارف روميءَ جو فسلفہ وحدت‌الوجود ثابت ٿئي ٿو ۽ اقبال جو فسلفہ وحدت‌الوجود يا فلسفہ خودي انهيءَ فلسفي جي تجديد آهي يعني جنهن فلسفي کي منصور حلاج انا الحق چئي ثابت ڪيو ۽ پنهنجي ڪتاب طواسين ۾ ان جي تشريح فرمائي ۽ شيخ فريدالدين عطار رحہ پنهنجي مشهور قصيدي ۾ هيءَ چئي بيان ڪيو:

انا اللّٰہ بگو اگر مردی ورنہ رو چون زنان سرمی خار

۽ حضرت شاھ نياز بي نياز ھي چٽي ظاھر ڪيو:

کسے کہ سر نہاں است در علن ہمہ اوست
عروس خلوت و ہم شمع انجمن ہمہ اوست

انھيءَ فلسفه کي اقبال مٿي نقل ڪيل نظم ۾ ھي چٽي ثابت ڪيو آھي ته اسين خدا کان گم ٿي ويا آھيون ۽ ھو اسان جي تلاش ۾ آھي ۽ گھڻو بيقرار آھي ۽ عاجز آھي ۽ اھا شيءِ جا خدا کان وڃائجي ويئي آھي، سا يا ته اسين آھيون يا خود خدا آھي. لفظ ”يا“ حرف ترديد آھي جو ٻن شين جي وچ ۾ ايندو آھي. مثلاً تو ڪتاب وٺي ڇڏيا ان جي قيمت يعني ڪتاب وٺندين ته ان جي قيمت نه ملندي ۽ جيڪڏھن قيمت وٺندين ته ڪتاب نه ملندو. مطلب ھي آھيٰ ته لفظ يا ٻن شين جي وچ ۾ ايندو آھي ۽ انھن مان ھڪ شيءِ مقصد ھوندو آھي. ھيءَ علم نحو جو ھڪ قاعدو آھي. ھاڻي اقبال ٿو چوي:

آن گوہر کہ گم شد مائیم یا کہ اوست

يعني جيڪو موتي وڃائجي چڪو آھي سو موتي اھا حقيقت واحده آھي جا ھن ڪتاب جي ڪثرت ۾ گم ٿي ويئي آھي، تنھن ڪري يا ته اھو موتي خدا آھي يا اسين آھيون يعني اھو موتي جيڪڏھن اسين آھيون ته خدا نه آھي ۽ جيڪڏھن خدا اھو موتي آھي ته اسين اھو موتي نه آھيون.

حقيقت رکو ايتري قدر آھي ته اصل وحدت آھي، جا ڪثرت ۾ گم ٿي چڪي آھي ۽ اھڙي ڪثرت آھي، جنھن جي ماھيت وحدت آھي، جنھن کي ھڪ مثال سان سمجھڻ گھرجي. لکڻ جي مس کي وٺو، جنھن ۾ حرفن جو ڪتي به پتو نه آھي. ابجد، ھوز وغيره حرفن کي مس ۾ ڪٿي به ڏسي نٿو سگھجي، مگر ان ۾ به ڪو شڪ نه آھي ته ڪي حرف به، جن ۾ ڪثرت ملي ٿي ۽ جن مان عبارتن جون عبارتون ٺھن ٿيون ۽ ڪتاب تيار ٿين ٿا، تن جي حقيقت رکو مس آھي. ھيءَ ھڪ اھڙي

## وحدت:

حضرت امير خسرو رحه فرمائين ٿا:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تاکس نه گوید بعد ازیں من دیگرم تو دیگری

اي محبوب مان تون بنجي ويو آهيان يعني مان مان نه آهيان بلڪه تون تون ٿي آهين ۽ تون تون نه آهين بلڪه مان ٿي آهيان يعني مان ۽ تون ٻئي هڪ ٿي آهيون. مان جسم بنجي ويو آهيان ۽ تون جان آهين تاڪه ان کانپوءِ ڪوبه چوي ته مان هڪ ڌار شيءِ آهيان ۽ تون ڌار هڪ شيءِ آهين.

علامه فرمائي ٿو ناله و فرياد ڪرڻ واري عشق کي هر رستو اي محبوب! تو تائين وٺي پهچي ويو. عشق ان تي کهڙو ناز ڪري ٿو، جو هو تو تائين اچي پهتو آهي؟ ان جو مطلب به اهوئي آهي ته الطرق الله کا نفاس الخلائق يعني الله جي طرف ايترائي رستا وڃن ٿا جيترا انساني افراد آهن: ٻين لفظن ۾ انجي توضيح هيءَ آهي ته هر صورت الله جي صورت آهي- انا الله خلق آدم علی صورته.

اللهتعالیٰ آدم کي پنهنجي شڪل تي پيدا ڪيو ان طرح جيڪڏهن صورتن ۾ ڪثرت آهي، مگر ماهيت انهن سڀني صورتن جي تجلي رباني آهي يعني عاشق هجي يا معشوق مرتبي جي اعتبار کان ۽ صورت شڪل جي لحاظ کان انهن ۾ اعتباري دوئي ملي ٿي، مگر حقيقت ۾ محبت آهي يا عشق آهي، جو هڪ طرف عاشق چئجي ۽ ٻئي طرف معشوق. واقعو هيءُ آهي ته اها تجلي، جنهن جو نالو وحدت آهي، تمام عالم ڪثرت ان جي طرف ڇڪجي رهيو آهي. اقبال انهيءَ مضمون کي اهڙيءَ طرح ادا ڪيو آهي ته عشق ان تي ڇا ناز ڪري ٿو ته هو معشوق تائين پهچي ويو، بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته خود معشوق جي ڪشش عاشق کي پنهنجي طرف ڇڪيو آهي- اليه مرجع

و المآب، يعني الله جي طرف هرهڪ جي واپسي آهي ۽ اهو ئي ان جي واپسي جو مقام آهي.

واقعو هيءُ آهي ته امير خسرو جو شعر هڪ فڪر جو نمونو آهي، جو فڪر متقدمين (آڳاٽن) ۾ ملي ٿو مگر اقبال جو انداز فڪر سڀ کان بالڪل جدا ۽ نرالو آهي.

## اقبال جي ڪلام ۾ روحاني ماحول:

صوفيانه ڪلام جي خصوصيت هيءَ آهي ته هو انسان کي ماديت کان بلند ڪري هڪ عالم تقديس ۾ پهچائي ڇڏي. اقبال جي ڪلام ۾ هيءَ خصوصيت عام آهي. ضرب ڪليم ۾ هڪ عنوان آهي "شڪر و شڪايت" ان نظم ۾ علامه اقبال فرمائي ٿو:

میں بندہ نادان ہوں مگر شکر ہے تیرا
رکھتا ہوں نہانخانۂ لاہوت سے پیوند

ان شعر ۾ اقبال خود ڏيکاري ڇڏيو آهي ته هن جون فڪري ماحول ڇا آهي. جنهن شخص جو واسطو عالم لاهوت سان هوندو تنهن جو فڪر ماديات جي ڪثافت ۾ منجهي نٿو سگهجي، جنهن جو مثال هي آهي.

ضرب ڪليم ۾ ٻي هڪ عنوان آهي، مشرق و مغرب جنهن ۾ علامه اقبال فرمائين ٿا:

یہاں مرض کا سبب ہے غلامی و تقلید
وہاں مرض کا سبب ہے نظام جمہوری
نہ مشرق اس سے بری ہے نہ مغرب اس سے بری
جہاں میں عام ہے قلب و نظر کی رنجوری

جيڪڏهن قلب و نظر جي بيماري تي غور ڪيو وڃي ته مغرب ۽ مشرق ٻنهي هنڌن تي اها بيماري ملندي. جتي ٻن متضاد شين جو ذڪر هوندو آهي ته ان سان مطلب احصا (ڳڻپ) هوندو آهي يعني ڪل شيءِ سان مطلب هوندو آهي، مثلاً مشرق ۽

مغرب ۾ متضاد شيون آهن. ان جو مطلب پورو ڪرهٔ ارضي هوندو آهي يعني سڄي ڪرهٔ ارضي تي انسان آباد آهن، سي سڀئي قلب و نظر جي بيماري ۾ مبتلا آهن. هاڻي اقبال جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ غور ڪيو ويندو ته انسان جو خيال ساري زمين جي آدمين کان انهيءَ لاءِ بيزاري ٿي ويندو، جو هتي قلب و نظر جي بيماري شدت سان پڪڙيل آهي ته گهڻائنجي هن جو خيال، انهن سڀني کان هٽي عالم لاهوت جي طرف متوجہ ٿي ويندو، حالانڪ مشرق و مغرب جي عنوان ۾ جيڪو تفصيل پيش ڪيو آهي سو فقط مادي آهي، مگر ان نظم جو ماحول ٿي اهڙو آهي، جو اهو خيال ۽ وجدان کي هٽائي ڇڏي ٿو ۽ هڪ عالم روحانيت جو ذوق پيدا ٿي پوي ٿو. هيٺين شعرن تي غور ڪرڻ کپي:

اسے صبح ازل انکار کی جرأت ہوئی کیونکر
مجھے معلوم کیا وہ رازداں تیرا ہے یا میرا
محمدؐ بھی تیرا جبریل بھی قرآن بھی تیرا
مگر یہ حرف شیریں ترجماں تیرا ہے یا میرا؟

چوٿين مصرع جو مفهوم ذو معنين آهي. هڪڙو مطلب ته هيءُ آهي ته اقبال پنهنجي ڪلام جي طرف اشارو ڪري چوي ٿو ته هيءُ ڪلام منهنجي ترجماني ٿو ڪري يا تنهنجي يعني اصل زور ترجماني تي آهي. ٻيو مطلب هيءُ آهي ته حرف جي صفت شيرين ترجمان آهي، ترڪيب مقلوب سان ته ان جو هيءُ مطلب ٿيندو ته اقبال پنهنجي ڪلام جي لاءِ چوي ٿو ته يا الله هيءُ منهنجو ڪلام آهي يا تنهنجو. ٻنهي حالتن ۾ هڪ روحاني ماحول موجود آهي. انهيءَ قسم جا هيٺيان شعر آهن:

درون سینۂ ما سوز آرزو ز کجاست
سبو ز ماست ولے بادہ در سبو ز کجاست

اسان جي سينن ۾ آرزو جي باهه ڪٿان آئي آهي سبو (مٽ) اسان جو آهي پر ان ۾ شراب ڪٿان آيو آهي.

غزل سرائے و نواہائے رفتہ باز آور
باین فسردہ دلان حرف دل نواز آور

يا الله اهو غزل ڳائڻ ۽ اهو دل کي موهي ڇڏڻ وارو آوز ٻيهر اسان کي عطا فرمائي. اسان جي محفل جي اُداس ماڻهن جي لاءِ اهو ئي دلڪش افسانو وري ٻيهر پيرو وٺي اچ.

با دل ما چها کنی؟ تو کہ ببادۂ حیات
مستیٔ شوق می دهی آب و گل پیالہ را

اي ساقي تون اسان جي دلين سان ڇا ڇا سلوڪ ڪرڻ وارو آهين تون حياتي جي شراب سان مٽيءَ جي پيالي کي عشق جي مستي عطا ڪئي آهي. زبور عجم ۾ هڪ غزل آهي:

نوائے من از آن پرسوز بیباک و غم انگیز است
بخاشاکم شرار افتاد و باد صبحدم تیز است
ندارد عشق سامانے و لیکن تیشۂ دارد
خراشد سینۂ کهسار و پاک از خون پرویز است
مرا در دل خلید این نکتہ از مرد ادا دانے
ز معشوقان نگہ کاری ترا از حرف دلاویز است
ببالینم بیا یکدم نشین کز درد مهجوری
تهی پیمانۂ بزم ترا پیمانہ لبریز است
بہ بستان جلوہ دادم آتش داغ جدائی را
نسیمش تیزتر می سازد و شبنم غلط ریز است
اشارتهائے پنهان خانما برهم زند لیکن
مرا آن غمزہ می باید کہ بیباک است و خونریز است
نشیمن هر دو را در آب و گل لیکن چہ راز است این
خرد را صحبت گل خوشتر آید، دل کم آمیز است
مرا بنگر کہ در هندوستان دیگر نمی بینی
برهمن زادہ رمز آشنائے روم و تبریز است

بال جبريل مان هڪ اردو غزل جو هيءُ عالم آهي:

کيسوئے تابدار کو اور بهی تابدار کر
ہوش و خرد شکار کر قلب و نظر شکار کر
عشق بهی ہو حجاب میں حسن بهی ہو حجاب میں
یا تو خود آشکار ہو یا مجھے آشکار کر
تو ہے محیط بیکراں میں ہوں ذرا سی آبجو
یا مجھے ہمکنار کر، یا مجھے بیکنار کر
میں ہوں صدف تو تیرے ہاتھ میرے گوہر کی آبرو
میں ہوں خزف تو تو مجھے گوہر شاہوار کر
نغمۂ نوبہار اگر میرے نصیب میں نہ ہو
اس دم نیم سوز کو طائرک بہار کر
باغ بہشت سے مجھے حکم سفر دیا تھا کیوں
کار جہاں دراز ہے اب میرا انتظار کر
روز حساب جب میرا پیش ہو دفتر عمل
آپ بهی شرمسار ہو مجھکو بهی شرمسار کر

انهن مثالن مان ادراڪ ٿئي ٿو ته اقبال جو ڪلام پڙهڻ وقت روح هڪ اهڙي عالم سان نزديڪ ٿي وڃي ٿو، جنهن جو مادي سان ڪو تعلق نه هوندو آهي ۽ انسان محسوس ڪري ٿو ته هو ڪنهن مقدس ماحول ۾ پهچي ويو آهي.

حافظ، سعدي، جامي ۽ خسرو، اهي سڀئي صوفي شاعر آهن. انهن جي ڪلام ۾ تاثير آهي ۽ ان تاثير جو اثر روح قبول ڪري ٿو، مگر انهن سڀني جو انداز فڪر هڪ جهڙو آهي. هڪ جو ڪلام پڙهي ڏسبو ته باقي ٻين جو ڪلام به هڪڙي ئي قالب ۾ پلٽيل نظر ايندو، مگر علامہ اقبال جي ڪلام جي حالت انهن سڀني کان بالڪل جدا نظر ٿي اچي ۽ ماحول ٻنهي قسمن جي ڪلام جو روحاني آهي، مگر اقبال جي ڪلام ۾ هڪ جدت ۽ هڪ لطف اهڙو آهي، جو خيال کي جلدي عالم

آيا کہاں سے نغمۂ نے مين سرور مئے
اصل اس کی نے نواز کا دل ہے کہ چوب نے
جس روز دل کے رمز مغنی سمجھ گیا
سمجھو تمام مرحلہ ہائے ہنر ہیں طے

مسجد قرطبه جا جيڪي نقش و نگار هئا، سي قرآني آيتن مان معلوم ٿي سگهيا ٿي، جن کي عيسائين پلاسٽر سان ڍڪي ڇڏيو هو، پر جڏهن نوجوانن جي تحريڪ آهي پلاسٽر هٽائي ڇڏيا ته ساڳيا نقش و نگار ظاهر ٿي پيا، جن کي علامه ڏسي فرمائي ٿو:

رنگ ہو یا خشت وسنگ چنگ ہو یا حرف و صوت
معجزۂ فن کی ہے خون جگر سے نمود

مسجد قرطبه جي نظم جو هڪ مٿيون شعر آهي، جنهن ۾ چوي ٿو ته رنگ هجي يا سر ۽ پٿر يا چنگ هجي يا آواز ۽ حرف فن جي معجزي جي خصوصيت خون جگر جي نمود مان واضع آهي. ٻين لفظن ۾ هي ٿو چوڻ گهري ته ڪاريگرن پنهنجي خون جگر سان اهي نقش و نگار ٺاهيا هئا يعني دلي‌خلوص سان ڪم ڪيو هو، تنهن ڪري اڃا سلامت آهن نه ته فن يا هنر فاني آهن:

نقش ہیں سب ناتمام خون جگر کے بغیر
نغمہ ہے سودائے خام خون جگر کے بغیر

هن شعر جو مطلب مٿي سمجهائي ۾ اچي چڪو آهي. اقبال جي شعرن جي هڪ وڏي خوبي هي هوندي آهي ته هو ڪنهن ڪنهن مهل اهڙو شعر لکي ويندو آهي، جو مفهوم ۾ ڪنهن آڳاٽي شاعر جي شعر جي ترجماني ڪندو آهي. ان مان هي ٔ هرگز نه سمجهڻ گهرجي ته هن سرقو ڪيو آهي يا ڪنهن قسم جو توارد ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته شعر ڪنهن ٻئي سلسلي ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جو ٻئي شاعر جي مضمون سان ڪو واسطو نه هوندو آهي. شعرن جا لفظ، قافيه، رديف ۽ وزن به جدا هوندا آهن. مثلاً مٿيون شعر علامه اقبال جو غالب جي هن شعر سان پيٽي ڏسو:

حسن فروغ شمعِ سخن دود ہے اسد
پہلے دلِ گداختہ پیدا کرے کوئی

علامہ اقبال تي موجوده دور ۾ ايترو ڪجهه لکيو ويو آهي جو آءٌ سمجهان ٿو ته ايترو مير ۽ غالب تي به نه لکيو ويو هوندو. هڪ مستقل ادب پيدا ٿي پيو آهي، جنهن کي "اقباليات" جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. ادبي حيثيت سان علامه اقبال جي شاعرانه ڪمالات بابت ڪجهه مضمون ضرور لکيا ويا آهن، پر ان ۾ اجا تمام گهڻي گنجائش باقي آهي. منهنجو مطلب آهي ته علامه اقبال جي شاعرانه خصوصيتن تي تمام ٿورن اديبن ڌيان ڏنو آهي. ادبي ۽ شاعرانه حيثيت سان علامه اقبال جي ڪلام جي تنقيد ٻن طريقن سان ڪري سگهجي ٿي. هڪڙو قديم طريقو ۽ ٻيو جديد.

ان ۾ شڪ نه آهي ته علامه اقبال دور جديد جو هڪ مشهور ۽ معروف اديب ۽ شخصيت آهي ۽ ان جي ڪلام ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ملن ٿيون، جن جو واسطو موجوده دور سان آهي، پر اسين اهو به وساري نٿا سگهون ته علامه اقبال جو گهڻو رجحان قديم مسلڪ سان سدائين رهيو آهي. پاڻ هڪ خط ۾ لکيو اٿس:

"منهنجي اکيان قومن جي زندگيءَ ۾ قديم هڪ اهڙو ئي ضروري عنصر آهي جهڙو "جديد" بلڪ منهنجو ذاتي ميلان قديم جي طرف آهي(١).

علامه اقبال جو غور سان مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته خاص طرح شاعريءَ ۾ ته هو بالڪل پراڻي طرز جي طابع آهي، هڪڙي شاعر کي لکي ٿو:

ٻڌو غزل ۽ رباعيءَ جي لاءِ قافيه جو شرط ته لازمي آهي، جيڪڏهن وڌايو رديف وجي ته سخن ۾ اجا به لطف وڌي ٿو وڃي، البت نظم رديف جو محتاج نه هوندو آهي، قافيو ته هڻڻ گهرجي.

(١) اقبال نامه صفحه ١٤٨

هاڻي ڪجهه وقت کان بنان رديف ۽ قافيه جي نظم لکيا وڃن ٿا ۽ اها انگريزي نظمن جي پيروي آهي، جنهن جو نالو انگريزي ۾ "بلئنڪ ورس" آهي، جنهن کي "نثر جو جز" چوڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ماڻهن جو مذاق ڪجهه اهڙو ڏي ٿيندو وڃي، پر مهنجي خيال ۾ اهو طريقو اڳتي مقبول نه ٿيندو.

مان رکو پراڻن مضمونن جي حد تائين جديد ۽ قديم جي بحث کي ميان ٿو. شاعريءَ جي جان ته شاعر جا جذبات آهن. انساني جذبات آهن. انساني جذبات ۽ قلبي ڪيفيات الله جي بخشش هوندي آهي. ها هي ضروري آهي ته موزون طبع ان جي ادا ڪرڻ جي لاءِ پر اثر لفظن جي تلاش ڪري.

نظم جي صنفن جو ورهاڱو، جو زماني کان وٺي آهي، هميشه رهندو ۽ انساني جذبات ماحول جي ماتحت رهندا. بس اهو سمجهي وٺڻ گهرجي ته جنهن شاعر جا جذبات ماحول کان اثر پذير آهن، سو شاعر جديد رنگ جو حامل خيال ڪيو ويندو نه نفس شعري. جيڪڏهن اسان عروض جي پابندي جي برخلاف هلنداسين ته شاعريءَ جو قلعو ئي ڊهي پوندو ۽ انهيءَ نقطهءِ خيال کان هي چوڻو پوندو ۽ هيءَ چوڻ درست آهي ته موجوده شاعرن جو ڪم تعميري هئڻ گهرجي نه ڪه تخريبي"(١).

علامه اقبال جي ان خط مان اسان کي ڪيترين ڪم جون ڳالهيون هٿ اچن ٿيون ته فن شاعري جي قاعدن قانونن جي پابندي ڪرڻ تمام ضروري آهي، جيڪڏهن اسين گهرون ٿا ته اسان جي شاعري پُر اثر ۽ ڪامياب ٿئي. غزل، رباعي ۽ نظم ۾ فرق ڏيکاريو اٿس. قافيه جو هجڻ لازمي ٺهرايو اٿس. رديف جي نظم ۾ هروڀرو ضرورت نه آهي. جيڪي شاعر قافيو استعمال نٿا ڪن، سي اڳتي هلي هرگز ڪامياب نه ٿيندا. هي طريقو شاعري ۾ بلڪل ضروري آهي. شاعري جذبات سان آهي، جي ماحول جي اثر کان پيدا ٿين ٿا.

---

(١) اقبال نامه صفحه ٢٨٠

قصن ۽ حڪايتن جي ذريعي بيان ڪيو ويندو آهي. ظاهر آهي ته بذات خود هي ڪا نئين شيء نه آهي، بلڪ قديم ادب جي مطالعي مان ظاهر ٿي ويندو ته اها صنعت ڪيترن ئي شاعرن به اڳي استعمال ڪئي آهي، جهڙوڪ غالب يا مولانا روم جو پنهنجي سڄي مثنوي ۾ حڪايتن ۽ تمثيلن کان ڪم ورتو آهي، تنهن ڪري مولانا روم هڪ هنڌ چيو آهي:

خوشتر آن باشد که سر دلبران
گفته آيد در حديث ديگران

غالب پنهنجي لطيف انداز بيان ۾ ساڳي ڳالهه هيٺين نموني سان پيش ڪئي آهي:

ہر چند ہو مشاہدۂ حق کی گفتگو
بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر

مغرب جي ڪن اديبن بيان جو اهو اسلوب جيڪو اختيار ڪيو آهي سو حقيقت ۾ قديم اسلامي ادب جو ماخوذ آهي.

اهو اسلوب بيان موجوده دور ۾ سياسي مسئلن کي بيان ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. اهو ئي طريقو صوفيانه شاعريء جي لاء چڱيءَ طرح ڪم اچي سگهي ٿو، تنهن ڪري انهيء نقطه نظر کان مولانا روم به ان کي اختيار ڪيو آهي. علامه اقبال به اهو انداز بيان پنهنجي صوفيانه، فلسفيانه ۽ سياسي شاعريء لاء رمز و ڪنايه جي گفتگو ۾ استعمال ڪيو آهي. خود ان بابت پنهنجي ڪلام ۾ رقمطراز آهي:

برهنه حرف نه گفتن کمال گويائی است
حديث خلوتيان جز به رمز و ايما نيست

علم معاني جي استادن جو چوڻ آهي، بلڪ هو هيء ڳالهه قبول ڪندا آهن ته اجمال تفصيل جي ڀيٽ ۾، اشارو وضاحت جي مقابلي ۾ ڏاڍو وڌيڪ مزيدار ۽ اثرائتو ثابت ٿئي ٿو. ڪيترا ڀيرا مضمون کي رڳو هڪ ٻن لفظن سان جنهن خوبي سان ادا

ناھڻ ڪانپوءِ يتيمن جو محفوظ خزانو، انھن جي وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ انھن کي ملندو. ان ڪانپوءِ حضرت خضر عليہ، موسيٰ عليہ السلام کان ڌار ٿي ويو، جو ھن خاموش رھڻ جو وعدو پڪو ھو. ھيڏو سارو سچو قصو علامہ اقبال رمزيت جي ڪتب آڻڻ سان ٿي ھڪ مصرع ۾ سمائي سگھيو آھي.

ٻئي شعر ۾ سراسر ”عمل“ ٿي کي آئين قدرت ۽ اسلوب فطرت مقرر ڪرڻ ۾ چٽو اشارو آھي، ان قرآني آيت جي طرف: لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰي يعني انسان جي لاءِ اھوئي ڪجھ آھي، جنھن کي ھو پنھنجي محنت ۽ ڪوشش سان حاصل ڪري وٺي.

مولانا عبدالسلام ندوي پنھنجي ڪتاب ”اقبال ڪامل“ جي صفحہ ١٨٨ تي لکي ٿو تہ علامہ اقبال ان طريقي سان ڪيترن ئي اھم فلسفيانہ مسئلن جي تشريح ڪئي آھي، جھڙوڪ علامہ اقبال جي فلسفہ خودي جو ھڪڙو اھم جزو خير ۽ شر جي آميزش آھي. انھن ٻنھي جي ميلاپ سان ھڪ حرڪت پذير ۽ آئين پسند مڪمل خودي پيدا ٿئي ٿي، پر شيطان مجسم شر، فرشتو مجسم خير ۽ انسان خير ۽ شر جو مجموعو آھي. جيڪڏھن انھيءَ مجموعي جا ٻئي جزا جدا جدا رھن تہ ڪا مڪمل خودي پيدا ٿي نٿي سگھي. شيطان خودي، لذت پرستي ۽ خالص عقل جو ھڪ مجسم پيڪر آھي، جو ڪنھن جي ضابطي ۽ آئين کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. ان جي پيٽ ۾ فرشتا مجسم خير آھن، جي بديءَ ۾ مبتلا ٿي ئي نٿا سگھن. البت انسان بديءَ ۾ مبتلا ٿي ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انھيءَ ڪوشش جو نالو ضابطو، آئين ۽ مذھب و اخلاق آھي، تنھن ڪري ھر خير جو بنياد شر تي آھي. انھيءَ مسئلي کي علامہ اقبال پنھنجي نظم ”تسخير فطرت“ ۾ آدم جي جمڻ ۽ ابليس جي انڪار ڪرڻ جي قصي جي ضمن ۾ بيان ڪيو آھي. حضرت آدم عليہ السلام جنت ۾ فرشتن وانگر

چہ خوش است زندگی راہ سوز و ساز کردن
دل کوہ و دشت و صحرا بہ دمے گداز کردن
بگدازہائے پنہاں بہ نیازہائے پیدا
نظر اداشناسے بحریم ناز کردن
گہے چیزکی ندیدن بہ ہجوم لالہ زارے
گہے خار نیش زن راز گل امتیاز کردن

تنهن کري اهي جيتوڻيڪ حڪم خداوندي جي برخلاف هايا تنهن هوندي به انهيءَ حيلي سان خداوند تعاليٰ جي حضور ۾ پنهنجو عذر گناه پيش ڪيو:

گرچہ فسونش مرا بروز راہ صواب
از غلطم درگذر عذر گناہم پذیر
رام نگردد جہاں نانہ فسونش خوریم
جز بکمند نیاز ناز نگردد اسیر
تا شود از آہ گرم این بت سنگین گذار
بستن زنار او بود مرا ناگزیر
عقل بدام آور و فطرت چالاک را
اھرمن شعلزاد سجدہ کند خاک را

پوئين شعر ۾ هي اشارو آهي ته جيڪڏهن حضرت آدم عليه السلام رکو مرکز خير يعني جنت ئي ۾ رهن ها ته نه فطرت جي تسخير ڪري سگهن ها نه هن جي خودي مڪمل ٿئي ها. ابليس انهن کي سجده ڪرڻ کان انهيءَ لاءِ انڪار ڪيو هو ته انهن جي خودي نامڪمل هئي، پر دنيا ۾ اچي جڏهن انسان پنهنجي خوديءَ کي مڪمل ڪري ورتو ته شيطان به هن جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پيو ٿو.

## رومانيت:

شعر ۽ ادب جي هڪ قسم کي رومانيت جو نالو ڏنو ويو آهي. ان قسم ۾ تخيل ۽ جذبات جو گهڻو زور هوندو آهي.

آهن، بلڪ هن جو چوڻ آهي ته شاعر جي اندر خود جذبو هئڻ گهرجي ۽ انهن جذبي ڪانسواءِ شعر بلڪ ڪنهن فن لطيف ۾ اثر پيدا ٿي نٿو سگهي:

آيا کہاں سے نالہ نے سرور ہے
اصل اسکی نےنواز کا دل ہے کہ چوب نے
جس روز دل کی رمز مغنی سمجھ گیا
سمجھو تمام مرحلہ ہائے ہنر ہیں طے

علامه اقبال جي لاءِ رڳو اهو ئي ڪافي نه آهي ته ٻڌڻ واري جي دل ۾ به هڪ جذبو هجڻ گهرجي، تنهن جي ڪري ٻڌڻ واري ڪي چوي ٿو:

پیش من آئی دم سردے دل گرم بیار
جنبش اندر تست از در نغمۂ داؤد نے

مٿين شعرن ۾ علامه اقبال جيڪي جذبات ظاهر ڪيا آهن سي يقيناً نقلي نه آهن، بلڪ خود انهن جي اندر هڪ جذبو موجود آهي، جيڪو انهن جي پوري شاعريءَ جو محور آهي. فارسي غزل گو شاعرن ۾ خواجه حافظ شيرازيءَ جي ڪلام ۾ جيڪي جذبات ظاهر ڪيا ويا آهن، سي گهڻو ڪري جذب و مستي سان واسطو رکن ٿا، پر خواجه حافظ جي مستي رڳو ڪباب ۽ شراب تائين محدود رهي، پر علامه اقبال جي مستي غيرمحدود هئي. هن جيڪا مستانه روش اختيار ڪئي، تنهنجي اظهار جي لاءِ هن هڪ نهايت مختصر ۽ معنيٰ خيز اصطلاحي لفظ اختيار ڪيو يعني قلندر جو خطاب پسند ڪيائين، جيئن سندس هڪ مصرع آهي:

کہہ ڈالے قلندر نے اسرار کتاب آخر
ز برون در گذشتم ز درون خانہ گفتم
سخن نگفتۂ را چہ قلندرانہ گفتم
خوش آگئی ہے جہاں کو قلندری میری
وگرنہ شعر میرا کیا ہے شاعری کیا ہے

آرزو جي خلش مون کي کٿي بہ چين سان ويهڻ نٿي ڏني.
جڏهن آءٌ ڪنهن خوبرو کي ڏسان ٿو تہ ان جي سونهن کان
لذت پرائڻ جي بدران منهنجي دل ۾ فوراً هي خواهش پيدا ٿئي
ٿي تہ ڪاش ان کان بہ وڌيڪ خوبرو ڏسان. جنت تہ ڏاڍي
بيلطف جڳهہ آهي. هتي نہ درد جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي، نہ
هتي غم آهي ۽ نہ غمگسار. هتي هرڪو مطمئن نظر اچي ٿو.
ڪنهن دل ۾ داغ تمنا نہ آهي:

چہ کنم کہ فطرت من بہ مقام درنسازد
دل ناصبور دارم چو صبا بہ لالہ زاری
چو نظر قرار گیرد بہ نگار خوبروئے
تپد آن زمان دل من پے خوبتر نگارے
ز شرر ستارہ جویم ز ستارہ آفتابے
سر منزلے ندارم کہ بمیرم از قرارے
چو ز بادۂ بہاری قدمے کشیدہ خیزم
غزل دگر سرایم بہ ہوائے نوبہارے
طلبم نہایتے آن کہ نہایتے ندارد
بہ نگاہ ناشکیبے بہ دل امیدوارے
دل عاشقاں بمیرد بہ بہشت جاودانے
نہ نوائے دردمندے نہ غمے نہ غمگسارے

انهن شعرن مان ثابت ٿو ٿئي تہ جذبي جي تسڪين انهي وقت
ٿي ٿئي، جڏهن ان کي تسڪين نہ هجي. هو هڪ حالت تي
قانع نٿو رهي، بلڪ ارتقائي منزل طئي ڪرڻ گهري ٿو ۽ ارتقا
جي لاءِ هي ضروري آهي تہ پست ۽ بلند، نيڪ ۽ بد ٻنهي
جو وجود هجي. ممڪن آهي تہ دنيا جي هر شيءِ پنهنجي جاءِ
تي عمده هجي يا ان ۾ برائي ۽ ڀلائي ڪجهہ بہ نہ هجي. پر
ارتقائي منزلن ۾ جڏهن انسان هڪ ڏاڪي کي طئي ڪري ٻئي
ڏاڪي تي قدم رکي ٿو تہ پهريون ڏاڪو قدرتيطور تي پست
ٿي وڃي ٿو. هڪڙي سهڻي کي ڏسي انسان جڏهن ان کان وڌيڪ

سهڻي جي ڳولا ٿو ڪري ته پاڻيهي بدصورتيءَ جو تخيل پيدا ٿي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪن فيلسوفن جي اڳيان خير و شر حقيقي شيون نه آهن، بلڪ اضافي. انهن دقيق مسئلن کي اڳيان رکي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته علامه اقبال انهن کي ڪيترو عاشقانه رنگ ۾ حل ڪيو آهي:

انهيءَ مضمون کي غالب پنهنجي مثنوي ”ابر گهر بار“ ۾ ان طرح بيان ڪيو آهي:

دران پاک ميخانهٔ بےخروش — چه گنجايش شورش نا و نوش
سيه مستي ابر باران کجا — خزان چون نباشد بهاران کجا
اگر حور در دل جنانش که چه — غم و هجر و ذوق وصالش که چه
چه منت نهد نا شناسا نگار — چه لذت دهد وصل بے انتظار

ايشيائي رمزيت ۽ مغربي رمزيت ۾ وڏو فرق آهي. هر تشبيهه ۽ استعارو رمزيت ۾ داخل نه آهي، بلڪ مغرب ۾ رمزيت هڪ ڊرامي جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي ۽ علامه اقبال به اها ئي طرز اختيار ڪئي آهي.* اسان مٿي اقبال جي هڪ نظم ”تسخير فطرت“ جو ٿورو ذڪر ڪيو آهي. اقبال جي تصوراتي ۽ ڊرامائي نظمن ۾ ”تسخير فطرت“ ان لحاظ کان وڌيڪ مڪمل آهي، جنهن ۾ شاعر ان ڊرامي جي مختلف اجزا کي پنج جدا جدا ٽڪرن ۾ نظم ڪري ان ۾ فڪري ۽ فني وحدت ڪئي قائم آهي.

ڏسو سيد وقار عظيم جو ڪتاب اقبال شاعر ۽ فلسفي صفحه ٣٠٥

## ڪلاسڪيت:

ادب ۽ آرٽ جو هڪ قسم اهو آهي، جنهن ۾ تخيل ۽ جذبات جو زور نه هوندو آهي، بلڪ فن جي طريقي ۽ ظاهري شڪل جي خيال جو وڌيڪ لحاظ رکيو ويندو آهي. مغربي ادب ۽ آرٽ جي تاريخ ۾ انهيءَ شاعرانه مسلڪ کي ڪلاسيڪي چئبو آهي. ان مسلڪ جي مطابق انساني فطرت مقرر هوندي آهي. رڳو نظم ۽ ترتيب ۽ مقرر ٿيل روايتن جي پابنديءَ سان فنڪار

شاعر هيءُ خيال پيش ڪيو آهي ته فتحمند عرب پاڻ کي اندلس ۾ اجنبي محسوس ڪندا هئا، پر ان جو هيءُ به عقيدو آهي ته انسان پنهنجي عمل جي قوت سان هر ماحول تي قابو پائي سگهي ٿو ۽ هرهنڌ وسي سگهي ٿو. هو ڪنهن هڪ سرزمين سان وابسته نه آهي. انسان جي فضيلت خاڪ جي ڪري نه آهي، بلڪ ان جي سوزِ درون جي ڪري آهي:

عالم کا عجیب ہے نظارہ  دامان نگہ ہے پارہ پارہ
ہمت کو شناوری مبارک  پیدا نہیں بحر کا کنارہ
ہے سوزِ دروں سے زندگانی  اٹھتا نہیں خاک سے شرارہ
صبح غربت میں اور چمکا  ٹوٹا ہوا شام کا تارہ
مومن کے جہاں کی حد نہیں ہے  مومن کا مقام ہر کہیں ہے

بال جبريل جا ڪيترا نظم ان طرز جا بهترين مثال آهن، خاص طرح مسجد قرطبه وارو نظم ۽ اسرار خودي ۽ رموز بيخودي ۾ جيڪي حڪايتون لکيل آهن سي پڻ ان طرز ۾ داخل ڪري سگهجن ٿيون. نظم ”مسجد قرطبه“ حقيقت ۾ موجوده اردو ادب ۾ هڪ شاهڪار جو درجو رکي ٿو. ان نظم ۾ علامه اقبال رمز ۽ اشارات کان گهڻو ڪم ورتو آهي، جنهن جي ڪري طلسم جو اثر پيدا ڪري ڇڏيو اٿس. ان نظم ۾ آرٽ، تاريخ ۽ فلسفو اهڙي انداز بيان ۾ تنهيءَ کي ملايو ويو آهي، جو وات مان واه نڪريو وڃي. اقبال هسپانيه جي اسلامي دور جي تاريخ بيان نٿو ڪري، بلڪ اشارن کان ڪم ورتو اٿس، جنهن جي استعمال کان هسپانيه جي سڄي تاريخ سامهون اچيو وڃي. اقبال چوي ٿو ته زماني جي ظلم ۽ زبردستين جي سبب، ڪائنات جي ڪا شيءِ محفوظ نه آهي نه سلطنت، نه هنر ۽ نه شخصيت. دنيا جي هر شيءِ بي‌ثبات ۽ ناپائدار آهي. ست سو سال اڳي اندلس جي حالت ڪجهه ٻي هئي ۽ اڄ ڪجهه ٻي آهي:

سلسلۂ روز و شب نقش گر حادثات
سلسلۂ روز و شب اصل حیات و ممات
سلسلۂ روز و شب تار حریر دو رنگ
جس سے بناتی ہے ذات اپنی بقائے صفات
تیرے شب و روز کی اور حقیقت ہے کیا
ایک زمانے کی رو جس میں نہ دن ہے نہ رات
آنی و فانی تمام معجزہ ہائے ہنر
کارجہاں بے ثبات کارجہاں بے ثبات
اول و آخر فنا باطن و ظاہر فنا
نقش کہن ہو کہ نو منزل آخر فنا

قديم مشرقي تنقيد جو طريقو جيتوڻيڪ معنيٰ ۽ مطلب کي نظرانداز نٿو ڪري، تنهن هوندي به ان جي نظر لفظن تي رهي ٿي ۽ هو ماده کان وڌيڪ صورت جو پوڄاري آهي، تنهن ڪري اسين به ان طرز جي پيروي ڪريون ٿا.

## حسن الفاظ:

علامه برجموهن دتاتريه ڪيفي پنهنجي ڪتاب ڪيفيه ۾ چيو آهي ته جهڙيءَ طرح حرف صوت يعني آواز جي نمائندگي ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح لفظ جذبات، احساسات ۽ تصورات جي نمائندگي ڪري ٿو. لفظ جا ترڪيبي اجزا حرف آهن ۽ زبان جا ترڪيبي اجزا لفظ آهن. لفظن مان عبارت ۽ عبارتن مان ادب جي تشڪيل ٿئي ٿي. لفظ ئي ٻوليءَ جو سرمايو ۽ قيمت تين ٿا. لفظن سان ٻوليءَ ۽ ادب جو درجو قائم ٿئي ٿو. علامه اقبال جيتوڻيڪ پنهنجن شعرن ۾ گوناگون مضمون نظم ڪيا آهن پر انهن ۾ ڪٿي به مبتذل ۽ سبڪ لفظ نه آندا آهن. سب رس اقبال نمبر جي صفحه ٨٧ تي هڪ تنقيد نگار اقبال جي ڪلام جي ان خصوصيت جي طرف اشارو ڪندي لکيو آهي ته "هن جي پوري ڪلام ۾ ڪا شيء اهڙي نظر اچي نٿي سگهي،

جنهن ۾ ڪنهن قسم جو ابتذال يا عاميانه ڳالهه جو ذرو به رنگ جهلڪندو هجي. هن جي بلند فطرت ڪنهن مبتذل، ناپاڪ ۽ محدود شيءِ کي هڪ لمحه جي لاءِ پسند نه ڪري سگهندي هئي. اهو ئي سبب آهي ته جيتوڻيڪ هن حسن و عشق جي ميدانن ۾ به جولاني ڏيکاري آهي، پر ڪٿي به اسين هن کي ڪنهن وشيا جي زلف گره گير ۾ قائل نٿا ڏسون."

لفظ جنهن حالت ۾ معنيٰ جي تابع هوندا آهن، تنهن ڪري هو خيال جي پاڪيزگيءَ سان هميشه شسته، فصيح ۽ پاڪيزه لفظ استعمال ڪندا آهن. بانگ درا جي پڇاڙيءَ ۾ ظريفانه ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي ڊينگ، هينگ، سينگ يا متڪا، جهٽڪا جهڙا لفظ اچي ويا آهن، پر چاڪاڻ ته ڪلام ظريفانه آهي، تنهن ڪري انهن لفظن جو استعمال جائز ٿي سگهي ٿو، نه ته هن جو سنجيده ڪلام انهيءَ قسم جي لفظن کان پاڪ آهي.

علامه اقبال جي ڪلام ۾ لفظي صنعتون تمام گهٽ نظر اچن ٿيون. بعض هنڌن تي لفظي تڪرار جو هڪ قسم جي لفظي صنعت آهي، جنهن حسن پيدا ڪيو آهي.

خضر بھی بے دست و پا الیاس بھی بے دست و پا
میرے طوفان یم بہ یم، دریا بہ دریا، جو بجو
پھول ہیں صحرا میں یا پریاں قطار اندر قطار
اودے اودے، نیلے نیلے، پیلے پیلے پیرہن
نہ درحرم نہ بہ بتخانہ یابم آن ساقی
کہ شعلہ شعلہ بہ بخشد شرر شرر بدھد
باد بہار موج موج مرغ بہار فوج فوج
صلصل و سار زوج زوج برسر ناروں نگر

مٿين شعرن ۾ لفظن جو تڪرار مصراعن ۾ حسن لائيو بيٺو آهي ۽ ڪنهن طرح به بدزيبو نٿو لڳي.

علامه اقبال جو هڪ شعر ملاحظه فرمايو:

مجو از ما نماز پنجگانہ    غلاماں را صف آرائی گراں است

مٿين شعر ۾ اقبال صنعت ايهام تناسب استعمال ڪئي آهي. ڪلام ۾ اهڙو لفظ آڻجي جنهن جون ٻه معنائون هجن، هڪڙي مقصود ٻي غيرمقصود. مٿين شعر ۾ لفظ صف آرائي آيو آهي، جنهن جون ٻه معنائون آهن. ١- صف بندي جيئن نماز ۾ ڪبي آهي ٢- ٻي معنيٰ آهي جنگ ڪرڻ جي.

پهرين مصرع ۾ لفظ نماز آيو آهي، جنهن مان اهو ڏوڪو ٿو ٿئي ته لفظ صف‌آرائي انهيءَ لاءِ آيو آهي ته صف‌بندي ڪئي وڃي، پر اهو لفظ ٻي معنيٰ جي خيال کان غير‌مقصود آيو آهي:

دختر کے برہمنے لالہ رخے سمن برے
چشم بروئے او کشا باز بخویشتن نگر

بازبخويشتن لفظ ۾ صفت ايهام تناسب آهي. ان جي هڪڙي معنيٰ ته هي آهي ته ان برهمن زاديءَ کي ڏسي پنهنجي دل کي ٻه ڏس ته اهو ساڻهپي ۾ آهي يا نه؟ هي هڪ عاشقانه مضمون آهي، جنهن ۾ بيخودي ملي ٿي، پر اقبال جي فلسفهٔ خودي جي سبب ٻي معنيٰ هيءَ به ٿي سگهي ٿي ته منظر ڪيترو ئي هوش ربا هجي پر پنهنجي خوديءَ کي نه وڃائڻ گهرجي، بلڪ پنهنجي دل کي قابو ۾ رکڻ گهرجي:

زدانند کشتهٔ این عصر بے سوز
قیامت ها کہ در قد قامت اوست
کشادہ دست کرم جب وہ بے نیاز کرے
نیازمند نہ کیوں عاجزی پہ ناز کرے

قيامت ۽ قامت، نياز ۽ ناز ۾ تجنيس زايد يا ناقص آهي يعني ٻن متجانس لفظن مان هڪ جي منڍ ۾ يا وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ هڪ حرف وڌيڪ هجي مٿين ٻن شعرن جي وچ ۾ هڪ حرف ر، وڌيڪ آيل آهي:

اے کہ تیرا مرغ جاں تار نفس میں ہے اسیر
اے کہ تیری روح کا طائر نفس میں ہے اسیر

مٿين شعر ۾ تجنيس لاحق آيل آهي. ٻن لفظن ۾ پهريون حرف هڪ طرح جو نه هجي ۽ قريب المخرج به نه هجي، جيئن نفس ۽ قفس ۾:

من با آغوش صدف تابم هنوز    در ضمير بحر نايابم هنوز

تابم ۽ يابم ۾ تجنيس خطي آهي: ٻه لفظ صورت ۾ هڪ هجن فقط نقطن ۽ علامتن ۾ اختلاف هجي ته ان کي تجنيس خطي چئبو آهي.

علامه اقبال لفظن جي استعمال کان خوب واقف آهي جو ڪوزي ۾ دريا کي بند ڪري سگهي ٿو. شاعري ۽ فلسفه جو خلاصو فقط لفظن جي ذريعي هڪ مصرع ۾ پورو ڪري سگهيو آهي:

زمانه با تو نسازد تو با زمانه ستيز

انهي مقصد جي لاءِ شاهنامه جي زبان درڪار هوندي آهي ۽ اها هن جي ڪلام ۾ موجود آهي، چاڪاڻ ته هو لفظن کي استعمال ڪري ڄاڻي، تنهن ڪري ان ۾ ڪامياب ٿيو وڃي مثلاً:

دارا و سکندر سے وہ مرد فقير اولیٰ
ہو جسکی فقيری ميں بوئی اسداللٰہی
آئين جواں مرداں حق گوئی و بيباکی
اللہ کے شيروں کو آتی نہيں روباہی

علامه اقبال گهڻو ڪري ان قسم جي مضمونن کي به غزل جي ٿي زبان ۾ ڏاڍي لطافت سان بيان ڪن ٿا ۽ اهي ٿي لفظ آڻين ٿا، جي غزل ۾ عام طرح استعمال ڪيا وڃن ٿا. مثلاً هن کي هيءَ چوڻو آهي ته جيڪي ماڻهو پاڻ کي خطرن ۾ مبتلا رکڻ پسند ڪن ٿا، انهن جي لاءِ امن و سڪون ۽ عيش و عشرت جا مقام موزون نه آهن. ان مضمون کي علامه اقبال ان طرح بيان ڪندا:

خطرپسند طبيعت کو ساز نہيں
وہ گلستاں کہ جہاں گھات ميں نہ ہو صياد

هو عيش و عشرت جي زندگيءَ کي ترڪ ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو پر قوم ان جي مخالفت ڪري ٿي، ان مضمون کي ائين ادا ڪندو:

بگو اقبال را اے باغبان رخت از چمن بندد
کہ این جادو نوا مارا ز گل بیگانہ میسازد

آزاديءَ جي تعليم ان طرح ٿو ڏئي:

تاکجا در تہ بال دگران می باشی
در هوائے چمن آزادہ پریدن آموز

زندگي حرڪت ۽ ارتقا جو نالو آهي:

بہ آشیان نہ نشینم ز لذت پرواز
گھے بہ شاخ گلم گاہ برلب جویم

اها معجزانہ انقلابي طاقت، جا حضرت موسیٰ عليہ السلام جي هٿ ۾ هئي، هاڻي نہ رهي آهي، پر علامہ اقبال پنهنجي شاعري جي ذريعي ان کي زنده ڪرڻ ٿو گهري:

چراغ خویش برافروختم کہ دست کلیم
دریں زمانہ نہاں زیر آستین کردند

مطلب تہ علامہ هڪ انقلابي شاعر آهي جيئن هو خود ٿو چوي:

با نشہ درویشی درساز و دمادم زن
چون پختہ شوی خود را بر سلطنت جم زن
گفتند جہان ما آیا بتوے سازد
گفتم کہ نمی سازد گفتند کہ برہم زن

ليڪن هو ان انقلاب انگيز شاعريءَ کي غزل جي ٺي زبان ۾ استعارہ ۽ ڪناية ڏاڍي خوبصورتي سان پيش ڪن ٿا ۽ ان تي خود هن کي فخر آهي ۽ بجا فخر آهي. هيٺي شعر ۾ صنعت سوال و جواب ملاحظ فرمايو:

پردہ برگیرم و در پردہ سخن می گویم
تیغ خونریزم و خود را بہ نیامے دارم

انهيءَ خصوصيت جي بنياد تي ڪيترن مصنفن علامہ اقبال کي ڏاڍو ساراهيو آهي. اسان مٿي لڪيڪاريو آهي تہ لفظن جي صحيح استعمال جي ڪري علامہ اقبال پنهنجي شاعريءَ کي ڏاڍو دلڪش بڻايو آهي.

## لب و لهجہ:

جن شاعرن ڪنهن خاص مقصد کي نظر اڳيان رکي شاعري ڪئي آهي ۽ هو پنهنجي دل ۾ هڪ پختو جذبو رکندا هئا، تن جو هڪ خاص لهجو هوندو هو. خواجہ حافظ شيرازيءَ جو لهجو مستانہ آهي، فردوسيءَ جو لهجو دليرانہ آهي ۽ مولانا روم جو لهجو ڪٿي فلسفيانہ آهي، ڪٿي صوفيانہ ۽ ڪٿي متڪلمانہ، ساڳيءَ طرح علامہ اقبال جو بہ هڪ خاص لهجو آهي، جنهن کي هڪ صاحبِ ذوق محسوس ڪيو آهي ۽ سب رس رسالي جي اقبال نمبر صفحہ ٨٧ تي لکيو آهي تہ ”اقبال جي جنهن خصوصيت مون کي حد کان وڌيڪ هن جو گرويده بنائي ڇڏيو آهي، سو ان جو لهجو (Tone) آهي. هو ڪنهن بہ موضوع تي اظهار خيال، پنهنجي خاص لهجي ۾ ڪري ٿو، جنهن مان فوراً معلوم ٿي وڃي ٿو تہ اتي اقبال ٻولي رهيو آهي. هماله جهڙي شروعاتي نظم کان وٺي ضرب ڪليم ۽ بال جبريل جي پڇاڙيءَ جي نظمن تائين اقبال جو لهجو برقرار رهي ٿو. هڪ لحظي جي لاءِ بہ ان ۾ ڪو فرق نظر نٿو اچي. مان هن ڳالهہ کي شايد قبول ڪري وٺان تہ اقبال ڪن ڪن نظمن ۾ ٻين جي خيالات مان فيض حاصل ڪيو هجي ۽ ڪٿي توارد خيال بہ نظر اچي ٿو، پر ڪنهن طرح بہ هي مڃي نٿو سگهان تہ اقبال جو لهجو ڪنهن حد تائين بہ ڪنهن ٻئي شاعر جو رهين منت هجي. اقبال پنهنجي لهجي ۾ مڍ کان پڇاڙيءَ تائين اقبال آهي.... اقبال جو لهجو ڇا آهي؟ اهو شاعريءَ جو هڪ معجزو آهي . اهو هڪ اهڙي شخص جو آواز آهي، جو دلين

تي حڪومت ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿيو آهي. اهو هڪ اهڙي عظيم مرتبي جي انسان جي صدا آهي، جو قومن جي باطن ۾ انقلاب پيدا ڪري سگهي ٿو. مختصر هيءَ ته هو آسماني آواز آهي، رباني نغمو آهي."

علامه اقبال بعض شعرن ۾ پاڻ به پنهنجي لهجي جي طرف اشارا ڪيا آهن:

چمن میں تلخ نوائی مری گوارا کر
کہ زہر بھی کبھی کرتا ہے کار تریاقی
عطا ہوا خس و خاشاک ایشیا مجھکو
مرے شعلے میں ہے سرکشی و بیباکی

يعني هن جو لهجو ڏاڍو تند، تيز ۽ انقلاب انگيز آهي مثلاً:

اٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگادو
کاخ امرا کے در و دیوار ھلادو
گرماؤ غلاموں کا لہو سوز یقین سے
کنجشک فرومایہ کو شاہین سے لڑادو
سلطانی جمہور کا آتا ہے زمانہ
جو نقش کہن تم کو نظر آئے مٹادو
جس کھیت سے دہقان کو میسر نہیں روٹی
اس کھیت کے ہر خوشہ گندم کو جلادو
نشاں یہی ہے زمانے میں زندہ قوموں کا
کہ صبح و شام بدلتی ہیں ان کی تقدیریں
قلندرانہ ادائیں سکندرانہ جلال
یہ امتیں ہیں جہاں میں برہنہ شمشیریں
خودی سے مرد خود آگاہ کا جمال و جلال
کہ یہ کتاب ہے باقی تمام تفسیریں
شکوہ عید کا منکر نہیں ہوں میں لیکن
قبول حق ہے فقط مرد حر کی تکبیریں

اپنے نور نظر سے کیا خوب فرماتے ہیں حضرت نظامی
جائے کہ بزرگ بایدت بود فرزندی من ندارت سود

## اقبال هڪ متڪلم:

هڪ فلسفيانه حقيقت پيش ٿي ڪجي ته فلسفو ۽ شعر به هڪ جهڙيون شيون آهن. فلسفه جهڙيءَ طرح معاشري جي ترتيب ڪئي آهي، تهڙي طرح شعر به برابر ان کي ٽيڪو ڏيندو آيو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ته فلسفه کان به اڳتي نڪري ويو آهي جيئن ته علامه اقبال مرحوم فلسفي به آهي ته شاعر پڻ، پر سڀ کان اڳي هو هڪ سچو مسلمان آهي.

علامه اقبال جي ڪلام تي غور ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو ته هو فلسفي به آهي ۽ هڪ نمايان حيثيت رکندڙ مسلمان به ۽ قومي شاعر پڻ يعني هن جي شاعريءَ ۾ گهڻيون فلسفيانه حقيقتون نظر اچن ٿيون، جيتوڻيڪ فلسفه نگاري اقبال جي انفرادي حيثيت نه آهي، ڇاڪاڻ ته فارسي شاعرن جي ڪلام جي مطالعه مان جا شيءِ بديهي طور تي مطالعو ڪرڻ واري جي ذهن ۾ نقش ٿئي ٿي، سا اقبال جي متڪلمانه حيثيت آهي، ان کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو ته علم الڪلام جي حدن ۾ فلسفو داخل آهي، بلڪه حقيقت هيءَ آهي ته معاش ۽ معاد جا مسئلا فلسفه جي ئي بنياد تي تحقيق ڪيا وڃن ٿا.

اقبال هڪ مجتهد به هو ۽ مجدد به، تنهن ڪري هن جي ڪلام ۾ انهيءَ قسم جا اشارات صاف صاف ملن ٿا، پنهنجي اجتهاد جي لاءِ علامه اقبال چوي ٿو:

گمان مبر که به پایان رسید کار مغان
هزار بادهٔ ناخورده در رگ تاک است

اقبال جي مجدديت جي طرف هيٺين شعر ۾ اهڙو اشارو ملي ٿو:

فاخته کهن سرود نالهٔ من شنید و گفت
کس نه سرود در چمن نالهٔ یار این چنین

علم ايجاد ڪيو، جنهن ڪان دنيا، اسلام ڪان اڳي، واقف ڏي نه هئي. ان عقلي ۽ ماورائي علم جو نالو علم الڪلام آهي.

ظاهر ۾ علم الڪلام منطق جو هڪ شعبو معلوم ٿو ٿئي، مگر واقعو هيءُ آهي ته اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ ماورائي فلسفو آهي. ان فلسفہ جي تعريف سمجهڻ جي لاءِ ائين سمجهڻ کپي ته معاد جي مسئلن تي استدلال ڪرڻ جي طريقي کي علم الڪلام ٿو چئجي يعني خدا، فرشتا، انبيا، آسماني ڪتاب، حشر و نشر وغيره مسئلن کي عقلي دليلن سان ثابت ڪرڻ علم الڪلام آهي. خدا ۽ رسول جي اهميت انساني زندگيءَ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي. خدا جو يقين ۽ اعتقاد ڪرهٔ ارضي جي انسانن جي وڏي زبردست غالب اڪثريت ۾ عام رهيو آهي ۽ اهو ئي حال آسماني ڪتابن جو آهي، ويد ژند و پاژند، توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن حڪيم دنيا جي انسانن ۾ اهڙن ڪتابن ۾ ئي شمار ڪيا وڃن ٿا، جي ڪنهن نه ڪنهن انساني جماعت جي عقيدي ۾ آسماني آهن. پر مسلمانن ڪانسواءِ بي ڪنهن جماعت پنهنجي آسماني ڪتاب کي الهامي ثابت ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ڪتاب مان اهڙا اصول اخذ نه ڪيا آهن، جن مان اهو آسماني ڪتاب ثابت ٿي سگهي. پر مسلمانن پنهنجي ڪتاب جي دعوىٰ جي مطابق عقل ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ ان کي الهامي ۽ آسماني ثابت ڪيو آهي. انهيءَ اثبات جي طريقي جو نالو علم الڪلام آهي ۽ هيءَ خاص مسلمانن جي ايجاد آهي.

اسلام جي ابتدا ڪان اڄ سوڌو اسلام ۾ متڪلمين حڪيمن جون وڏيون وڏيون هستيون گذريون آهن ۽ انهن جون خدمتون اهل علم ڪان اڄ به لڪل نه آهن. امام غزالي، امام فخرالدين رازي ۽ فارابي وغيره انهيءَ قسم جي حڪيمن ۾ شامل آهن.

مسلمانن ۾ هڪ سلسلو اهڙن حڪماء جو به آهي، جنهن کي متڪلمين شاعرن جي نالي سان تعبير ڪرڻ گهرجي مثلاً حڪيم سنائي، شيخ فريدالدين عطار ۽ مولانا روم وغيرهم، مگر

ڪي شعرن جي ذريعي جهڙيءَ طرح پيش ڪيو آهي، تنهن مان هن جو متڪلم هجڻ بنان ڪنهن شڪ شبهي جي ثابت ٿو ٿئي. فلسفه ۾ اقبال ڪي انفراديت حاصل هجي يا نه هجي، پر علم الڪلام جي تجديد ۾ اقبال جي حيثيت قطعاً انفراديت جي حامل آهي.

اقبال جي ڪلام تي غور ڪرڻ سان انهيءَ نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته اقبال دور حاضره جو هڪ متڪلم شاعر هو. هن جي ڪتاب ”ضرب ڪليم“ تي جيڪڏهن غور ڪيو ويندو ته اها ڳالهه ثابت ٿي ويندي.

علم الڪلام جا اهم مسئلا هي آهن: وجود باري تعالى، موجودات ۽ وجود جو پاڻ ۾ لاڳاپو، قيامت، حشر نشر، جنت ۽ دوزخ عذاب ۽ ثواب، اعمال، ملائڪ، رسالت، عبادت، اعتقاد وغيره. امام فخرالدين رازي ۽ متڪلم علماء انهن مسئلن تي سير حاصل بحث ڪيا آهن ۽ انهن مان هرهڪ کي ثابت ڪيو آهي. علم ڪلام جي ڪتابن ۾ انهن بحثن کي اڄ به ڏسي سگهجي ٿو ۽ اهڙا نظريات ۽ مسلمات، جي اسلامي حقيقتن جي خلاف آهن، اسانجن متڪلمين انهن تي اهڙن قسمن جا اعتراض ڪيا آهن، جن جو رد اڄ تائين ممڪن نه ٿي سگهيو.

اقبال جي ڪتاب ”ضرب ڪليم“ جي لوح تي نالي جي هيٺ هي لکيل آهي يعني ”اعلان جنگ دور حاضره ڪے خلاف“ ان جي هي معنى آهي ته اقبال الاهيات، اخلاقيات، معاشيات، عمرانيات ۽ سياسيات وغيره ۾ دور حاضر جي خلاف اعلان جنگ ٿو ڪري. ان مان هي حقيقت واضح ٿي ٿئي ته اقبال کي دور حاضر جي هر اها شيءِ اعتراض جي قابل نظر اچي ٿي، جا اسلامي حيات جي خلاف آهي. انهيءَ بنياد تا ضرب ڪليم مان ڪجهه عنوان نقل ڪيا وڃن ٿا جي علم ڪلام جا موضوع آهن.

لا الـٰه الا لله، تن به تقدير، معراج، علم و عشق، اجتهاد، ذڪر و فڪر، تقدير ۽ توحيد، علم ۽ دين، قوت ۽ دين، فقر و

ملوڪيت، سلطان، صوفي سے، تصوف، دنيا، وحي. جنهن حالت ۾ اهي عنوان گهڻا وڏيڪ آهن، تنهن ڪري نموني لاءِ ڪن ٻورن تي بحث ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڏيکارجي ٿو ته جن مسئلن تي علامه اقبال روشني وڌي آهي، تن ۾ هو ڪنهن متڪلم جو مقلد نه آهي، بلڪ هڪ اجتهادي حيثيت جو مالڪ آهي.

١- وحي بابت اسانجن متڪلمين ڏاڍي نڪته سنجي سان بحث ڪيا ۽ عقل سان وحي کي ثابت ڪيو آهي. مگر علامه اقبال جنهن ڍنگ سان ان کي ثابت ڪيو آهي، سو سڀني متڪلمين کان بالڪل جدا آهي. هو چوي ٿو:

عقل بے مايه امامت کا سزاوار نهيں
راهبر هو ظن و تخمين تو زبون کار حيات
فکر بے نور تيرا، جذب عمل بے بنياد
سخت مشکل هے که روشن هو شب تار حيات
خوب و نا خوب عمل کی هو گره وا کيونکر
گر حيات آپ نه هو شارح اسرار حيات

متي نظم ۾ ٽي شعر آهن، ان کان وڌيڪ جي گنجائش نه آهي. جيڪڏهن وحي بابت اسلام جي حڪماء جي بحثن جو مطالع ڪيو ويندو ته صفحن جا صفحا ڏسڻا پوندا، پوءِ به اڃ باقي رهندي، پر اقبال هڪ شعر ۾ وحي جي ماهيت بيان ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو مقصد آهي ته جڏهن حياتي خود اسرار حياتي جو شرح ڪري ٿي ته ان شرح جو نالو وحي آهي. ان کي سچي شعر ۾ ائين ادا ڪيو اٿس ته زندگيءَ جي مفيد ۽ مضر حقيقتن جو انڪشاف ان وقت ممڪن آهي، جڏهن زندگي خود اسرار حيات جو شرح ڪري. هيءَ آهي وحي جي حقيقت.

سچي نظم ۾ اقبال سڀ کان پهرين عقل سان بحث ڪيو آهي ۽ ڏيکاريو آهي ته انساني زندگيءَ جي نظم جي تشڪيل

۽ تعميل ۾ سمورو عمل تي اعتماد ڪري نٿو سگھجي ۽ ھيءَ فرض عقل کي سونپي نٿو سگھجي، ڇاڪاڻ تہ عقل جا معيار ظن ۽ تخمين آھن ۽ زندگيءَ جي يقيني مسئلن کي ظن ۽ تخمين جي حوالي ڪري ڇڏڻ ڪنھن حالت ۾ بہ مفيد نہ آھي. اقبال ان طرف اشارو ڪيو آھي تہ انساني شعور جي شروعات کان وٺي اڄ تائين بي شمار حڪماء زندگيءَ جي نظامن کي ترتيب ڏنو آھي، مگر انھن مان ڪو ھڪڙو بہ زندگيءَ جو نظام اھڙو نہ آھي، جو انساني فطرت جي عين مطابق ھجي، بلڪ انھن مان ھرھڪ زندگيءَ جو نظام ھڪ مخصوص قسم جي جماعت سان لاڳاپو رکندو آھي. ان جو سبب ھي آھي تہ ھيءَ ھڪ عقلمند جو ترتيب ڏنل نظام آھي. مگر اھو نظام يقيناً سڀ نوع بني آدم جي لاء فائديمند ھوندو، جنھن جو بنياد مطلقاً اسرار حيات تي ھوندو، ڇاڪاڻ تہ زندگي ھڪ اھڙي شيء آھي، جا ڪنھن مخصوص جماعت يا قوم يا انساني فرقي ۾ محدود نہ آھي ۽ حقيقي نظام حيات اھو ئي آھي، جنھن کي زندگيءَ جي بنياد تي قائم ڪيو ويو ھجي ۽ نظام حيات ۾ زندگيءَ جا مختلف تجربا نظر ايندا ھجن ۽ انھن تجربن جو شرح خود زندگي ڪيو ھجي، زندگي جڏھن انھن مفيد ۽ مضر تجربن جو شرح ڪري ٿي تہ ان کي وحي چئجي ٿو. ٻين لفظن ۾ حياتيءَ کي مضر اثر کان بچائڻ ۽ مفيد اصولن کي اختيار ڪرڻ خود حياتيءَ جو شرح آھي ۽ انھيءَ جو نالو وحي آھي.

انھيءَ مضمون کي اٿبن بہ ادا ڪري سگھجي ٿو تہ اڄ تائين جيترن حڪيمن حياتيءَ جا نظام ترتيب ڏنا آھن، تن جا بنياد جنھن حالت ۾ عقل ۽ ظن و تخمين تي آھن، تنھن ڪري انھن جو پاڻ ۾ سخت اختلاف ملي ٿو، پر اھو نظام حيات جنھن جو بنياد وحي تي ھوندو سو ظن و تخمين تي مبني نہ ھوندو، بلڪ يقين تي مبني ھوندو. انھيءَ بنياد تي اقبال فيصلو ڪيو آھي تہ گناہ و ثواب، نيڪي و بدي، جنت و دوزخ ۽ مفيد

منطق جي ذريعي ثابت ڪري سگهجي ٿو، پر تقدير اها شيءِ آهي، جا منطق جي تابع نہ آهي، بلڪ تقدير حقيقت ۾ قومن جي ان ڪردار جو نالو آهي، جو علمن جي حاصل ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ حصو وٺي ٿي. هيءَ ڪڏهن ممڪن نہ آهي جيڪا قوم علم ۽ هنر کان غافل رهي ۽ ان جو هرهڪ فرد، سستي ۽ ڪاهلي ۽ جهالت جو عاشق هجي؛ سا قوم خوش بخت، خوش حال، نامور ۽ صاحب حڪومت بہ ٿي سگهي ٿي؟ اقبال انهيءَ قومي ڪردار جو نالو تقدير رکي ٿو.

## توحيد:

توحيد هڪ اهڙو عقيدو يا اصول آهي، جنهن تي دين جو بنياد قائم آهي. ان جي تعمير ۾ اڪثر عالمن جو اختلاف آهي. ڪن عالمن توحيد کي ذات باري تائين محدود رکيو آهي ۽ ڪن ان کي ايتري قدر وسعت ڏني آهي، جو سڄي دنيا ان جي دائري ۾ سميٽجي اچي وڃي ٿي، مگر اقبال توحيد بابت جيڪي ڪي چيو آهي، سو سڀ کان ڏار آهي هو چوي ٿو:

زندہ قوت تھی جہاں میں یھی توحید کبھی
آج کیا ہے فقط اک مسئلہ علم کلام
روشن اس ضو سے اگر ظلمت کردار نہیں
خود مسلماں سے ہے پوشیدہ مسلماں کا مقام
میں نے اے میر سپہ تیری سپہ دیکھی ہے
قل ھو اللہ کی شمشیر سے خالی ہے نیام
قوم کیا چیز ہے، قوموں کی امامت کیا ہے
اسکو کیا سمجھیں یہ بیچارے دو رکعت کے امام

اقبال عقيدت ۽ ڪردار جي مطابقت يا هم آهنگي جو نالو توحيد رکيو آهي. قرآن حڪيم ۾ توحيد جو بيان سورة اخلاص يعني قل هو الله احد ۾ تفصيل سان ملي ٿو. اقبال چوي ٿو تہ هي توحيد جنهن جو بيان سورة اخلاص ۾ آهي، حقيقت

۾ توحيد آهي. هيءَ توحيد فڪر ۽ ڪردار جي برابر يعني وحدت آهي. انهيءَ فڪر و عمل جي وحدت يعني توحيد کي ماڻهن هڪ علم ڪلام جو مسئلو ناهي ڇڏيو آهي. انهيءَ فڪر و عمل جي وحدت يعني ان تي لا و نعم جي گفتگو ڪرڻ علم جو معراج سمجهيو آهي. اڄ ڪير آهي جو ڪتاب ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ ان حقيقت کان انڪار ڪري سگهي ۽ هي مڃي ته توحيد حقيقت ۾ عقيدي ۽ ڪردار جي هم آهنگيءَ جو نالو آهي. توحيد هڪ ذهني عقيدي ۽ قلبي شهادت جو نالو آهي. جڏهن هي توحيد انساني عمل ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته ذهني ۽ خارجي شين ۾ هڪ وحدت پيدا ٿي وڃي ٿي يعني جيڪو انسان جو عقيدو هوندو آهي، سوئي عمل به هوندو آهي ۽ جيڪو انسان جو عمل هوندو آهي، سوئي ان جو عقيدو به هوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اقرار باللسان ۽ تصديق بالقلب جي ڪيفيت حاصل ٿئي ٿي. اهائي فڪر ۽ فعل، ذهن ۽ عقيدي ۽ ڪردار جي وحدت آهي.

## قوت ۽ دين:

اسکندر و چنگیز کے ہاتھوں سے جہاں میں
سو بار ہوئی حضرت انسان کی قبا چاک
تاریخ امم کا یہ پیام ازلی ہے
صاحب نظران نشۂ قوت ہے خطرناک
اس سیل سبک سیر و زمیں گیر کے آگے
عقل و نظر، علم و ہنر ہیں خس و خاشاک
لادین ہو تو ہے زہر ہلاہل سے بھی بڑھکر
ہو دیں کی حفاظت میں تو ہر زہر کا تریاک

اقبال هن نظم ۾ دين جي ضرورت تي زور ڏنو آهي ۽ ڏيکاريو آهي ته قوت هڪ خداداد نعمت آهي، مگر ان شرط سان ته اها دين جي تابع هجي. جيڪڏهن قوت جي سر تي دين

جو ڇهڪ نه هوندو ته سڪندر اعظم ۽ چنگيز جي تباهي ڪان بي شمار بيگناه انسانن جو رت پاڻي وانگر وهي ويندو ۽ جيڪڏهن اها ئي قوت دين جي قهرماني ۾ رهندي ته هو زهر جو ترياڪ بنجي ويندي ۽ مڪي جي فتح جهڙي مهم رت جي هڪ قطري وهڻ بنان سر ٿي ويندي.

## سلطاني:

کسے خبر کہ ہزاروں مقام رکھتا ہے
وہ فقر جس میں ہے بے پردہ روح قرآنی
خودی کو جب نظر آتی ہے قاہری اپنی
یہی مقام ہے کہتے ہیں جس کو سلطانی
یہی مقام ہے مومن کے قوتوں کا عیار
اسی مقام سے آدم ہے ظل سبحانی
یہ جبر و قہر نہیں ہے یہ عشق و مستی ہے
کہ جبر و قہر سے ممکن نہیں جہاں بانی

سلطاني ڇا آهي؟ اڪبر ۽ جوليس سيزر جي حڪومت يا انگلنڊ جي جمهوريت يا امريڪا جي صدارتي حڪومت يا روسي اشتراڪيت، اهي سيئي سلطاني جا مظهر آهن، پر اقبال سلطاني جو جيڪو متڪلمانه مفهوم مقرر ڪيو آهي، سو هي ۽ آهي ته جڏهن خوديءَ کي پنهنجي قوت جو اندازو ٿئي ٿو ته اها ئي سلطاني ٿئي ٿي ۽ خوديءَ جي طاقت عشق ۽ مستي آهي جبر ۽ قهر نه آهي، ڇاڪاڻ ته جبر ۽ قهر سان حڪومت ٿي نٿي سگهي، بلڪ حڪومت پيار ۽ محبت سان ٿئي ٿي. انهيءَ سلطانيءَ جو مثال پيغمبر عليه‌السلام جو زمانو هو ۽ راشدين خليفن جو مبارڪ عهد هو.

اقبال خوديءَ جي قهاريءَ کي سلطاني چيو آهي ۽ مومن جو معيار عشق ۽ مستي آهي، جنهن سان صحيح حڪومت ڪري سگهجي ٿي يعني قهاري يا عشق و محبت جي غلبي سان

سلطانيءَ جو پيو نالو آهي ۽ اها قهاري، جنهن ۾ محبت ملي نه سگهي، سا سڪندر جي غارتگري ۽ چنگيز جو قتل عام آهي. جنهن ۾ محبت جو اثر نٿو ملي.

ان مختصر بيان جو مقصد هيءَ آهي ته اقبال جو ضرب ڪليم هجي يا بال جبريل، پيام مشرق هجي يا زبور عجم، ارمغان حجاز هجي يا جاويد نامه. انهن سڀني ڪتابن جو بنياد ۽ انهن جي هڪ هڪ موضوع جي پاڙ متڪلمانه اصول تي آهي، تنهن ڪري منهنجي مطالعي ۽ منهنجي ادراڪ جو هيءَ فيصلو آهي ته اقبال هڪ متڪلم شاعر آهي. اقبال پنهنجي شاعريءَ ۾ جيترا حياتيءَ جا مسئلا پيش ڪيا آهن. ان ۾ شاعري مقدم آهي. ۽ متڪلمانه اصول ان جي هيئت آهن، جنهن جو سبب هيءَ آهي ته انهن خشڪ مسئلن ۾ جيڪي علم ڪلام جا موضوع آهن، تن ۾ دلڪشي ۽ جاذبيت پيدا ٿي وڃي ۽ هيءَ شعر ذريعي سان ٿي ممڪن آهي. هيءَ رکو انداز بيان جي ڳالهه آهي، نه ته حقيقت هيءَ آهي ته اقبال جي شاعري هن جي موضوع جي اظهار جو هڪ ذريعو آهي يعني اقبال پنهنجي پيغام جي لاءِ شاعريءَ کي ٿي ترجيح ڏني آهي.

## قافيه ۽ رديف جو حسن ۽ خوبي:

علامه اقبال منڍ کان وٺي غزل هجي توڙي نظم يا مثنوي هجي توڙي ڪهڙي به صنف، هميشه قافيه کي ضروري سمجهندو آهي. اسان سندس هڪ خط ۾ اهو واضح ڪري آيا آهيون. انهي ڪري ئي اقبال بلئنڪ ورس جي ڪڏهن قائل ۾ نه هوندو هو. اقبال وٽ قافيه جون سيئي خوبيون نظر اچن ٿيون. عام طرح شاعر اڪثر مروج قافيه استعمال ڪندا آهن، جي گهڻو ڪري غزلن ۾ مستعمل آهن. علامه اقبال انهن کي شڪ نه آهي ته برابر استعمال ڪيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ ان جي ڪلام ۾ غير معروف قافيه به گهڻا ملندا، جن جي، ڪري ڪلام ۾ هڪ

جدت ۽ تازگي پيدا ٿي پيئي آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ هڪ عجيب لطف پيدا ٿي پيو آهي، مثلاً: تيز، رستا خيز، خونريز، تبريز وغيره جا قافيه:

دگرگون ہے جہاں، تاروں کی گردش تیز ہے ساقی
دل ہر ذرہ میں غوغائے رستا خیز ہے ساقی
نہ اٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی آب و گل ایراں وہی تبریز ہے ساقی

مٿي شعرن جي چستي قافين ۾ خوبي پيدا ڪري ڇڏي آهي. جنون، خوار و زبون، گوناگون، افلاطون، گردون، ڪن فيڪون وغيره ان غزل ۾:

وہ حرف راز کہ مجھکو سکھا گیا ہے جنوں
خدا مجھے نفس جبریل دے تو کھوں
اسی کے فیض سے میری نگاہ ہے روشن
اسی کے فیض سے میرے سبو میں ہے جیحوں

درويشي، خويشي، ميشي، نيشي وغيره جا قافيه:

امین راز ہے مردان حر کی درویشی
کہ جبریل سے ہے اس کو نسبت خویشی
نگاہ گرم کہ شیروں کے جس سے ہوش اڑجائیں
نہ آہ سرد کہ ہے گوسفندی و میشی

ذات، صفات، تخيلات، تجليات، سومنات وغيره جا قافيه:

میری نوائے شوق سے شور حریم ذات میں
غلغلہ ہائے الاماں بتکدۂ صفات میں
کہ مری نگاہ تیز چیر گئی دل وجود
کہ الجھ کے رہ گئی میرے توہمات میں

رفيق، طريق، عتيق، توفيق، تصديق، زنديق وغيره جا قافيه:

ہزار خوف ہو لیکن زباں ہو دل کی رفیق
یہی رہا ہے ازل سے قلندروں کا طریق
مرے لئے تو ہے اقرار باللساں بھی بہت
ہزار شکر کہ ملا ہیں صاحب تصدیق

مٿين شعرن مان بالڪل ثابت آهي ته علم عروض جي رمزن کان علامه اقبال پوريءَ طرح واقف آهي، جو ڪتي ٿ کهڙي بحر ۾ رفيق ۽ طريق جا قافيه تصديق ۽ زنديق قافين سان آساني سان اچي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته طريق ۽ تصديق جا قافيا اڻ جائز نه آهن پر هن بحر ۾ جو علامه اقبال آندو آهي، اهي قافيه جائز ٿيو پون.

مٿين ڏنل مثال جي پهرئين شعر ۾ بحر مجتث مخبون مقصور آيل آهي، جتي رفيق ۽ طريق قافيه آيا آهن. ان جو وزن مفاعلن، فعلاتن، مفاعلن فعلان آهي. جتي پوئين رڪن فعلان ۾ عين متحرڪ آهي. ٻئي شعر جو بحر مجتث مخبون مشعث مقصور آهي جتي تصديق قافيو آهي. ان جو وزن مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلان آهي جتي پوئين رڪن فعلان ۾ عين ساڪن آهي. اهڙيءَ طرح متحرڪ ۽ ساڪن گڏ اڻ علم عروض جي قاعدي مطابق جائز آهي، تنهن ڪري طريق ۽ تصديق جا قافيا آندا ويا آهن.

صف، هدف، صدف، تلف، سربڪف، لاتخف، نجف وغيره جا قافيه:

میر سپاہ ناسزا لشکریاں شکستہ صف
آہ وہ تیر نیم کش جسکا نہ ہو کوئی ہدف
مثل کلیم ہو اگر معرکہ آزما کوئی
اب بھی درخت طور سے آتی ہے "بانگ لا تخف"

قافين جا اسان ٿورا مثال فقط بال جبريل مان ڏنا آهن، پر جيڪڏهن ٻين ڪتابن کي هٿ لائجي ها ته گهڻا جديد قافيه ملي وڃن ها. مٿين شعرن جي مطالعه مان شاعر جي جدت آفريني

۽ قافين جي تازگي ڏاڍي پر لطف معلوم ٿئي ٿي. صنعت سجع کي قافيہ ۾ آڻڻ، اها صنعت عام طرح نثر ۾ ايندي آهي ۽ ٽن طريقن سان ايندي آهي مثلاً ١- ٻن فقرن جا پويان ڪلما جدا وزن رکندا هجن پر وري روي ۾ متفق هجن جيئن يار ۽ فگار ۾ ٢- ٻئي فقرا وزن ۽ روي ۾ متفق هجن جيئن سينو ۽ ڪينو ٣- ٻن فقرن ۾ پويون ڪلما وزن ۾ متحد ۽ روي ۾ مختلف هجن جيئن نظير ۽ جميل. شعر ۾ جن هم وزن لفظن جو نالو قافيو آهي تن کي نثر ۾ سجع ٿو چئجي.

سجع جي آڻڻ جي ڪري ڪلام ۾ رواني، برجستگي ۽ خوشنوائي پيدا ٿي پوندي آهي. مثلاً:

نہ سليقہ مجھہ ميں کليم کا، نہ قرينہ تجھہ ميں خليل کا
ميں هلاک جادوئی سامری، تو قتيل شيوۂ آذری
ميں نوائے سوختہ درگلو، تو پريدہ رنگ رسيدہ بو
ميں حکايت غم آرزو تو حديث ماتم دلبری
مرا عيش غم مرا شهد سم، مری بود رہم نفس عدم
ترا دل حرم، گرد عجم ترا دين خريدہ کافري
دم زندگی، رم زندگی، غم زندگی، سم زندگی
غم رم نہ کر، سم غم نہ کھا کہ يهی ہے شان قلندری
مری خاک ميں ہے اگر شرر، تو خيال فقر و غنا نہ کر
کہ جهاں بہ نان شعير پر ہے مدار قوت حيدری
کرم اے شہ عرب و عجم کہ کھڑے ہيں منتظر کرم
وہ گدا کہ تونے عطا کيا ہے جنہيں دماغ سکندری

مٿي مثال ۾ ڏسندا تہ سيني قافين ۾ صنعت سجع آهي ۽ مصرعن جي جدا جدا ٽڪرن ۾ بہ اها صنعت ملي ٿي جيئن پهرين ٻن شعرن ۾ ڏسو ”ڪليم کا“ ۽ ”خليل کا“، سامري ۽ آذري، گلو ۽ بو ۽ آرزو ۾ سجع آيل آهي.

يقين محکم، عمل پيهم محبت فاتح عالم
جهاد زندگانی ميں يہ ہيں مردوں کی شمشيريں

متئين شعر ۾ پهرين مصرع جي ٽن ٽڪرن ۾ صنعت سجع آيل آهي. محڪم، پيهم، ۽ عالم سجع جا ٽڪرا آهن.

علامه اقبال رديف کي ضروري نٿو سمجهي، تنهن هوندي به هن پنهنجن شعرن ۾ رديفون آنديون آهن. چاڪاڻ ته هو سمجهي ٿو ته رديف آڻڻ سان ڪلام ۾ حسن ضرور وڌي ٿو وڃي. رديف آڻڻ لاءِ جدت ڪان ڪم ضرور وٺڻو ٿو پوي. عام ۽ سوليون رديفون ڪلام ۾ ڪنهن قسم جي دلڪشي پيدا نٿيون ڪن جهڙوڪ: آهي، نه آهي، هو، ٿيو، عام طرح شاعر انهيءَ قسم جون رديفون آڻين ٿا، جنهن ۾ ڪنهن قسم جي جدت نظر نٿي اچي. پر ڪن شاعرن مشڪل رديفون آنديون آهن ۽ پنهنجي طبيعت جو زور ڏيکاريو آهي، اردو شاعريءَ ۾ هڪ اهڙو زمانو گذريو آهي جو شاه نصير جو زمانو آهي. جنهن ۾ ڏاڍيون مشڪل رديفون استعمال ڪندا هئا. جهڙوڪ: جبل کی مکهی، عسل کی مکهی، بغل کی مکهی، فلک پہ بجلی زمیں پہ باراں، سر ہر طرہ ہار گلے میں، پڪيون رديفون آهن. انهيءَ قسم جي رديفن ۾ مضمون اڪثر ڦڪو هوندو آهي. علامه اقبال جيڪي رديفون اختيار ڪيون آهن، سي نه گهٽيون عام ۽ آسان آهن ۽ نه گهڻيون سخت ۽ مشڪل. تنهن ڪري ان ۾ هڪ طرف ته جدت ۽ تازگي نظر اچي ٿي ته ٻئي پاسي مضمون جي خوبي به هٿان مان نٿي وڃي مثلاً:

اپنی جولاں گاہ زیر آسماں سمجھا تھا میں
آب و گل کے کھیل کو اپنا جہاں سمجھا تھا میں

بےحجابی سے تیری ٹوٹا نگاہوں کا طلسم
اک ردائے نیلگوں کو آسماں سمجھا تھا میں

عشق کے اک جست نے طے کردیا قصہ تمام
اس زمین و آسماں کو بیکراں سمجھا تھا میں

کارواں تھک کر فضا کے پیچ و خم میں رہ گیا
مہر و ماہ و مشتری کو ہم عناں سمجھا تھا میں

کہہ گئیں راز محبت پردہ داریہائے شوق
تھی فغاں وہ بھی جسے ضبط فغاں سمجھا تھا میں
تھی کسی درماندہ رہرو کی صدائے دردناک
جس کو آواز رحیل کارواں سمجھا تھا میں

.... .... ....

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں
تہی زندگی سے نہیں یہ فضائیں
یہاں سینکڑوں کارواں اور بھی ہیں
قناعت نہ کر عالم رنگ و بو پر
چمن اور بھی آشیاں اور بھی ہیں
اگر کھو گیا اک نشیمن تو کیا غم
مقامات آہ و فغاں اور بھی ہیں
تو شاہیں ہے پرواز ہے کام تیرا
ترے سامنے آسماں اور بھی ہیں
اسی روز و شب میں الجھ کر نہ رہ جا
کہ تیرے زمان و مکاں اور بھی ہیں

.... .... ....

یہ حکمت ملکوتی یہ علم لاہوتی
حرم کے درد کا درماں نہیں تو کچھ بھی نہیں
یہ ذکر نیم شبی یہ مراقبے یہ سرور
ترے خودی کے نگہباں نہیں تو کچھ بھی نہیں
یہ عقل مہ و پرویں کا کھیلتی ہے شکار
شریک شورش پنہاں نہیں تو کچھ بھی نہیں
خرد نے کہہ بھی دیا لا الہ تو کیا حاصل
دل و نگاہ مسلماں نہیں تو کچھ بھی نہیں

.... .... ....

بیان میں نکتۂ توحید آ تو سکتا ہے
ترے دماغ میں بتخانہ ہو تو کیا کہیئے
یہ رمز شوق کہ پوشیدہ لا الہ میں ہے
طریق شیخ فقیہانہ ہو تو کیا کہیئے
سرور جو حق و باطل کی کار زار میں ہے
تو حرب و ضرب سے بیگانہ ہو تو کیا کہیئے
جہاں میں بندۂ حر کے مشاہدات ہیں کیا
تری نگاہ غلامانہ ہو تو کیا کہیئے
مقام فقر ہے کتنا بلند شاہی سے
روش کسی کی گدایانہ ہو تو کیا کہیئے

.... .... ....

جہاں اگرچہ دگرگوں ہے قم باذن‌الله
وہی زمین وہی گردوں ہے قم باذن‌الله
کیا نوائے اناالحق کو آتشین جس نے
تری رگوں میں وہی خوں ہے قم باذن‌الله
غمین نہ ہو کہ پراگندہ ہے شعور ترا
فرنگیوں کا یہ افسوں ہے قم باذن الله

رديفن ۾ جتي سوال جا جملہ اچن ٿا تتي شعرن ۾ ڏاڍي لطافت پيدا ٿي ھوندي آھي. جيئن تہ:

کج رو ہیں انجم آسماں تیرا ہے یا میرا ؟
مجھے فکر جہاں کیوں ہو جہاں تیرا ہے یا میرا
اگر ہنگامہ ہائے شوق سے ہے لامکاں خالی
خطا کسکی ہے یا رب لامکاں تیرا ہے یا میرا
اسے صبح ازل انکار کی جرائت ہوئی کیونکر
مجھے معلوم کیا وہ رازداں تیرا ہے یا میرا
محمد بھی ترا جبریل بھی قرآن بھی تیرا
مگر یہ حرف شیریں ترجماں تیرا ہے یا میرا

اسی کوکب کی تابانی سے ہے تیرا جہاں روشن
زوال آدم خاکی زیاں تیرا ہے یا میرا؟

.... .... ....

عالم آب و خاک و باد سر عیاں ہے تو کہ میں
وہ جو نظر سے ہے نہاں اسکا جہاں ہے تو کہ میں
وہ شب درد و سوز غم کہتے ہیں زندگی جسے
اسکی سحر ہے تو کہ میں، اسکی اذاں ہے تو کہ میں
کسکی نمود کے لئے شام و سحر ہیں گرم سیر
شانۂ روزگار پر بارگراں ہے تو کہ میں
تو کف خاک و بےبصر میں کف خاک و خودنگر
کشت وجود کے لئے آب رواں ہے تو کہ میں

.... .... ....

ز شاعر نالۂ مشتانہ در محشر چہ می خواہی؟
تو خود ہنگامۂ ہنگامہ و دیگر چہ می‌خواہی؟
بہ بحر نغمہ کردی آشنا طبع رواںم را
ز چاک سینہ ام دریا طلب گوہر چہ می‌خواہی؟
نمازے حضور از من نمی آید نمی آید
ولے آوردہ ام دیگر ازین کافر چہ می خواہی؟

## تشبيهه ۽ استعارو:

هڪڙي شاعر يا اديب جو هميشه هيءُ مقصد هوندو آهي ته پنهنجن پڙهندڙن کي پنهنجو هم خيال يا همنوا بنائي تاڪه هو هيءُ ثابت ڪري سگهي ته جيڪي هو چئي رهيو آهي سو بالڪل صحيح آهي ۽ سراسر حقيقت آهي. هيءُ مقصد بنان اثر آفريني جي هو حاصل ڪري نٿو سگهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ يعني پڙهندڙ يا قاري جي دل ۾ سندس ڳالهه لهي وڃي هو مجبور آهي ته ڪو اثرائتو طريقو اختيار ڪري

مؤثر طريقا هڪ نه آهن، بلڪ ڪيترا، تنهن ڪري ضرورت جي مطابق ۽ موقعي ۽ مهل جي لحاظ کان هو اهي مختلف طريقا استعمال ڪندو آهي، تاڪه پنهنجي احساسات جي شدت جي تصوير پوري پوري چٽي سگهي يعني ٻڌڻ وارو يا پڙهڻ وارو متاثر ٿي سگهي. ٻين لفظن ۾ هن جو مقصد اثر آفريني آهي. مثلاً هڪ شاعر پنهنجي غم جو جذبو ٻئي تي ظاهر ڪرڻ ٿو گهري ۽ چوي ٿو ته ”ڇا ٻڌايان جڏهن يار مون کان موڪلائي ويندو رهيو ته آءٌ ڏاڍو غمگين ٿيس“ ظاهر آهي ته ٻڌڻ وارو سمجهي ويندو ته هن کي يار جي جدا ٿيڻ جو افسوس آهي، مگر هو هن جي اصل غم جي شدت کان هرگز واقف نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن جي چوڻ ۾ اها اثر آفريني نه هئي، پر جيڪڏهن هو چوي ٿو ته ”ڇا ٻڌايان جڏهن يار مون کان موڪلائي ڌار ٿيو ته مون بدنصيب تي غم جا ڪڪر وسي پيا“ هاڻي ٻنهي فقرن جي ڀيٽ ڪري ڏسبي ته معلوم ٿيندو ته ڳالهه ته هڪڙي آهي ته متڪلم پنهنجي غم جو اظهار ڪرڻ گهري ٿو پر ان ۾ ذرو به شڪ نه آهي ته غم جا ڪڪر جملي، بيان ۾ نه رڳو شدت پيدا ڪئي، بلڪ بلا جو تاثير به پيدا ڪري ڇڏيو. فن جي ماهرن جڏهن اثر آفريني جي انهن طريقن جو غور سان مطالعو ڪيو ته انهن کي هڪ مستقل فن جي صورت ۾ گڏ ڪري ورتو ۽ انهي فني علم کي علم بيان جو نالو ڏنائون. ان علوم ۾ ڪيتريون معنوي صنعتون اچي وڃن ٿيون جهڙوڪ تشبيه شائستہ قومن جي ادب ۾ استعارو، مجاز مرسل، ڪنايه وغيره وغيره. هي معنوي خوبيون دنيا جي هر ڪنهن مهذب ۽ شائستہ قومن جي ادب ۾ ملن ٿيون. هيءَ خوبيون آهي زيور آهن جن سان شاعر ۽ اديب سخن جي ڪنوار کي سينگارين ٿا. فن شاعري جي لحاظ کان هڪ شاعر جو قادرالڪلام ۽ بلبغ هجڻ جي معيار جو هڪ طريقو هيءَ آهي ته هو انهن معنوي صنعتن کي ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب

آئي ٿو. دنيا جا جيڪي به وڏا وڏا شاعر ۽ اديب ٿي گذريا آهن، تن جو ڪلام انهن خوبين سان پريو پيو آهي.

علامه اقبال جي ڪلام کي جيڪڏهن انهيءَ معيار تي جاچيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته اڪثر پنهنجن مضمونن ۾ تشبيهه ۽ استعاري کان گهڻو ڪم ورتو آهي ۽ انهن صنعتن جون سڀئي خوبيون ان وٽ ملن ٿيون، تنهن ڪري اقبال کي تشبيهه ۽ استعاري جو بادشاهه سڏيو ويو آهي. علامه اقبال جي تشبيهه ۽ استعاري جي وڏي خوبي اها آهي ته جلدي سمجهه ۾ اچن ٿا ۽ محسوس ٿا ٿين ۽ انهن ۾ جدت ۽ تازگي ملي ٿي. علامه اقبال جو هڪ مشهور نظم "جگنو" آهي - جنهن ۾ ان قسم جون گهڻيون تشبيهون ملن ٿيون.

جگنو کی روشنی ہے کاشانۂ چمن میں
یا شمع جل رہی ہے پھولوں کی انجمن میں
آیا ہے آسمان سے اُڑکر کوئی ستارہ
یا جان پڑگئی ہے مہتاب کی کرن میں
یا شب کی سلطنت میں دن کا سفیر آیا
غربت میں آکے چمکا گمنام تھا وطن میں
تکمہ کوئی گرا ہے مہتاب کی قبا کا
ذرہ ہے یا نمایاں سورج کے پیرہن میں

جگنو هڪ قسم جو جيت آهي، جنهن جي پڇ مان آڌامڻ مهل روشني نڪرندي آهي، جا ڪنهن مهل چمڪندي نظر ايندي آهي ۽ ڪنهن مهل وسامي ويندي آهي، سنڌيءَ ۾ ان جيت کي ٽانڊاٽو يا ڪڙڪبيتو چئبو آهي. مٿي نظم ۾ علامه اقبال عجيب قسم جون نادر تشبيهون آنديون آهن، جنهن جي ڪري ڪلام ۾ حسن پيدا ٿي پيو آهي. علامه اقبال ٽانڊاٽي کي گلن جي انجمن جي شمع، مهتاب جو تروڙو، رات جي بادشاهيءَ ۾ ڏينهن جو سفير ۽ مهتاب جي قبا جو تڪمو چئي مضمون کي بيحد دلڪش بنائي ڇڏيو آهي.

چھوڑے سے چاند میں ہے ظلمت بھی روشنی بھی
نکلا کبھی گہن سے آیا کبھی گہن میں

ٽانڊاڻي کي چنڊ سان تشبيھ ڏني اٿس. جڏهن چمڪي ٿو ته ان کي روشني به آهي ۽ گرهڻ مان نڪتو آهي، چوي ٿو ۽ جڏهن نٿو چمڪي ته ان کي ظلمت يا گرهڻ ۾ آيو سڏي ٿو.

سیر کرتا ہوا جس دم لب جو آتا ہوں میں
بالیاں نہر کو گرداب کی پہناتا ہوں میں

هي شعر مناظر قدرت جو هڪ سٺو مثال آهي. ڪڪر جڏهن ڪنهن ندي جي مٿان وسندي لنگهي ويندا آهن ته مينهن جا جيڪي ڦڙا نديءَ جي پاڻيءَ تي وسندا آهن ۽ گول چڪرا ٺاهيندا آهن جي ننڍن گرداب وانگر هوندا آهن. شاعر انهن ننڍن گردابن کي واليون جي ڪن ۾ پائيبيون آهن سڏي ٿو يعني والين ۽ گرداب ۾ تشبيه پيدا ڪئي اٿس ۽ وجه شبہ گولائي آهي.

چرخ نے بالی چرالی ہے عروس شام کی
نیل کے پانی میں یا مچھلی ہے سیم خام کی

ماه نو جي تشبيه سيم خام جي مڇي سان ڪيتري قدر نه پوري آهي ماه نو ۾ چمڪ سان گڏ طول به هوندو آهي ۽ اهي ٻئي صفتون سيم خام (ڪچي چاندي) جي مڇي ۾ موجود آهن هيٺين شعرن ۾ تشبيهن جون خوبيون ملاحظ فرمايو:

بلند تر ز سپهر است منزل من و تو
براه قافلہ خورشید فرسنگ است

.... .... ....

شهید ناز او بزم وجود است
نیاز اندر نهاد هست و بود است
نمی بینی کہ از مهر فلک تاب
بہ سیمائے سحر داغ سجود است

.... .... ....

تو کیستی؟ زکجائی؟ کہ آسمان کبود
ہزار چشم براہ تو از ستارہ کشود

هيٺ شعرن ۾ نادر تشبيه ملاحظه فرمايو:

تو آن نئے کہ مصلے ز کہکشان می کرد
شراب صوفی و شاعر ترا ز خویش ربود

.... .... ....

غزالے مرغزارش آسمانے
خورد آبے ز جوئے کہکشانے

ڪهڪشان ستارن جو هڪ اهڙو مجموعو آهي جو پري تائين پکڙيل هوندو آهي، تنهن ڪري ان جي تشبيه مصلي ۽ نهر سان ڪيتري قدر نه موزون آهي. تشبيه جا گهڻائي قسم ٿين ٿا يعني اڻ، انهن مان ٻه مکيه قسم آهن. مفرد ۽ مرڪب. مفرد تشبيه ۾ هرويرو ڪا جدت نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته ان جي طرف هر ڪنهن جو ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو، پيو ته عرصي کان وٺي شاعر ۽ اديب ان قسم جي تشبيه کان ڪم پيا وٺن پر مرڪب تشبيه ۾ هر وقت جدت پيدا ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ترڪيب جون هزارين شڪليون آهن، پيو هي ته چند شين جي ترڪيب مان جا مجموعي هيئت پيدا ٿئي ٿي، تنهن جي طرف هر شخص جو خيال منتقل نٿو ٿي سگهي(١).

جيتوڻيڪ علامه اقبال اهڙي قسم جون مفرد تشبيهون ڪتب آنديون آهن، جن جي طرف هر شخص جو خيال نٿو وڃي. شاعرن ۽ اديبن انهن تشبيهن کان گهڻو گهٽ ڪم ورتو آهي، پر علامه اقبال وٽ مرڪب تشبيهن جي به ڪمي نه آهي ۽ ترڪيب ايتري قدر لطيف ۽ عمدي آهي جو هر ڪنهن جو خيال ان طرف نٿو وڃي سگهي مثلاً:

برف نے باندھی ہے دستار فضیلت تیرے سر
خندہ زن ہے جو کلاہ مہر عالم تاب پر

(١) موازنه انيس و دبير شبلي صفحه٦٩

مٿين شعر ۾ هماليہ جي چوٽيءَ کي سر سان ۽ برف کي تهہ دستار فضيلت سان تشبيہ ڏني آهي. جنهن حالت ۾ تهہ تي تهہ چمڪندي آهي، تنهن ڪري بہ ان کي دستار فضيلت جي پيچ ۽ خم سان مشابهت آهي، پر چوٽي جي تشبيہ سر سان ۽ برف جي تشبيہ دستار فضيلت سان ڌار ڌار مقصد نہ آهي، بلڪ بنهي جي گڏ تيئن سان جيڪا مجموعي هيئت پيدا ٿئي ٿي اهو ئي تشبيہ جو مقصد آهي.

پتیاں پھولوں کی گرتی ہیں خزاں میں اس طرح
دست طفل خفتہ سے رنگیں کھلونہ جس طرح

ظاهر ۾ ائين ٿو معلوم ٿئي تہ گلن جي پنن کي رنگين رانديڪن سان تشبيہ ڏني ويئي آهي. هيءَ مفرد تشبيہ آهي، جنهن سان گڏ خزان جي موسم کي دست طفل خفتہ سان تشبيہ ڏنل آهي. جيئن ستل ٻار جي هٿ ۾ حرڪت نہ هوندي آهي، تيئن خزان ۾ زمين جي نشونما ۾ بہ حرڪت نہ هوندي آهي. انهن بنهي تشبيهن مان، مجموعي ڪيفيت پيدا ٿي تشبيہ تيار ٿي آهي.

تو خورشیدی و من سیارهٔ تو    سراپا نورم از نظارهٔ تو
ز آغوش تو دورم نا تمامم    تو قرانی و من سیپارهٔ تو

جهڙيءَ طرح سيپارو قرآن کان ڌار ٿي ناتمام رهي ٿو، ساڳيءَ طرح هڪ انسان خدا کان الڳ ٿي ناتمام رهي ٿو، پر خدا جي تشبيہ قرآن نہ آهي ۽ انسان جي تشبيہ رڳو سيپاري سان مقصد نہ آهي بلڪ قرآن کان علحيدگيءَ ڪانپوءِ سيپاري مان جا ڪمي پيدا ٿي وڃي ٿي اها ئي مجموعي حالت مطلب آهي.

پرده از چهره برافگن که چو خورشید سحر
بهر دیدار تو لبریز نگہ آمده ایم

سورج کي اک سان ۽ ان جي ڪرڻن کي نگاه سان جا مشابهت آهي انهن بنهي کيءَ گڏي تشبيہ پيدا ڪئي ويئي آهي.

تنے پیدا کن از مشت غبارے  تنے محکم تر از سنگیں حصارے
درون او دل درد آشنائے  چو جوئے درکنارے کو ہسارے

جبلن جي تري ۾ جيڪي نهرون وهن ٿيون، تن جو پاڻي نرم آهي. پر جبل بذات خود سخت ٿيندو آهي. انهن ٻنهي جي ترڪيب سان هڪ اهڙو جسم پيدا ڪيو ويو آهي، جو ٻاهريان سخت ۽ اندريان نرم آهي.

اهل ادب لکيو آهي ته جن تشبيهن ۾ حرڪت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تن ۾ خاص لطافت ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته تشبيه جو مقصد ڪنهن شيء جي حالت کي نمايان ڪرڻو هوندو آهي ۽ حرڪت جي حالت ۾ هڪ شيء جي حالت وڌيڪ نمايان ٿيندي آهي. علامه اقبال ۾ به ان قسم جون ڪيتريون تشبيهون موجود آهن. مثلاً

پہاڑ کیا فرط طرب میں جھومتا جاتا ہے ابر
فیل بے زنجیر کی صورت اڑا جاتا ہے ابر

.... .... ....

ہے رواں نجم سحر جیسے عبادت خانے سے
سب سے پیچھے جائے کوئی عابد شب زندہ دار
کیا سماں ہے جس طرح آہستہ آہستہ کوئی
کھینچتا ہو میاں کی ظلمت سے تیغ آبدار

.... .... ....

بہ بلند و پست عالم تپش حیات پیدا
چہ دمن، چہ تل، چہ صحرا رم این غزالہ دیدم

علامه اقبال جي اکيان زندگي هڪ تيز رفتار حرڪت جو نالو آهي، تنهن ڪري ان جي تشبيه هرڻ جي چال سان ڪيتري قدر موزون آهي. دمن، تل ۽ صحرا جي لفظن تشبيه کي اڃا وڌيڪ مڪمل ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته هرڻ انهن هنڌن تي ئي رهندو آهي.

هوندي؟ اقبال اهو به نه سوچيو ته جيڪڏهن انساني تهذيب جو آخري تخيل اهو ئي هجي ها ته ان کي هلاڪو ۽ چنگيز جي دور کان اڳتي وڌڻ جي ضرورت نه هئي.

ان جو جواب مولانا عبدالسلام ندوي پنهنجي ڪتاب اقبال ڪامل ۾ ڏاڍو سٺو ڏنو آهي. هو چوي ٿو "ليڪن مشبه ۽ مشبه به ۾ ڪامل مطابقت ضروري نه آهي، رڳو هڪڙي وصف يا ٿورين وصفن شامل هجن ته ڪافي آهي". (ماڻهو ۽ شينهن ۾ تشبيهه لاءِ بي ڳالهه سواءِ طاقت جي نه آهي- خليل) علامه اقبال انهن جانورن جي رڳو هڪ صفت يعني قوت کي ورتو آهي ۽ قوت حاصل ڪرڻ جي تعليم خود اسلام ڏني آهي. صحيح مسلم جي هڪ حديث آهي. المومن القوي خير واجب الي الله من المومن يعني طاقتور مسلمان، ڪمزور مسلمان کان خدا جي اڳيان وڌيڪ بهتر ۽ وڌيڪ ضعيف آهي.

ڪبوتر تي جهٽ هڻڻ سان انهيءَ قوت جو اظهار ٿئي ٿو. البت خونخواري هڪ نفرت جي ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري ڪبوتر جي رت ۾ ان کي مزو نٿو اچي، ان ڪانسواءِ انهن پکين ۾ ٻيون به گهڻيون صفتون آهن، جي اسلامي اخلاق جي مطابق آهن ۽ انهن صفتن جي بنياد تي اقبال انهن جو انتخاب ڪيو آهي. ماڪوڙي ۽ عقاب تي ڪجهه شعر علامه اقبال لکيا آهن. ماڪوڙي ٿي عقاب کان پڇي:

میں پائمال و خوار و پریشان و دردمند
تیرا مقام کیوں ہے ستاروں سے بھی بلند

عقاب ٿو جواب ڏئي:

تو رزق اپنا ڈھونڈتی ہے خاک راہ میں
میں نہ سپہر کو نہیں لاتا نگاہ میں

انهيءَ قسم جون صفتون شاهين ۾ گهڻيون ملن ٿيون، تنهن ڪري اهو اقبال جو پيارو پکي آهي. ان جي شان ۾ اقبال هڪ نظم لکيو آهي.

کیا میں نے اس خاکداں سے کنارا
جہاں رزق کا نام ہے آب و دانہ
بیاباں کی خلوت خوش آتی ہے مجھکو
ازل سے ہے فطرت مری راہبانہ
نہ باد بہاری نہ گلچین نہ بلبل
نہ بیماریٔ نغمۂ عاشقانہ
خیابانیوں سے ہے پرہیز لازم
ادائیں ہیں ان کی بہت دلبرانہ
ہوائے بیاباں سے ہوتی ہے کاری
جوانمرد کی ضرب غازیانہ
حمام و کبوتر کا بھوکا نہیں میں
کہ ہے زندگی باز کی زاہدانہ
جھپٹنا، پلٹنا، پلٹ کر جھپٹنا
لہو گرم رکھنے کا ہے اک بہانہ
یہ پورب، یہ پچھم چکوروں کی دنیا
مرا نیلگوں آسماں بیکرانہ
پرندوں کی دنیا کا درویش ہوں میں
کہ شاہیں بناتا نہیں آشیانہ

مٿي نظم ۾ شاهين جون صفتون بيان ڪيل آهن. علامہ اقبال جو هيءُ نظم سندس شاعريءَ ۾ فلسفہ جو تت آهي، جنهن ۾ مجنون گورکپوري جي اعتراض جو تسڪين بخش جواب آهي. ڪنهن شخص اقبال تي هيئين اعتراض ڪيو:

اس دور ترقی میں بھی ہیں جنگ کے حامی
سچ پوچھو تو یہ ان کے تخیل کی ہے خامی

علامہ اقبال جي هڪ معتقد ان جو جواب هيئن ڏنو:

اشعار میں آتی ہے جو شاہیں کی حکایت
ہے ازرہ تمثیل نہ از راہ حقیقت

مطلب یہ ہے سرگرم عمل تیری خودی ہو
لیکن یہ ضروری نہیں مسلک بھی وہی ہو

هن اعتراض ۽ ان جو جواب هڪ مستقل نظم جي شڪل ۾ لکي علامه اقبال کي ڏياري موڪليو ۽ علامه ان جو نهايت مفصل جواب خط جي رستي موڪليو. خط ۾ جيڪو ٽڪرو شاهين جي تشبيه سان واسطو رکي ٿو، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان تنبيه جو واسطو جنگ ۽ خونريزي سان نه آهي، بلڪ اسلامي فقر سان، تنهن ڪري خط ۾ لکن ٿا، "شاهين جي تشبيه رکو شاعرانه تشبيه نه آهي، بلڪ ان جانور ۾ اسلامي فقر جون سڀيئي خصوصيتون ملن ٿيون. (١) خوددار ۽ غيرتمند آهي جو ٻئي جي هٿ جو ماريل شڪار نٿو کائي، (٢) بيتعلق آهي جو آشيانو نٿو ٺاهي، (٣) بلند پرواز آهي، (٤) خلوت پسند آهي، (٥) تيزنگاه آهي (*).

علامه اقبال شاهين جي انهن خصوصيتن کي نظر ۾ رکي ڏاڍا بلند ايماني مضمون پيدا ڪيا آهن.

تنش از سایۂ بال تدروے لرزہ می گیرد
چو شاہیں زادۂ اندر قفس با دانہ می سازد

شاهين بچه سان مسلمان، قفس سان غلامي ۽ دانه مان روزي ۽ نوڪري مطلب آهي، جنهن مان بزدلي پيدا ٿئي ٿي. مٿين شعر ۾ استعارو بالتصريح استعمال ڪيل آهي.

لولو از نرگس فرو بارید و گل را آب داد
وز تگرگ روح پرور مالش عناب داد

ان شعر ۾ لڙڪن کي لولو سان ۽ اک کي نرگس سان تشبيه ڏنل آهي. اهو استعارو بالتصريح آهي ان جو ٻيو مثال ڏسو:

آئین جواں مرداں حق گوئی و بیباکی
اللہ کے شیروں کو آتی نہیں روباہی

(*) عليڳڙه مئگزين اقبال نمبر ص١٠٤

هن شعر ۾ آداب فرزندي جو اشارو آهي حضرت اسماعيل عليہ السلام جي عديم المثال اطاعت جي عمل جي طرف جو انهن کان پنهنجي محترم پيءُ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي حڪم جي تعميل ۾ ڪرڻو پيو. خدا تعالىٰ کي حضرت ابراهيم جي عشق جو امتحان وٺڻ مقصد هو ۽ آزمائش جي طور حڪم نازل ڪندو رهندو هو، جنهن جي پيروي حضرت جن، غير محدود صبر، استقلال، عزم، همت، ايثار ۽ قرباني سان ڪندا رهندا هئا. قرآن حڪيم گواه آهي ته حضرت ابراهيم عليہ انهن سڀني امتحانن ۾ ڏاڍي حسن ۽ خوبي سان ڪامياب ثابت ٿيا، جنهن تي کيس "خليل الله" جو خطاب عطا ٿيو.

انهن امتحانن ۾ هڪ امتحان "ذبح عظيم" جو هو، جنهن جو تفصيل ائين آهي. هڪڙي ڏينهن صبح جو جڏهن حضرت ابراهيم عليہ اٿيو ته ڏاڍو مغموم ۽ پژمرده هو، تنهن تي حضرت اسماعيل عليہ ان جو سبب پڇيو ته جواب ڏنائين "پٽ ٽن راتين کان مسلسل هڪ خواب ڏسي رهيو آهيان ته مان توکي پنهنجي هٿ سان ڪهي رهيو آهيان. تنهن جي محبت جي تقاضا اها ٿي هئي ته اهڙو خواب توکي نه ٻڌايان، پر هڪ پيغمبر هجڻ جي حيثيت ۾ اهو تڪرار ظاهر ڪري ٿو ته هيءُ رڳو خواب نه آهي بلڪ حڪم الاهي آهي، هاڻي ٻڌائي ته تنهنجي ڇا مرضي آهي؟ تون ان حڪم جي تعميل جي لاءِ تيار آهين يا نه؟ جنهن پٽ کي پيءُ جو "فيضانِ نظر" مليو هجي ۽ "آداب فرزندي" کان جو نور شريعت کان واقف ۽ باخبر هجي، تنهن فوراً جواب ڏنو "بابا اوهان کي الله تعالىٰ جي طرفان جيڪو حڪم مليو آهي. اوهين فوراً ان جي تعميل ڪريو. اوهين خدا جي فضل سان مون کي نهايت صابر پائيندا ۽ آئون پنهنجو سر ڪپائڻ ۾ دريغ نه ڪندس."

حضرت ابراهيم عليہ هڪ نوڙي ۽ ڇري کڻي پٽ سان جهنگل روانو ٿي ويو. هڪ وڻ جي هيٺ پٽ کي ليٽائي پنهنجي

ذڪر اقبال جي شاعريءَ ۾ نہ آيو آهي. جھڙوڪ حضرت ذڪريا، حضرت يحيٰ، حضرت ايوب، حضرت يعقوب ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام. البت حضرت يوسف عليہ السلام جي زندگيءَ جي واقعن ۾ علامہ اقبال کي پنھنجي ڪم جون ڳالھيون مليون آھن، تنھن ڪري ھن جو ذڪر آندو اٿس مثلاً:

اگر يک يوسف از زندانِ فرعونے برون آيد
بغارت مى توان دادن متاعِ کاروانے را

زليخا جي خون جي گرمي بہ علامہ جي گرم شاعريءَ سان مناسبت رکي ٿي، تنھن ڪري ان جو بہ ذڪر آندو اٿس مثلاً:

وگر از يوسف گم گشتہ سخن نتوان گفت
تپشِ خونِ زليخا نہ تو داري و نہ من

بني اسرائيلن وٽ حضرت سليمان عليہ السلام بابت ھڪ روايت آھي تہ ان وٽ ھڪ منڊي ھئي جنھن جي سبب ھن کي شاھانہ جاہ ۽ وقار حاصل ھو. شيطان ڪنھن حيلي سان اھا اڏائي ورتي ۽ ھو مفلس ٿي ويو.

آن نگينے کہ تو با اھرمنان باختۂ
ھم بجبريل امينے نتوان کرد گرو

ان مان ھيءُ مضمون پيدا ڪيو اٿس تہ تو پنھنجو ضمير، ايمان، قلب ۽ دماغ جو ان دور جي شيطانن جي ھٿ وڪڻي ڇڏيو آھي، سو ايترو قيمتي آھي جو جبريل جي ھٿ بہ گروي نٿو رکي سگھجي.

٣- قرآني آيتن جي طرف اشارو:

بے خبر! تو جوھر آئينۂ ايام ہے
تو زمانے ميں خدا کا آخرى پيغام ہے
خوف جاں رکھتا نہيں کچھ دست پيمائے حجاز
ہجرت مدفون يثرب ميں يہى مخفى ہے راز

صحيح رهنما ۾ نهايت ضروري آهي، تاڪ اهي قوم جي لاءِ هڪ سٺو عملي ۽ اخلاقي نمونو بڻجي سگهن.

پڻي شعر جو اشارو عارف يعني حضرت شعيب عليہ جي طرف آهي يعني عارفن جي صحبت نسيم صُبح جو اثر رکي ٿي. اهڙي صحبت مان حقيقتن جو انڪشاف ٿئي ٿو ۽ روحاني تربيت ۽ آبياري ٿئي ٿي، جيئن حضرت موسیٰ عليہ جي قربت حضرت شعيب عليہ وٽ ٿي. "دو قدم" مان مطلب ٿورو وقت آهي، جو ٻڪرين چارڻ ۽ ڪليمي جي وچ ۾ گذريو يعني حضرت موسیٰ عليہ پيغمبر ٿيو ۽ خدا سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو. علامہ اقبال جو مطلب آهي تہ "دم عارف" خاڪ کي بہ اڪسير بڻائي ٿو ۽ ان جي اثر کان انسان بجلي جي رفتار سان معراج ڪمال تائين پهچي ٿو.

٢- علامہ اقبال جو خيال آهي تہ انقلاب آڻڻ جي لاءِ تشدد ضروري آهي، حضرت موسیٰ عليہ‌السلام پنهنجي عصا جي معجزانہ طاقت سان فرعون ۽ ان جي جادوگرن تي غلبو حاصل ڪيو هو. تنهن ڪري هو مهاتما گانڌي جي برت رکڻ تي مسخري ٿو ڪري.

رشی کے فاقوں سے ٹوٹا نہ برہمن کا طلسم
عصا نہ ہو تو کلیمی ہے کار بے بنیاد
تازہ پھر دانش حاضر نے کیا سحر قدیم
گذر اس عہد میں ممکن نہیں بےچوب کلیم

دانش حاضر جو مطلب آهي، سياسي چالبازيون جي مغرب جي تهذيب جون پيدا ڪيل آهن، سي فرعون جي پراڻي جادو کان ڪنهن طرح بہ گهٽ نہ آهن. تنهن ڪري انهن سياسي ۽ سماجي فريبن ۽ لفظي ڏوڪن کي ڏوڙڻ لاءِ موسیٰ جي عصا جي ضرورت آهي.

اقبال جي هنگامہ خيز شاعريءَ ۾ پرسڪون زندگي وارن پيغمبرن جي حالتن جي گنجائش نہ هئي، تنهن ڪري انهن جو

هي شعر نظم "سيد کی لوح تربيت" مان آهي ۽ هي مصرع ۾ آن حديث جي طرف اشارو آهي. "كلمةالحق عند السلطان الجابر اجر مائة شهيد" يعني ظالم ۽ جابر بادشاه جي سامهون حق ڳالهه چوڻ سو شهيدن جو ثواب رکي ٿو.

پاک رکھ اپنی زبان تلميذ رحمانی ہے تو
ہو نہ جائے دیکھنا تیری صدا بے آبرو

اهو شعر به مٿي ڏيکاريل شعر جي نظم جو آهي. پهرين مصرع ۾ "تلميذ رحماني" اشارو آهي، انهيءَ چوڻيءَ جي طرف ته "الشعراء تلاميذالرحمان" يعني سچا شاعر خدا جا شاگرد ٿيندا آهي. ان جو نتيجو آهي ته متقي شاعر جا جذبات ۽ خيالات فيض جو چشمو ۽ سراسر الهام رباني هوندا آهن. جيڪو شخص تلميذ رحماني آهي، سو نه رڳو خود الاهي قانونن ۽ شريعت جي قاعدن جو پابند هوندو، بلڪ ان جو ڪلام به فسق و فجور، رندي و عياشي ۽ تضاد ۽ اختلاف جي عنصرن کان صاف ۽ پاک هوندو.

٤- تاريخي ڳالهين جي طرف اشارو:

دیار ہند نے جس دم مری صدا نہ سنی
بسایا خطۂ جاپان و ملک چیں میں نے

ان شعر ۾ گوتم ٻڌ جي طرف اشارو مليل ٿو. هندستان جي ماڻهن ٻڌ جي فلسفهٔ زندگيءَ کي قبول نه ڪيو، بلڪ ٻڌن ۽ برهمڻن ۾ سدائين جهيڙو ٿيندو آيو، تنهن ڪري اهو مذهب چئني پاسي پکڙجڻ لڳو. اهو مذهب جاپان ۽ چين جي طرف به وڌيو. انهن ماڻهن ان کي قبول ڪيو ۽ هڪ معبود جو درجو ڏنو. انهن ملڪن ۾ نه رڳو ٻڌ جون مورتيون گهرن ۾ رکيون ويون، بلڪ چوراهن تي ٻڌ جا وڏا وڏا پتلا کڙا ڪيا ويا.

## تضمينات:

لغت ۾ تضمين لفظ جي معنيٰ آهي قبول ڪرڻ، ضامن ڪرڻ، پنهنجي پناه ۾ وٺڻ يا وچ ۾ وٺڻ. اصطلاح ۾ ڪنهن شاعر جي پوري شعر يا پوري مصرع يا مصرع جي ٽڪري کي پنهنجي ڪلام ۾ ٻڌڻ کي چئبو آهي. پوءِ اهو ڪٿي غزل، يا مسمط يا ڪو ٻيو نمونو هجي. جيڪڏهن پورو شعر هوندو ته ان کي استعانت سڏبو، پوري مصرع هوندي ته ايداع ۽ مصرع کان گهٽ ته رفو. شامل ڪيل ٽڪرو ڪنهن شاعر جي شعر مان يا قرآن جي آيت مان يا حديث مان يا ڪنهن چوٽي مان هوندو آهي. تضمين جي لاءِ حسن انتخاب جي ضرورت هوندي آهي. جيڪو شعر يا مصرع چونڊي وڃي، سا ڏاڍي برجسته، نادر ۽ پسنديده هجي. ٻيو هيءُ ته اهو ٽڪرو اهڙو هجي جو شعرن سان اهڙو مربوط ٿي وڃي جو ڪلام جو هڪ جزو ٿي پوي. علامه اقبال هيءُ مضمون بيان ڪرڻ ٿو گهري ته مسلمان مذهب ۽ عربي تهذيب کي ڇڏي مغربي تهذيب جا دلداده ٿي رهيا آهن.

تجھے معلوم ہے غافل کہ تیری زندگی کیا ہے
کنشتی ساز و معمور نواہائے کلیسائی
ہوئی ہے تربیت آغوش بیت‌اللہ میں تیری
دل شوریدہ ہے لیکن صنم خانے کا سودائی
"وفا آموختی از ما بکار دیگران کردی
ربودی گوہرے از ما نثار دیگران کردی"

پويون شعر "انيسي شاملو" جو آهي، جو سڄو شعر استعانت آهي ۽ مٿين شعرن سان بالڪل مربوط ۽ چسپان آهي. ٻئي هنڌ علامه اقبال چيو آهي ته ان روش کي ڇڏي وري اهو قديم آبائي ۽ مذهبي روش اختيار ڪرڻ گهرجي.

غافل اپنے آشیاں کو آکے پھر آباد کر
نغمہ زن ہے طور معنی پر کلیم نکتہ بین

"سرکشی با ہر کہ کردی رام او باید شدن
شعلہ‌سان از ہر کجا برخاستی آنجا نشین"

پوئين شعر ابو طالب ڪليم جو استعانت طرح آيو آهي. ڪليم کي شڪايت هوندي هئي ته هندوستان ۾ هن جي شعرن کي پسند نٿو ڪيو وڃي، تنهن هوندي به هو شعر چوڻ کان باز نه ايندو هو، تنهن ڪري علامه اقبال هن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

نہیں ضبط نوا ممکن تو اڑجا اس گلستاں سے
کہ اس محفل سے خوشتر ہے کسی صحرا کی تنہائی
"ہمان بہتر کہ لیلیٰ در بیاباں جلوہ‌گر باشد
ندارد تنگنائے شہر تاب حسن صحرائی"

مرزا صاحب جو پوئين شعر ان مضمون لاءِ ڪيترو نه مناسب ۽ چسپان آهي.

مسلمانن جا قديم ڪتاب مغرب جي ڪتبخانن ۾ ڏسي اقبال جي دل سڙندي هئي ۽ چوندو هو ته:

مگر وہ علم کے موتی کتابیں اپنے آبا کی
جو دیکھیں انکو یورپ میں‌تو دل ہوتا ہے سیپارا
غنی روز سیاہ پیر کنعاں را تماشا کن
کہ نور دیدہ‌اش روشن کند چشم زلیخا را

مٿين شعر ۾ غني ڪاشميري جو مقطع تضمين ٿيل آهي. علامه اقبال عرفي جي قبر سان شڪايت ڪئي ته ان زماني ۾ ماڻهو غافل آهن ۽ شاعر جي ڳالهه نٿا ٻڌن:

صدا تربت سے آئی شکوۂ اہل جہاں کم گو
نوا را تلخ تر می زن چو ذوق نغمہ کمیابی
حدی را تیز ترمی‌خواں‌چو محمل را گراں بینی

هي ۽ شعر عرفي جو آهي.

## رواني ۽ برجستگي:

علامہ اقبال جي طبيعت ۾ ڏاڍي رواني هوندي هئي، جنهن جو وڏو سبب هيءُ هوندو هو تہ علامہ شعر ان وقت چوندو هو جڏهن سندن طبيعت شعر چوڻ جي طرف مائل ٿيندي هئي، يعني تہ جيسين ڪا جذباتي تحريڪ پيدا ٿي ڪيس آماده نہ ڪندي هئي. اهو ئي سبب آهي تہ هو فرمائشي اشعار نہ چوندو هو. جڏهن هو شعر چوڻ جي طرف مائل ٿيندو هو تہ بيشمار شعر هڪ وقت ئي چئي ويندو هو. آس پاس ويٺل ويندا هئا شعر لکندا. سر شيخ عبدالقادر بانگ درا جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ "موزون لفظن جو هڪ دريا وهندو نظر ايندو هو يا هڪ چشمو اُپامندو هليو اچي". سيد نذير نيازي لکيو آهي تہ "ان جي سخن جو مشغلو هميشہ جاري رهندو هو. هو جي گهري ها بہ تہ ان کي بند نہ ڪري سگهي ها. ان سلسلي ۾ علامہ اقبال خود نيازي کي فرمايو شعر جي آمد جو مثال جنسي تحريڪ جي آهي. اسين ان کي گهرون تہ بہ نٿا روڪي سگهون. علامہ اقبال بنان ارادي جي بہ شعر چئي سگهندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت هڪ ئي رات ۾ شعرن جو تعداد ٽن سون تائين پهچي ويندو هو.

انهيءَ بنياد تي علامہ اقبال جي ڪلام جي خوبي ۽ وصف، رواني، سلاست ۽ برجستگي هوندي آهي. رواني مان مطلب سندس ڪلام بنان ڪنهن اٽڪاءَ جي اس پڙهڻ ۾ اچي. ڪلام ۾ معنوي ۽ لفظي تعقيد نہ هجي. سلاست جو مفهوم آهي تہ ڪلام ۾ ثقيل ۽ غيرمانوس لفظ نہ هجن. ڪو ڪلام جڏهن معنيٰ سان پرپور، دلڪش ۽ موزون هوندو آهي تہ شاعر ان کي بي تڪلفي سان ٺاهي سگهندو آهي تہ ان خوبي کي برجستگي چئبو آهي. حقيقت ۾ ڪلام ۾ لفظ اهڙا هجن جيڪي اسين عام طرح روزمره ڪتب آڻيندا آهيون، محاورا بہ اهڙا هئڻ گهرجن، جي هر ڪنهن جي زبان تي هجن ترڪيبن ۾ گهٽيون

اضافتون نہ هجن، تشبيهون ۽ استعارا اهڙا هجن جي عام فهم هجن. ڪلام ۾ ڪنهن قسم جي پيچيدگي نہ هئڻ گهرجي بلڪ هر ڪو آساني سان سمجهي سگهي. اهي خوبيون جڏهن ڪنهن ڪلام ۾ هونديون تڏهن ان ڪلام ۾ رواني ۽ سلاست هوندي ۽ اهڙي ڪلام کي شاعر برجستگيءَ سان ناهي سگهندو. رواني ۽ سلاست ان وقت قابل تحسين ٿئي ٿي، جڏهن ڪو شاعر هڪ بلند مضمون کي ڏاڍي آسان طريقي سان ادا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ ڪا ڳالهہ ٿي نہ هوندي تہ پوءِ تہ ڪيتري سادگي، رواني ۽ سلاست ڇو نہ هجي اهو شعر اثر نہ ڪندو. مولانا حسرت موهاني جو چوڻ آهي تہ:

شعر در اصل ہیں وہی حسرت سنتے ہی دل میں جو اتر جائیں

اقبال جي شعرن ۾ رواني ۽ سلاست ملاحظ فرمايو:

خداوندا یہ تیرے سادہ دل بندے کدھر جائیں
کہ درویشی بھی عیاری ہے سلطانی بھی عیاری
نہیں ہے نا امید اقبال اپنی کشت ویران سے
ذرا نم ہو تو یہ مٹی بڑی زرخیز ہے ساقی
کافر ہے تو شمشیر پہ کرتا ہے بھروسہ
مومن ہے تو بے تیغ بھی لڑتا ہے سپاہی

علامہ اقبال جو ڪلام عام طرح ڏسبو تہ روان، سليس ۽ برجستہ هوندو آهي.

دل سوز سے خالی ہے نگہ پاک نہیں ہے
پھر اس میں عجب کیا کہ تو بے باک نہیں ہے
ہے ذوق تجلی بھی اسی خاک میں پنہاں
غافل تو نرا صاحب ادراک نہیں ہے
وہ آنکھ کہ ہے سرمۂ افرنگ سے روشن
پرکار و سخن ساز ہے نمناک نہیں ہے
کیا صوفی و ملا کو خبر میرے جنوں کی
ان کا سر دامن بھی ابھی چاک نہیں ہے

کب تک رہے محکومئے انجم میں مری خاک
یا میں نہیں یا گردشِ افلاک نہیں ہے
بجلی ہوں، نظر کوہ و بیاباں پہ ہے میری
مرے لئے شایاں خس و خاشاک نہیں ہے
عالم ہے فقط مومن جانباز کی میراث
مومن نہیں جو صاحبِ لولاک نہیں ہے

.... .... ....

ہر لحظہ ہے مومن کی نئی آن نئی شان
گفتار میں کردار میں اللہ کی برہان
قہاری و غفاری و قدوسی و جبروت
یہ چار عناصر ہوں تو بنتا ہے مسلمان
ہمسایۂ جبریل امین بندۂ خاکی
ہے اسکا نشیمن نہ بخارا نہ بدخشان
یہ راز کسی کو نہیں معلوم کہ مومن
قاری نظر آتا ہے حقیقت میں ہے قرآن
قدرت کے مقاصد کا عیار اسکے ارادے
دنیا میں بھی میزان قیامت میں بھی میزان
جس سے جگر لالہ میں ٹھنڈک ہو وہ شبنم
دریائوں کے دل جس سے دہل جائیں وہ طوفان
فطرت کا سرود ازل اسکے شب و روز
آہنگ میں یکتا صفت سورۂ رحمان
بنتے ہیں مری کارگہ فکر میں انجم
لے اپنے مقدر کے ستارے کو پہچان

برجستگيءَ جو ڪجهه وڌيڪ مثال ملاحظہ فرمايو:

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری ہے
فرد قائم ربط ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرون دریا کچھ نہیں

کوئی اندازہ کرسکتا ہے اسکے زور بازو کا
نگاہ مرد مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں
پروانہ کو چراغ ہے بلبل کو پھول بس
صدیق کے لئے ہے خدا کا رسول بس

مولانا شبلي موازنه انيس و دبير ۾ لکيو آهي ته "نظم جو حقيقت ۾ سڀ کان وڏو ڪمال اهو ئي آهي ته ان کي نثر ڪرڻ گهرون ته نه ٿي سگهي ۽ هي ان وقت ٿي سگهي ٿو، جڏهن شعر ۾ لفظن جي اها ئي ترتيب نثر باقي رهي جا نثر ۾ عام طرح ٿئي ٿي. جيترو ان جو لحاظ رکيو ويندو، اوترو ئي شعر وڌيڪ صاف، برجستو، روان ۽ پلٿيل هوندو" (١). پر ان جو لحاظ رکڻ بجاءِ خود هڪ قسم جو آورد آهي بلڪ اسان جي اڳيان ڪلام ۾ اهو وصف ان وقت سڀ کان وڌيڪ پيدا ٿئي ٿي، جڏهن شاعر تي هڪ اڌ شعوري ڪيفيت طاري هجي ۽ هو بنان قصد ۽ ارادي جي شعر موزون ڪندو هليو وڃي. علامه اقبال تي هيءَ ڪيفيت اڪثر طاري رهندي هئي ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ شعر ۾ چوندو هو. سر شيخ عبدالقادر بانگ درا جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته "هڪ خاص ڪيفيت رقت جي عام طرح هن تي طاري رهندي هئي. پنهنجا شعر سريلي آواز ۾ پڙهندو هو، پاڻ وجد ڪندو هو ۽ ٻين کي وجد ۾ آڻيندو هو". انهيءَ ڪيفيت جو نالو مدهوشي آهي ۽ انهيءَ حالت ۾ علامه اقبال جا دائودي نغما موزون ٿيا آهن.

لفظن وانگر انهن جي معنيٰ ۾ به اهو ئي ڏيکاءُ ۽ برجستگي قائم رهندي آهي. هن جو عام طريقو هي آهي ته بنان ڪنهن تمهيد ۽ مقدمي جي اصل مطلب شروع ڪري ڏيندو آهي. ايتري تائين ته جيڪڏهن ان جي نظمن کي انهن نظمن جي عنوان کان ڌار ڪري ڇڏجي ته پتو ئي نه پوندو ته فاعل ڪير

(١) موازنه انيس و دبير صفحه ٢٨

او چمن‌زادے چمن‌پرورده‌ | من دمیدم از زمین مرده‌
او چو بلبل در چمن فردوس گوش | من بہ صحرا چون جرس گرم خروش
ہر دو دانائے ضمیر کائنات | ہر دو پیغام حیات اندر ممات
ہر دو خنجر صبح خند، آئینہ‌فام | او برہنہ من ہنوز اندر نیام
ہر دو گوہر ارجمند و تابدار | زادۂ دریائے ناپیدا کنار
او ز شوخي در تہ قلزم تپید | تا گریبان صدف را بردرید
من بآغوش صدف تابم ہنوز | در ضمیر بحر نایابم ہنوز

شيخ سعدي جو طريقو هيءُ هوندو هو جو مدح سان گڏ ممدوح کي نصيحتون بہ ڪندو ويندو هو، علامہ اقبال بہ اهائي طرز اختيار ڪئي آهي. هو امير امان‌الله خان کي مخاطب ڪري چوي ٿو:

ار ترا فطرت ضمیر پاک داد | از غم دین سینۂ صد چاک داد
تازہ کن آئین صدیق و عمر | چون صبا بر لالۂ صحرا گذر
ملت آوارۂ کوہ و دمن | در رگ او خون شیران موج زن
زیرک و روئین تن و روشن جبیں | چشم او چون جرہ بازان تیز بین
قسمت خود از جہاں نایافتہ | کوکب تقدیر او ناتافتہ
در قہستان خلوتے ورزیدۂ | رستخیز زندگی نادیدۂ
جان تو بر محنت پیہم صبور | کوش در تہذیب افغان غیور
تا ز صدیقان این امت شوی | بہر دیں سرمایۂ قوت شوی

.... .... ....

سروری در دین ما خدمت گری است | عدل فاروقی و فقر حیدری است
در ہجوم کارہائے ملک و دین | بادل خود یک نفس خلوت گزین
در قبائے خسروی درویش زی | دیدۂ بیدار خود اندیش زی
سوز صدیق و علی از حق طلب | ذرۂ عشق نبی از حق طاب
خیز و اندر گردش آور جام عشق | در قہستان تازہ کن پیغام عشق

افغانستان جي سرڪار هندستان مان ٽن ڄڻن کي افغانستان اچڻ جي ڪوٺ ڏني هئي، هڪڙو ڄڻو مولانا سيد سليمان ندوي،

حریف اپنا سمجھ رہے ہیں مجھے خدایان خانقاہی
انہیں یہ ڈر ہے کہ میرے نالوں سے شق نہ ہو سنگ آستانہ

پر تنهن هوندي به اقبال هجو سان پنهنجي زبان آلوده نه ڪئي، البت هجو جو هڪ لطيف قسم يعني طنز ۽ ظرافت جو موجوده دور ۾ ادب ۽ انشا جي هڪ مستقل صنف نهرائي ويو آهي- علامه اقبال جي ڪلام ۾ موجود آهي.

تنهن ڪري هن ڏاڍي لطيف انداز ۾ يورپ جي هجو ڪئي آهي ۽ هڪ حڪايت لکي آهي ته ايران ۾ هڪ برگزيده شخص نزع جي وقت ساه ڏيڻ ۾ سخت تڪليف برداشت ڪئي. مري ويو ته خدا کي فرياد ڪيائين ته موت باوجود ان جي ته يڪ فني آهي ۽ ساه وٺڻ ڪانسواء ان جو ڪو ٻيو ڪم نه آهي، تنهن هوندي به ان فن ۾ ان کي ڪمال حاصل نه ٿيو آهي. دنيا نئين ٿي ويئي آهي، پر ان جو طريقو اهو ئي پراڻو آهي. ان کي يورپ موڪلي ڏيو ته جلدي ساه ڪڍڻ جي تعليم حاصل ڪري اچي. يورپ عجيب عجيب فن ايجاد ڪيا آهن ۽ ان جي سائنس موت جي ئي خادم آهي. سمنڊ ۾ ان جون بحري ٻيڙيون واڳن وانگر ٻيون هلن، ان جا هوائي جهاز هوا تي بمباري پيا ڪن؛ ان جي گيس سان ڏينهن جو ئي سج جي اک اندي ٿيو پوي؛ هو بالڪل نئين طريقي سان بدن مان ساه ڪڍيو وٺي، جو ساه ته نڪريو وڃي، پر بدن پاڻ کي جيئرو ئو سمجهي، تنهن جي ڪري جيڪڏهن موت يورپ ۾ تعليم حاصل ڪندو ته ساه وٺڻ جي لاء هن جو چنبو وڌيڪ تيز ٿي ويندو.

به طرز نوی بر کشد جاں ز تن   که خود را بخود زنده داں بدن
خوردگر ادب پیک مرگ از فرنگ   بتاراج جانها شـود تیز چنگ

اقبال پنهنجي ڪلام ۾ طنز انهيءَ ڪري آندي آهي، جو ان جي ڪري ڪلام دلڪش ٿي پوندو آهي ۽ پڙهڻ واري تي ان جو ڏاڍو اثر ٿيندو آهي:

مجھکو تو سکھادی ہے افرنگ نے زندیقی
اس دور کے مُلا ہیں کیوں ننگ مسلمانی
عقل عیار ہے سو بھیس بنا لیتی ہے
عشق بیچارہ نہ مُلا ہے نہ زاہد نہ حکیم
بڑی باریک ہیں واعظ کی چالیں
لرز جاتا ہے آواز اذاں سے
نہ خودبین، نہ خدابین، نہ جہاں بین
یہی شہکار ہے تیرے ہنر کا؟
حاضر ہیں کلیسا میں کباب و مئی گلگون
مسجد میں دھرا کیا ہے بجز موعظ و پند

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اقبال هڪ سنجيدو شاعر هوندو هو مگر هن جي طبيعت ۾ ظرافت ۽ شوخي بہ ڪنهن ڪنهن محل اپري ايندي هئي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ظرافت سان گڏوگڏ شاعر شوخي ۽ طنز بہ گڏي ڇڏيندا آهن، جيئن اڪبر الهآبادي پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. اقبال بہ ائين ڪيو آهي.

غضب ہیں یہ مرشدان خودبین، خدا کرے قوم کو بچائے
بگاڑ کر تیرے مسلموں کو یہ اپنی عزت بنا رہے ہیں

ڏسو خداتعاليٰ سان ڪيئن نہ شاعرانہ شوخي ٿو ڪري. اهڙيون ڳالهيون شاعريءَ ۾ نہ رڳو لطف پيدا ٿيون ڪن، بلڪ برداشت جي قابل ٿيو پون.

سمندر سے ملے پیاسے کو شبنم
بخیلی ہے یہ رزاقی نہیں ہے
از مشت غبار ما صد نالہ برانگیزی
نزدیک ترا از جانی با خوئی کم آمیزی
با دل ما چها کنی! تو کہ بباده حیات
مستیٔ شوق می دھی آب و گل پیالہ را
اور لوگوں کی طرح تو بھی چھپاسکتا ہے
پردہ خدمت دین میں ہوس جاہ کا راز

## تڪرار معاني:

تڪرار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا حرفن جا ۽ ٻيا معاني جا. حرفن جو تڪرار جتي عيب پيدا ٿو ڪري اتي نقص ڪلام ليکيو ويندو ۽ جي لطف پيدا ڪندو ته اها هڪ صنعت ليکي ويندي. ساڳيءَ طرح معاني جو تڪرار به آهي، ڪي مضمون جهڙوڪ عقل و عشق جو معرڪو، صوفي و ملا جي جنگ، فقر و درويشي، خودي و انانيت، انهيءَ قسم جا ڪجهه مضمون آهن، جن کي علامه اقبال هر گهڙي ورجائي بيان ڪري ٿو، پر انهن مضمونن جي پيرايهٔ بيان انهن محدود مضمونن کي غيرمحدود بنائي ڇڏيو آهي. هو هڪ ئي مضمون کي سوين نمونن سان بيان ٿو ڪري ۽ هرهڪ نمونو نئون شاعرانه ۽ رنگين بيان هوندو آهي جڻ ته مير انيس هيٺيون شعر علامه اقبال جي لاءِ لکيو هو.

گلدستهٔ معنی کو نئے ڈھنگ سے باندھوں
اک پھول کا مضمون ہو تو سو رنگ سے باندھوں

خودي علامه اقبال جو هڪ پسنديده مضمون آهي جو ڪيترا ڀيرا لتاڙجي چڪو آهي، پر اقبال مختلف شاعرانه طريقن سان ان مضمون کي ادا ڪيو آهي. هتي ٿورا مثال پيش ڪيا وڃن ٿا.

نظر بخویش فروبسته را نشان این است
دگر سخن نه سراید ز غائب و موجود

.... .... ....

نتوان ز چشم شوق رمید اے ھلال عید
از صد نگه براه تو دامے نهاده اند
بر خود نظر کشا ز تهی‌دامنی مرنج
در سینه تو ماه تمامے نهاده اند

.... .... ....

ز انجم تابہ انجم صد جہان بود
خرد ہر جا کہ پرزد آسمان بود
و لیکن چون بخود نگرستم من
کرانِ بیکران در من نہان بود
.... .... ....
جوان مردیکہ خود را فاش بیند
جہان کہنہ را باز آفریند
ہزاران انجمن اندر طوافش
کہ او با خویشتن خلوت گزیند
.... .... ....
فتادی از مقام کبریائی
حضور دون‌نہادان چہرہ سائی
تو شاہینی و لیکن خویشتن را
نگیری تا بدام خود نہ آئی

## رفعت تخيل:

هڪ سٺي شعر ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون هونديون آهن، جهڙوڪ وزن، قافيو، لفظي مناسبت بندش، جي صفائي، محاڪات ۽ تخيل وغيره. ليڪن محاڪات ۽ تخيل هي ٻئي شيون شاعري جون اصلي عناصر آهن. مولانا شبلي جو چوڻ آهي ته تخيل اصل ۾ قوت اختراع جو نالو آهي يعني اڪين جي اڳيان ڳالهين ۾ به هيءَ قوت اهڙا نڪتا پيدا ڪندي آهي، جي عام نظرن کان اڪل هوندا آهن. فلسفه ۽ شاعريءَ ۾ قوت تخيل هڪجهڙو ڪم ڪندي آهي يعني فلسفه ۾ ايجاد ۽ انڪشاف ۽ شاعريءَ ۾ رنگارنگي مضمون ان جي عمل جو نتيجو هوندو آهي. انهيءَ جي ذريعي سائنس جا دقيق مسئلا حل ٿيندا آهن ۽ اهائي قوت شعر جي ذريعي سان مثل جذبات ۾ روح ڦوڪيندي آهي. مولانا شبلي جو چوڻ آهي ته مسلمه ۽ ظٺي ٿيل ڳالهين کي

تخيل سرسري نظر سان نتو ڏسي، بلڪ هڪ هڪ ڳالهه تي سؤ سؤ ڀيرا تنقيدي نظر وجهندو آهي ۽ ڳالهه مان ڳالهه پيدا ڪندو آهي. قوت تخيل جي استدلال جو طريقو عام استدلال کان جدا هوندو آهي، هو انهن ڳالهين کي جي ٻين نمونن سان ثابت ٿي چڪيون آهن، اڃا نون نمونن سان ثابت ٿو ڪري. هيءَ استدلال جو طريقو گهڻو ڪري هڪ قسم جو منطقي مغالطو هوندو آهي ۽ حسن تعليل (معنوي صنعت جو هڪ نمونو- خليل) جي صورت ۾ ڏاڍي نازڪ ۽ حيرت‌انگيز اندازبيان اختيار ڪندو آهي. صوفي عجز ۽ انڪسار، عاجزي ۽ خاڪساري، حلم ۽ بردباري، توڪل ۽ قناعت جي تعليم ڏيندا آهن، پر علامه اقبال انهن جي بدران عزم ۽ استقلال، خود داري، عزت نفس ۽ بلند همتي جي تعليم ڏني آهي. پاڻ ٿو چوي:

در دير مغان آئی مضمون بلند آور
در خانقاه صوفی افسانه و افسون به

انهيءَ بنياد تي ڪيترا بلند مضمون علامه جي ڪلام مان ملي سگهن ٿا، جي هن جي نجي ڪلام ۾ پريا پيا آهن! اسين ڪجهه ٿورا اختصار جي خيال سان ڏيون ٿا.

من ندانم نور یا نار است اندر سینه ام
این قدر دانم بیاض او به مهتابے زند

.... .... ....

از خود اندیش و ازیں بادیه ترسان مگزر
که تو هستی و وجود دوجهاں چیزے نیست

.... .... ....

بلند بال چنانم که بر سپهر برین
هزار بار مرا نوریان کمیں کردند

.... .... ....

دریں میخانه هر مینا ز بیم محتسب لرزد
مگر یک شیشه عاشق که ازوے لرزه بر سنگ است

بده آن دل کہ مستی ھائے او از بادہ خویش است
بگیر این دل کہ از خود رفتہ و بیگانہ اندیش است

.... .... ....

بدہ آن دل، بدہ آن دل کہ گیتی رافرا گیرد
بگیر ایں دل کہ دربند کم و بیش است
نہ گردد زندگانی خستہ از کار جہانگیری
جہانے درگرہ بستم جہان دیگرے پیش است

.... .... ....

نہ از خرابہ ما کس خراج می خواھد
فقیر راہ نشینم و شہریار خودیم

.... .... ....

خاک ما خیزد کہ سازد آسمانے دیگرے
ذرہ ناچیز و تعمیر بیابانے نگر

.... .... ....

غلام زندہ دلانم کہ عاشق سرہ اند
نہ خانقاہ نشیناں کہ دل بہ کس ندھند
نگاہ از مہ و پروین بلند تر دارند
کہ آشیاں بگریبان کہکشان نہ نہند

.... .... ....

دلے بے نیازے کہ در سینہ دارم
گدا را دھد شیوہ بادشاھے
چو پروین فروناید اندیشہ من
بدریوزہ پرتو مہر و ماھے
اگر آفتابے سوئے من خرامد
بشوخی بگردانم او راز راھے

.... .... ....

عاشق آن نیست کہ لب گرم فغانے دارد
عاشق آنست کہ برکف دوجہانے دارد

عاشق آنست کہ تعمیر کند عالم خویش
در نسازد بہ جھانے کہ کرانے دارد
.... .... ....
متاع بے بھا ہے درد و سوز آرزومندی
مقام بندگی دے کر نہ لوں شان خداوندی
بے خبر تو جوہر آئینہ ایام ہے
تو زمانہ میں خدا کا آخری پیغام ہے
برتر از اندیشہ سودو زیاں ہے زندگی
ہے کبھی جاں اور کبھی تسلیم جاں ہے زندگی
خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے
عقابی روح جب بیدار ہوتی ہے جوانوں میں
نظر آتی ہے اسکو اپنی منزل آسمانوں میں
وہی جہاں ہے ترا جسکو تو کرے پیدا
یہ سنگ و خشت نہیں جو تری نگاہ میں ہے

## محاڪات:

شعر جي ٻئي اصلي عنصر جو نالو محاڪات آهي. محاڪات ڪنهن شيءِ يا ڪنهن حالت جي نقل ڪرڻ کي چئبو آهي، جنهن ڪان ان شيءِ يا ان حالت جي ساڳيءَ طرح تصوير اکين ۾ ڦري وڃي. محاڪات جو ڪمال هيءَ آهي ته اصل سان تصوير مطابق هجي ۽ خوشيءَ جو سبب بنجي. خواه اها تصوير ڪنهن خوبصورت شيءِ جي هجي يا ڪنهن بدصورت شيءِ جي مثلاً خنزير جي جو هڪ مڪروه ۽ بدصورت جانور هوندو آهي. شاعر کي به محاڪات جو پورو پورو لحاظ رکڻ گهرجي. محاڪات جو حق تڏهن پورو ٿي سگهندو جو ڪنهن منظر (Scene) جا سيئي جزا خوبي سان ڏيکاريا وڃن جو ڏسڻ وارن کي اصل شيءِ جو ڏوڪو ٿئي.

مشهور آهي ته، هڪ يوناني مصور هڪ ماڻهو جي تصوير چٽي، جنهن جي هٿ ۾ ڊاک جو ڇڳو هو. اها تصوير هو نمائش ۾ کڻي ويو ۽ اتي ٽنگي ڇڏيائين. تصوير اصل سان اهڙي ته مشابه هئي جو پکي اچي مڙيا ۽ انگورن جي ڇڳي کي ٺونگا هڻڻ لڳا. سڄي نمائش ۾ ڌوم مچي ويئي. مصور جي تعريف ڪرڻ لڳا، پر مصور افسوس ڪرڻ لڳو ته تصوير ۾ نقص رهجي ويو، جو ماڻهوءَ جو هٿ پورو اصل وانگر نه نڪتو نه ته ڊپ کان پکي ڪڏهن نه مڙن ها. پر خوبي اها ئي هئي ته انگور جي ڇڳي جي خوبي ڪڏهن معلوم نه ٿئي ها، جيڪڏهن هٿ اصلي هجي ها، ڇاڪاڻ ته پوءِ هيترا سارا پکي گڏ ٿي نه ٿين ها.

اقبال لفظن جي جادو سان اهڙو نقشو چٽيندو آهي ۽ تخيل جي مو قلم سان ان تصوير ۾ اهڙا ته رنگ ڀريندو آهي، جو حقيقت ۾ جيئري جاڳندي تصوير اکين اڳيان بيٺي هوندي آهي. اسلامي مساوات جي تصوير ڪئي ائين ٿو پيش ڪري. نظم شڪوه جو هڪ ٽڪرو آهي.

آگیا عین لڑائی میں اگر وقت نماز
قبلہ رو ہوکے زمیں بوس ہوئی قوم حجاز
ایک ہی صف میں کھڑے ہوگئے محمود و ایاز
نہ کوئی بندہ رہا اور نہ کوئی بندہ نواز
بندہ و صاحب و محتاج و غنی ایک ہوئے
تیری سرکار میں پہنچے تو سبھی ایک ہوئے

مسلمانن جي جرائت ۽ فتح مندي جو نقشو ائين ٿو چٽي:

کوہ میں دشت میں لیکر تیرا پیغام پھرے
اور معلوم ہے تجھکو کبھی ناکام پھرے
دشت تو دشت ہے دریا بھی نہ چھوڑے ہم نے
بحر ظلمات میں دوڑا دئے گھوڑے ہم نے

اسان مٿي ڏيکاري چڪا آهيون ته اقبال جو وڏو ڪمال

آهي شين يا حالتن جي تصوير چٽڻ. ڏسو لفظن جي آواز سان صوتي ڪيفيت، جا پڙهندڙ جي ذهن تي عجيب اثر ٿي پيدا ڪري. محاڪات جي بغير تصوير اڪين جي اڳيان اچيو وڃي ۽ حقيقت جو هڪ سمو پڌجيو وڃي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته جڏهن علامه اقبال پي-ايچ-ڊي ڪرڻ لاءِ جرمني ويو هو ته پنهنجي مضمون تيار ڪرڻ لاءِ هن کي ميونچ مان هائيڊل برگ يونيورسٽي موڪليو ويو هو. نيڪر ندي ان شهر مان لنگهي ٿي، جنهن جي ڪناري تي خاموشيءَ جي منظر کي ڏسي سندن جذبات ڀڙڪو کاڌو ۽ هيٺيون نظم لکيائين.

خاموش ہے چاندنی قمر کی شاخیں ہیں خموش ہر شجر کی
وادی کے نوافروش خاموش کہسار کے سبزہ پوش خاموش
فطرت بے ہوش ہوگئی ہے آغوش میں شب کے سوگئی ہے

علامه اقبال خاموشيءَ جي تصوير لفظن ۾ چٽڻ ٿو گهري ۽ عام طرح ماٺ رهڻ ۽ خاموش ٿيڻ کي چپن اڳيان هڪ آڱر رکي ”ش“ حرف جي آواز ڪيڻ سان ماٺ ڪرائبي آهي. علامه اقبال جي ڪلام ۾ شاعرانه مصوري جا ڏاڍا مثال ملن ٿا. هيءُ به هڪ سٺو طريقو محاڪات جي ڪمال ڏيکارڻ جو آهي. پنهنجي هڪ نظم ”ايک آرزو میں“ اقبال چوي ٿو:

صف باندھ دونوں جانب بوٹے ہرے ہرے ہوں
ندی کا صاف پانی تصویر لے رہا ہو
ہو دل فریب ایسا کہسار کا نظارہ
پانی بھی موج بنکر اٹھ اٹھ کے دیکھتا ہو
پانی کو چھو رہی ہو جھک جھک کے گل کی ٹہنی
جیسے حسین کوئی آئینہ دیکھتا ہو

ان نظم ۾ اقبال فطرت نگاري ۽ منظرنگاري کان ڏاڍو سٺو ڪم ورتو آهي ۽ لفظن کان عجيب و غريب ڪم ونئي، نه رڳو محاڪات کان ڪم ورتو اٿس، بلڪ تفڪر ۽ تخيل جو هڪ نرالو ۽ نئون خيال پيش ڪيو اٿس ۽ هڪ معنوي صنعت به پيش ڪئي اٿس.

رخت بہ کاشمر کشا کوہ و تل و دمن نگر
سبزہ جہاں جہاں بہ بین لالہ چمن چمن نگر
باد بہار موج موج مرغ بہار فوج فوج
صلصل و سار زوج زوج بر سر ناروں نگر
لالہ ز خاک بردمید موج بآبجو تپید
خاک شرر شرر بہ بیں آب شکن شکن نگر
زخمہ بہ تار ساز زن بادہ بہ ساتگین بریز
قافلۂ بہار را انجمن انجمن نگر

مولانا سيد سليمان ندوي، سر راس مسعود ۽ علامہ محمد اقبال کي افغانستان جي بادشاهہ نادر شاهہ دعوت ڏيئي ڪابل گهرايو هو. اتان موٽنديءَ قندار مان ٿيندو آيو هو. افغانستان جي سير کان موٽڻ بعد هڪ مثنوي مسافر نالي لکيائين، جنهن ۾ قندار شهر جي تعريف لکي اٿس، جنهن ۾ شعر جي بحر ۽ زمين جو لحاظ جابلو ملڪ جي سنجيدگي ۽ متانت جي خيال کان رکيو اٿس:

قندهار آن کشور مينو سواد — اهل دل را خاک او خاک مراد
رنگ ها بوها هواها آب ها — آب‌ها تابنده چون سيماب ها
لالہ ها در خلوت کهسارها — نارها يخ بستہ اندر نارها
کوئے آن شهر است مارا کوئے دوست — ساربان بربند محمل سوئے دوست
می سرايم ديگر از ياران نجد — از نوائے ناقہ را آرم بوجد

علامہ اقبال ٻن ملڪن ڪشمير ۽ قندار جي منظرن جو فرق ڏيکاريو آهي ۽ انهيءَ فرق بيان ڪرڻ ۾ پنهنجي شاعريءَ جو ڪمال ڏيکاريو اٿس. اهو جيڪي بيان ڪيو اٿس، سو غيردانستہ ۽ غيرطريقي تي ڪيو اٿس. اقبال فطري‌طور تي ٻئي نظم مقتضائے حال جي مطابق لکيا آهن، جنهن جي ڪري بالڪل صحيح ۽ موثر ترجماني ڪري ويو آهي. اهو وجدان شعر ۾ بلاغت جي جان هوندو آهي. سندس نظم ڪابل جي تعريف ۾ نهايت بليغ نموني سان لکيو اٿس:

شهر کابل خطۂ جنت نظیر | آبِ حیوان از رگِ تاکش بگیر
چشمِ صائب از سوادش سرمہ چین | روشن و پائند باد آن سر زمین
در ظلامِ شب سمن زارش نگر | بر بساط سبزہ می غلطد سحر
آن دیار خوش سواد آن پاک بوم | باد او خوشتر ز باد شام و روم
آب او براق و خاکش تابناک | زندہ از موج نسیمش مردہ خاک
ناید اندر حرف و صوت اسرار او | آفتابان خفتہ در کہسار او
ساکنانش سیر چشم و خوش گہر | مثل تیغ از جوہر خود بے خبر!
قصر سلطانی کہ نامش دلکشا است | زائران را گرد راہش کیمیا ست

بلاغت جي معنيٰ آهي شاعر يا اديب جو پنهنجن خيالات کي وضاحت سان صحيح ۽ فصيح عبارت ۾ اهڙي نموني سان پيش ڪرڻ جو پڙهڻ واري کي مطلب سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ڪلام ان تي پورو پورو اثر ڪري. علامہ اقبال تفتازاني مطول ۾ بلاغت جي هيءَ تعريف ڪئي آهي تہ ڪلام فصيح هئڻ گهرجي. مقتضيات حال جي مطابق هئڻ گهرجي يعني شاعر پنهنجي مقصد کي پهچي وڃي يا مافي الضمير جي اظهار ۾ ڪامياب ٿي وڃي. اسان بلاغت جا مثال قنڌار ۽ ڪابل شهر جي تعريف ۾ ڏيکاري آيا آهيون. ڪجهہ وڌيڪ مثال هيٺ شعرن ۾ ڏجن ٿا:

نہیں فقر و سلطنت میں کوئی امتیاز ایسا
یہ سپہ کی تیغ بازی وہ نگہ کی تیغ بازی
حیات کیا ہے؟ خیال و نظر کی مجذوبی
خودی کی موت ہے اندیشہ ہائے گوناگوں
عقل و دل و نگاہ کا مرشد اولیں ہے عشق
عشق نہ ہو تو شرع و دیں بتکدۂ تصورات

## جدت:

شاعريءَ ۾ جدت جون جدا جدا شڪليون ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن شاعر ڪنهن خيال کي ٻين کان وڌيڪ پر زور

يا زياده پراثر انداز سان ادا ڪري، منتشر خيالن کي ڪنهن خاص ترتيب سان پيش ڪري، ٻين جي مبهم ۽ جهڪن خيالن کي واضح ۽ روشن ڪري، ڪا ڳالهه اهڙي طرح بيان ڪري، جو ان جو اثر ٻين جي بيان کان جدا ٿي وڃي؛ پراڻن خيالن کي اهڙي طرح ادا ڪري، جو اهي نوان معلوم ٿين. پراڻن مضمونن کي اهڙين ٻڌي، جو انهن ۾ تازگي جي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي، ته انهن سڀني حالتن ۾ ان جي ڪلام کي جدت جي صفت سان موصوف سمجهڻ گهرجي.

جدت جي اها سمجهاڻي رڳو شاعريءَ جي لاءِ مخصوص نه آهي، پر موجود مواد کي نئين شڪل ڏيڻ يا ان کان نئون ڪم وٺڻ، هر فن ۾ جدت سڏائي ٿو. شاعريءَ ۽ انشاپردازيءَ ۾ به جدت جي اهائي معنيٰ آهي. جدت جي سمجهاڻي مقرر ڪرڻ کانپوءِ بالڪل واضح ٿي وڃي ٿو ته جدت جو واسطو اظهار جي طريقي يا طرز ادا سان آهي. اسين ڪڏهن ڪڏهن ڪهڙي به خيال کي جديد ٿا سڏيون، پر حقيقت ۾ ان مان اسان جو مطلب رڳو هيءَ هوندو آهي ته اهو خيال غيرمعمولي هوندو آهي يا موجود اجزا جو نئون ميڙ.

جدت طرازي يا طرز ادا يا طرفگي ادا يا ندرت خيال جو مطلب آهي ته شاعر پنهنجي خداداد قوت اجتهاد (Originality) جي مدد سان نئون مضمون ٻڌي. اها ڳالهه انهن شاعرن ۾ نظر ايندي جن کي نه رڳو شاعري ڪرڻ جي لياقت هوندي آهي، بلڪ ذهانت به تمام گهڻي هوندي آهي. اقبال جي مقبوليت انهيءَ ڪري ٻين شاعرن کان گهڻي آهي جو هن پنهنجا دلي واردات ۽ تخيلات اهڙي ندرت ۽ نرالي انداز ۾ پيش ڪيا آهن جو پڙهڻ وارن تي وجد جي حالت طاري ٿيو پوي. اقبال غزل ۾ ڪڏهن ڪنهن جي تقليد نه ڪئي آهي بلڪ پنهنجي طرز ۾ مفهوم کي ادا ڪيو اٿس جو صاف چٽي ڏنو اٿس:

با دلبري عجيب ۽ نادر ترڪيبون آهن. اهڙيءَ طرح هيٺيون نادر ترڪيبون ڏسو:

ناقهٔ شاهد رحمت، توسن ادراک انساں
مایهٔ دار اشک عنابی، شورش میخانهٔ انساں

جوئے سرود آفرين، دختر خوشخرام ابر، سيارهٔ ثابت نما، شانهٔ موج صرصر، قرب فراق‌آميز، تپش آموز جان عشق، داغ مدار شب، قتيل ذوق استفهام وغيره وغيره اقبال جي جدت طرازي يا ندرت خيال جا مثال سندس ڪلام ۾ جابجا پکڙيا پيا آهن مثلاً

مرد ره دانے نبود اندر فرنگ بس فزون شد نغمه اش از تار چنگ

دل کی آزادی شہنشاہی، شکم سامان موت
فیصلہ تیرا ترے ہاتھوں میں ہے دل یا شکم
یہ فیضان نظر تھا، یا کہ مکتب کی کرامت تھی
سکھائے کس نے اسماعیل کو آداب فرزندی
اسے صبح ازل انکار کی جرائت ہوئی کیونکر
مجھے معلوم کیا وہ رازداں تیرا ہے یا میرا
نہ کر تقلید اے جبریل میرے جذب و مستی کی
تن آساں عرشیوں کو ذکر و تسبیح و طواف اولیٰ

## انداز بيان:

اقبال جي مقبوليت جو هڪ وڏو سبب هن جي شعر چوڻ جو انداز يا اسلوب به هو. غالب به پنهنجي انداز بيان جي ڪري ڏاڍو مقبول ٿيو هو. شڪ ناهي ته غالب جي مقابلي ۾ اقبال به اوترو ئي مقبول آهي، پر ٻنهي ۾ انداز بيان جو پنهنجو پنهنجو فرق آهي، پر ٻئي پنهنجي طرز ۾ جدا آهن. اقبال جي خصوصيت آهي ته پنهنجي اسلوب بيان ۾ هو غالب وانگر لفظن جي چونڊ موزون ۽ مناسب ڪندو آهي، جو شعر ۾ هڪ خاص قسم جي رنگيني ۽ شگفتي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ جيڪو اثر

مستيءَ ۽ جذبات جي مشترڪ عنصر اقبال کي ٻين غزل گو شاعرن کان بلند ۽ ممتاز ڪيو.

جديد دور ۾ ڪن غيرمحتاط شاعرن غزل ۾ زبردست انقلاب آندو ۽ غزل جو دامن داغدار ڪري ڇڏيو. پر اقبال ۽ ڪيترن سنجيده شاعرن حقيقي جذبات متانت، سوز و گداز، رفعت تخيل، ندرت خيال، جديد ترڪيبن، نادر تشبيهن ۽ استعارن کي نئين سر جڳهه ڏني ۽ پنهنجي ڪلام ۾ فلسفو، نفسيات، تصوف و الاهيات، اخلاق ۽ سياست وغيره کي ڪتب آڻي غزل کي ڏاڍو مالا مال ڪيو. اقبال جي جذبات، مستي ۽ جوش ڪلام ۾ عجب شان پيدا ڪيو آهي، هو چوي ٿو ته منهنجي خاڪ جو هر ذرو ان اک وانگر آهي جا مست تماشا هجي(١).

دانم ڪه نگاه او ظرف همه ڪس بيند
ڪرده است مرا ساقي از عشوه و ايما مست
اين ڪار حڪيمي نيست، دامان ڪليمي گير
صد بندهٔ ساحل مست يڪ بندهٔ دريا مست
دل را به چمن بردم از باد چمن افسرد
ميرد به خيابان ها اين لالهٔ صحرا مست
سينا است ڪه فاران است؟ يا رب چه مقام است اين
هر ذرهٔ خاڪ من چشم است تماشا است

علامه اقبال جي غزلن جي وڏي خوبي هيءَ هوندي آهي ته هن جي غزلن ۾ غنائي عنصر موجود هوندو آهي. تمام اهڙن بحرن جي، نهايت شگفته زمين ۽ مضمون جي مناسبت سان وزن منتخب ڪندو آهي، جنهن جي ڪري ڪلام ۾ تاثر ۽ دلڪشي پيدا ٿي ويندي آهي. اقبال ٻين شاعرن وانگر پنهنجي ڪلام ۾ شراب، ساقي، جام و مينا، رند و مئي‌فروش، زلف و رخسار ۽ خال و خط جو مجازي پيرايهٔ بيان اختيار ڪندو آهي، پر هو

(١) روح اقبال مؤلف ڊاڪٽر يوسف حسين خان صفحه ٩٥

انهن جي ذريعي رمز جي هڪ دنيا پيدا ڪري وٺندو آهي، جو وجد جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي.

فصل بهار اين چنين، بانگ هزار اين چنين
چهره کشا، غزل سرا، باده بيار اين چنين
باد بهار رابگو پے بخيال من برد
روشن و تار خويش را گير عيار اين چنين

اقبال ڏاڍي سهڻي نموني سان ترڪيبن جي نزاڪت ۽ تازگي ۽ تناسب ۽ تقابل کي پنهنجي ڪلام ۾ ملائي ٿو:

شب من سحر نمودی که به طلعت آفتابی
تو بطاعت آفتابی سزد اين که بے حجابی
تو به درد من رسيدی بضمير مه آرميدی
ز نگاه من رميد بچنيں گران رکابی
تو عيار کم عياراں تو قرار بے قراراں
تو دوائے دل فگاراں مگر اين که ديريابی
غم عشق و لذت او اثر دو گونه دارد
گهے سوز و دردمندی، گهے مستی و خرابی

هيٺين غزل ۾ سراسر تغزل نظر ايندو.

از چشم ساقی مست شرابم بے می خرابم
شوقم فزوں تر از بے حجابی بينم نه بينم در پيچ و تابم
از من بروی نيست منزل که من بے نصيبم راهے نه يابم

ٿي سگهو چو ته هجي. ان ۾ شان و شوڪت ۽ بلنديءَ پيدا نه ٿيندي جيڪڏهن انهيءَ نقطهءِ نظر کان ۽ انهيءَ معيار جي روشنيءَ ۾ علامه اقبال جي ڪلام ۾ پيغام کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي ته هن جي شاعري احتساس تي مبني نظر نه ايندي، چاڪاڻ ته اقبال بعض ڳالهيون پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي خطاب ڪري چوي ٿو. سي پڻ پنهنجي انجام ۽ نصب‌العين جي اعتبار کان عالمگير نوعيت جون ڳالهيون بنجي وڃن ٿيون، بلڪ وسيع انساني برادريءَ جون ڳالهيون ٿيو پون(١).

اُن ڳالهه ۾ علامه اقبال جيتوڻيڪ پنهنجي قوم کي مخاطب ٿو ٿئي ته اڏن محسوس ٿو ٿئي ته پنهنجي مسلمانن کي چئي رهيو آهي پر اهو ٿيندو علامه کي محدود ڪرڻ. اها ٿيندي اديبن ۽ شاعرن جي تنگ نظري. حقيقت ۾ جڏهن اقبال پنهنجي وطن جي ملسمانن کي خطاب ڪري ٿو، تڏهن هن جو اشارو دنيا جي ماڻهن جي طرف آهي، جنهن ۾ فقط دنيا جا مسلمان نه آهن، بلڪ بين ماڪن ۽ قومن جا فرد پڻ. جنهن قسم جي سوسائٽي جو تصور اقبال اسان کي ڏياري ٿو سا هڪ مثالي سوسائٽي آهي، جا ڪنهن خاص وطن ۽ قوم سان واسطو نٿي رکي، بلڪ پوري انسانيت جي ارتقا هن جي نظر ۾ آهي. اقبال پنهنجي تفڪر ۾ اينرو مٿي پرواز ٿو ڪري جو خاڪي دنيا مان نوري ۾ پهچيو وڃي:

فروغ خاکیاں از نوریاں افزوں شود روزے
زمین از کوکب تقدیر ما گردوں شود روزے

اُن شعر جو مطلب خاڪي وٺڻ، سراسر غلط ٿيندو. علامه جو مطلب سڀني خاڪين جي ترقيءَ سان آهي. اقبال ڀهريائين مسلمان قوم کي انهيءَ لاءِ خطاب ٿو ڪري، چاڪاڻ ته سڀ کان اڳي هن جي احساس کي سمجهڻ واري اهائي ويجهي قوم آهي. هه ڪنهن قوم جي شاعر ائين ڪيو آهي. اقبال هڪ مثنوي "پس چہ باید کرد اي اقوام شرق" جي نالي سان لکي آهي. نالو

(١) طيف اقبال صفحه ٢٢.

صحبت پیر روم سے مجھ پہ ہوا یہ راز فاش
لاکھ حکیم سر بجیب ایک کلیم سر بکف

مولانا جي هڪ مصرع آهي ”شاعری جزویست از پیغمبری“ تنهن ڪري ان ۾ شڪ نٿو ڪري سگهجي ته اقبال جيڪا شاعري ڪئي تنهن کي پيغمبريءَ جو جزو نه سمجهيو هونڊائين. هن جيڪي ڪي حاصل ڪيو هو سو حقيقت جيّ سرچشمه مان بلاواسطه تعلق جو نتيجو هو، تنهن ڪري جيڪو اقبال جي شاعريءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ تو گهري، تنهن کي شاعرانه حيثيت سان اقبال کي سمجهڻ گهرجي باقي ذرو به شڪ نه آهي ته اقبال هڪ وڏو فيلسوف هو، جنهن کي ڪو هن جي فلسفه جي ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ته منجهي پوندو.

مدي کان اقبال جي طبيعت ۾ ٻه جذبا ڪم ڪندا رهيا هڪڙو هو وطنيت جو جذبو ۽ ٻيو هو مذهب جو جذبو. اقبال جي شروعاتي شاعريءَ جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته معلوم ٿي ويندو ته اسان کي هن جي ٻنهي قسمن جي شاعريءَ جو هڪ وقت ۾ هجڻ جو ثبوت ملي ٿو، باوجود ان جي ته هن جي دل تي مذهبي اعتقادن جو پورو پورو زور هو، ڇاڪاڻ ته اقبال تي ٻنهنجي ماءُ جي مذهبي خيالات جو پورو عڪس پيل هو. وري استاد سيد مير حسن ۽ مذهبي تعليم جو اثر اقبال تي هو. ان کانسواءِ اقبال اهل‌الله جي عقيدت جو قائل هو، جهڙوڪ علي هجويري رحه لاهوري، حضرت نظام‌الدين اوليا دهلوي. اقبال ان وقت قومي شاعريءَ جي جڳهه تي اچا اسلامي شاعري نه آندي هئي، بلڪ قومي ۽ مذهبي رنگ برابر جاري هئا، ڇاڪاڻ ته وطني دور جي شاعريءَ ۾ مذهب جو لاڳاپو اڃا سياست سان نه ٿيو هو. پر جڏهن اقبال ولايت ويو ۽ موٽي آيو ته هن جي شاعريءَ ۾ هڪ زبردست انقلاب اچي ويو. ولايت ۾ اقبال کي مغرب جي تاريخ جي مطالعه جي ڪري ان جي تجزيي ڪرڻ جو موقعو ملي ويو، جنهن کي هن هتي‌مان نه وڃايو

اقبال جڏهن مغرب جي ماڻهن جي تاريخ جو مطالع شروع ڪيو ته هن ڏٺو ته مغرب جا ماڻهو مسيحت جا قائل آهن يعني مغرب جي ماڻهن جو مذهب مسيحت آهي ۽ ان ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه رهبانيت آهي. اهڙيءَ طرح مغربي ماڻهن ۾ ڪليسا جي حڪومت قائم ٿي وئي. آهسته آهسته اها ڪليسائي حڪومت ڏاڍي زور ٿي ويئي ۽ وسيع ٿي ويئي. اها ڳالهه جرمنيءَ جي ليوٿر کي نه وڻي ۽ فرانس جي روسو کي به پسند نه آئي، تنهن ڪري انهن بغاوت ڪئي ته مذهبي ڳالهيون پلي ڪليسا سنڀالي پر ٻين ڳالهين ۾ دخل نه ڏئي، يعني مذهب کي سياست کان ڌار ڪيو ويو.

ان جو نتيجو هي ٿيو ته عيسيٰ عليہ السلام جيڪو عالمگير اخلاق جو نظام ڏنو هو، سو بيشمار ٻين نظامن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو يعني مغرب جي ماڻهن قوميت کي سياست کان ڌار ڪري ڇڏيو. ان جو نتيجو هي ٿيو جو مسيحي دنيا جي وحدت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي ۽ عالمگير يڪ جهتي جي بدران جا سڄي بني‌نوع انسان جي فائدي لاءِ هئي. وطنيت ۽ قوميت جي تنگ حدن ۾ ڦاسجي ويئي، ڇاڪاڻ ته جڏهن انهن مذهب ۽ سياست کي ڌار ڪري ورتو ته انهن لاءِ باقي جيڪو سهارو بچيو هو سو وطنيت ۽ قوميت جو هو. انهن سمجهيو ته جو اتحاد ۽ اتفاق قوميت ۽ وطنيت تي آهي؛ ان کي علامه اقبال مسلم ليگ جي جلسي سنه ١٩٣٠ع ۾ الهٰ‌آباد ۾ پوري وضاحت سان سمجهايو آهي ۽ پنهنجي نظم "وطنيت" ۾ جا بانگ درا ۾ آهي تنهن کي خوب تشريح سان واضح ڪيو آهي ۽ پنهنجي هن نظم وطن جي سياسي تصور کي خالص مغربي تصور ڏيکاريو آهي "یہ بت کہ تراشیدۂ تہذیب نوی ہے". وطن جي سياسي تصور مان جيڪو نقصان پهچي ٿو، سو هيءُ آهي ته قومون هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ٿيو پون. ان سان گڏوگڏ اهي قومون معاشي، تمدني ۽ سياسي نقطهء نظر کان هڪ ٻئي سان وڙهڻ ۽ جنگ ڪرڻ شروع ڪن

اقبال وطن جي غيرسياسي تصور ۾ پنهنجي جنم ڀومي سان ڏاڍو پيار رکي ٿو. انهيءَ ۾ بانگ درا، ضرب ڪليم، جاويد نامه ۽ پس چه بايد کرد اي اقوام شرق ۾ پنهنجي وطن هندستان لاءِ بيحد پيار ۽ محبت رکي ٿو، پر جتي وطن کي سياسي نظريه جي مطابق آڻجي ٿو ته اقبال ائين ٿو سمجهي ته اسلامي سياسي نظريه سان ان جو ٽڪر ٿيندو. ملت اسلاميه جي طاقت ڪنهن وطن سان نه آهي، بلڪ توحيد ۽ ملت جي وحدت سان آهي. علامه اقبال جو خيال آهي ته پوري ڪائنات انساني بلند همتي جي جولان گاهه آهي، تنهن ڪري ڪنهن مقام ۽ سر زمين سان ٻڌجي وڃڻ تباهي ۽ آزادي کي وڃائڻ جي برابر آهي ۽ پنهنجن پيرن ۾ بيڙي وجهڻ آهي.

”اقبال جي شاعرانه شخصيت ۾....اهڙي عظمت، رفعت، اونهائي، اهڙو متحرڪ جمال، اهڙو سهڻو جلال آهي، جو ناممڪن آهي، ڪو ان جو ۽ وري سڄي دنيا جي ادب جو نيڪ نيتيءَ سان مطالعو ڪري ۽ پوءِ اقبال کي دنيا جي شاعرن جي اول ترين صف ۾ شمار نه ڪري، اها صف جنهن ۾ صدين ڪانپوءِ ڪنهن شاعر کي جڳهه ملي ٿي ۽ اها صف جنهن ۾ هومر، شيڪسپيئر، ڊانٽي، ڪاليداس ۽ گوئٽي شامل آهن“(١).

اچو ته علامه اقبال پنهنجي شاعري بابت ڇا ٿو چوي ڏسون.

علامه اقبال فرمائي ٿو، ”شاعريءَ ۾ لٽريچر، لٽريچر جي حيثيت سان ڪڏهن منهنجو مطمع نظر نه رهيو، جو فن جي باريڪين جي طرف ڌيان ڏيڻ جي لاءِ وقت نه آهي. مقصد رکيو هيءَ آهي ته خيالات ۾ انقلاب پيدا ٿئي ۽ بس: ان ڳالهه کي مدنظر رکي جن خيالات کي سٺو سمجهان ٿو، تن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو“(٢).

مولانا سيد سليمان ندوي کي ٺي هڪ ٻئي خط ۾ تحرير

---

(١) اقبال ڪا نظريہ اخلاق صفحہ١٨

(٢) اقبال نامہ- اول صفحہ١٠٨ بحوالہ اقبال جو نظريه اخلاق صفحہ١٦

فرمائين ٿا: ”فن شاعريءَ سان مون کي ڪا دلچسپي نہ آهي. ها! بعض خاص مقصد عزيز رکان ٿو، جن جي بيان جي لاءِ هن ملڪ جي حالات ۽ روايتن موجب مون نظم جو طريقو اختيار ڪري ورتو آهي نہ تہ:

نہ بيني خير از آن مرد فرودست،
کہ بر من تهمت شعر و سخن بست(١)

”منهنجو ادبي نصب العين نقاد جي ادبي نصب العين کان مختلف آهي. منهنجي ڪلام ۾ شعريت هڪ ثانوي حيثيت رکي ٿي ۽ منهنجي هيءَ خواهش هرگز نہ آهي تہ ان زماني جي شاعرن ۾ منهنجو شمار ٿئي.“

اوهان کي معلوم آهي تہ آءٌ پاڻ کي شاعر تصور نہ ڪريان ۽ نہ ڪڏهن فن جي حيثيت سان ان جو مون مطالعو ڪيو آهي. پوءِ منهنجو ڪهڙو حق آهي تہ شاعرن جي صف ۾ وهان؟“ اقبال ڪيترا ڀيرا پنهنجن شعرن ۾ بہ ان شيءِ کي واضح ڪيو آهي:

١ـ حديث بادہ و مينا و جام آتی نہيں مجھکو
نہ کر خاراشگافون سے تقاضہ شيشہ بازی کا

٢ـ مری نوا ميں نہيں ہے ادائے محبوبی
کہ بانگ صور سرافيل دل نواز نہيں

٣ـ نہ شيخ شہر نہ شاعر نہ خرقہ پوش اقبال
فقير راہ نشين ست و دل غنی دارد

٤ـ مری نوائے پريشان کو شاعري نہ سمجھ
کہ ميں ہوں محرم راز درون ميخانہ

٥ـ شاعری زين مثنوی مقصود نيست
بت پرستی، بت گری مقصود نيست

٦ـ حسن انداز بيان از من مجو
خوانساءو اصفہان از من مجو

(١) اقبال کا نظريہ اخلاق صفحہ١٦

# اقبال هڪ اسلامي مفڪر:

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته، جڏهن به ڪنهن بزرگ شخصيت جي سالگره يا فوت ٿيڻ جو ڏينهن ويجهو هوندو آهي ته ريڊيو يا ٽي- وي تي تقريرون يا مذاڪره پيش ڪيا ويندا آهن. ان ۾ حصو وٺندڙ قابل اديب يا شاعر هوندا آهن. اقبال جهڙي فيلسوف جي لاءِ ڪنهن فلسفہ دان يا فلسفہ جا ڪاليجن مان استاد آندا ويندا آهن. ان ۾ شڪ نه آهي ته فلسفہ جي استاد هجڻ جي حيثيت ۾ هو فلسفہ جي اڳ پوءِ کان خوب واقف هوندا آهن. فلسفہ جي مذاڪري جي دوران هو پنهن فيلسوفن جا اقتسابات جهڙوڪ برگسان، نطشي، هيگل يا گوئٽي ۽ ملٽن وغيره ڏيئي هيءُ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اجهو اقبال به ائين چيو آهي. گويا اقبال جي حوالي ڏيڻ کانپوءِ هي ثابت ڪرڻ تي گهريائون ته اقبال انهن مغربي فيلسوفن يا شاعرن کان متاثر ٿيو آهي ۽ اقبال اهو به ظاهر ڪرڻ گهريو آهي ته هن ڪهڙن ڪهڙن موضوعن ۾ ڪهڙن ڪهڙن فسلفين ۽ شاعرن جو اثر قبول ڪيو آهي. غور سان اسان جي مٿي لکيل ڳالهه کي جاچيو ويندو ته اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ ايندو ته اقبال جي شاعري ڪهڙن فلسفين يا شاعرن جي تاثر جو نتيجو آهي. اڪثر مذاڪرن ۾ ائين چوندي به ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته باوجود مغربي فڪرن جي تاثر جي اقبال جي شاعريءَ ۾ اسلام جون خصوصيتون به نظر اچن ٿيون. ان خيال سان مختصر طور تي اتفاق ته ضرور ڪيو وڃي ٿو. پر ڳالهه کي ان کان وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش نٿي ڪئي وڃي.

ريڊيو ۽ ٽي-وي جا اهڙا فاضل ۽ فلسفي اقبال جي فلسفہ جي لاءِ جيڪي چون ٿا، سو جيتوڻيڪ خود اقبال جي حوالن سان ثابت به ڪن ٿا، پر شڪ اهو ٿو ٿئي ته انهن مان ڪيترن بزرگن جو مطالعو اسلام ۽ ان جي فلسفہ بابت ايترو وسيع آهي

(جڏهن وجود مطلق اشارت قبول ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿو ته لفظ "من" يا لفظ نا سان تعبير ڪن ٿا- خليل)

جهڙي طرح حباب ۽ موج مختلف ذاتيون خيال ڪيون وڃن ٿيون، پر حقيقت ۾ انهن جو وجود سواء پاڻي جي ٻيو ڪجهه نه آهي:

گفتم از وحدت و کثرت سخنی گوئی بہ رمز
گفت موج و کف و گرداب همانا دریاست

(مون چيو ته وحدت ۽ ڪثرت بابت اشاري ۾ ڪا ڳالهه ٻڌائي، چيائين، موج، ڦيڻ ۽ ڪُن سڀ دريا آهي (خليل).

هيءَ تشبيهه ڪجهه ناقص هئي، ڇاڪاڻ ته حباب ۾ اڪيلو پاڻي نه آهي، بلڪ هوا به هوندي آهي، تنهن ڪري هڪ ٻئي نڪته دان ان فرق کي به مٽائي ڇڏيو:

با وحدت حق ز کثرت خلق چہ باک
صد جائے گرہ زنی رشتہ یکیست

(الله جي وحدت سان خلقت جي ڪثرت ڪان ڪو هرج نه آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اوهين سوين ڳنڍيون ڏيو تڏهن به ڌاڳو هڪ ئي رهندو- خليل).

ڌاڳي ۾ جيڪي ڳنڍيون ڏنيون وڃن ٿيون، تن جو وجود جيڪڏهن ڌاڳي کان ممتاز نظر اچي ٿو، پر حقيقت ۾ ڌاڳي کانسواء ڳنڍ ڪا وڌيڪ شيء نه آهي فقط شڪل بدلجي ويئي آهي. ٻئي فرقي وحدت وجود جي هيءَ معنيٰ مقرر ڪئي آهي. مثلاً ماڻهو جو جيڪو پاڇو پوي ٿو، سو ظاهر ۾ جيتوڻيڪ جدا شيء معلوم ٿئي ٿو، پر اصل ۾ ان جو ڪو وجود نه آهي. جيڪي ڪي آهي سو ماڻهو آهي، ساڳي طرح اصل ۾ ذات باري موجود آهي. ممڪنات جيتري قدر موجود آهن سڀ هن جا ظلال ۽ عڪس آهن. ان کي توحيد شهودي چون ٿا.

متڪلمين ۽ ارباب ظاهر کي انڪار آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن علت تي ختم ٿئي ته ضروري آهي ته علت قديم هجي، ڇاڪاڻ ته حادث هوندي ته پوءِ سلسلو اڳتي وڌندو. قديم هجڻ جي حالت ۾ لازم ايندو ته قديم حادث جي علت هجي ۽ هي اڳيئي باطل ثابت ٿي چڪو آهي. ان بنياد تي ٽن صورتن کان چارو نه آهي.

(۱) عالم قديم ۽ ازلي آهي ۽ باوجود ان جي خدا جو پيدا ڪيل آهي. پر جڏهن خدا به قديم ۽ ازلي آهي ته ٻن ازلي شين مان هڪڙي کي علت ۽ ٻئي کي معلول چوڻ ترجيح بلا مرجع آهي.

(۲) عالم قديم آهي ۽ ڪو ان جو خالق نه آهي. هي ملحدن ۽ دهرين جو مذهب آهي.

(۳) عالم قديم آهي پر اهو ذات باري کان جدا نه آهي بلڪ ذات باري جي ئي مظاهر جو نالو عالم آهي. حضرات صوفيہ جو اهو ئي مذهب آهي ۽ ان تي ڪو اعتراض لازم نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته سيني مشڪلات جو بنياد ان تي آهي ته عالم ۽ ان جو خالق ٻه جداگانه ۽ هڪ ٻئي جي علت ۽ معلول آهن. غرض فلسفه جي سبب کان صوفين جي مذهب کانسواءِ چارو نه آهي، البت هيءَ شڪ پيدا ٿئي ٿو ته شريعت ۽ نصوص قرآني ان جي خلاف آهن. پر هيءُ شڪ به صحيح نه آهي- قرآن مجيد ۾ ڪثرت سان انهيءَ قسم جون آيتون موجود آهن، جن مان ثابت ٿو ٿئي ته ظاهر و باطن، اول و آخر جيڪي آهي خدائي آهي.

هو الاول، هو الآخر، هو الظاهر، هو الباطن

اهوئي اول آهي، اهوئي آخر آهي، اهوئي ظاهر آهي، اهوئي باطن آهي

وحدت‌الوجود جي ان تشريح کانپوءِ شبليءَ ڏيکاريو آهي ته مولانا روم وحدت‌الوجود جا قائل آهن ۽ ثبوت ۾ هن جا ڪيترائي شعر پيش ڪيا آهن، جي هيٺ ڏسو:

بحر وحدانيت جفت و زوج نيست
گوهر و ماهيش غير موج نيست

مولانا روم يعني اقبال جو پير روم وحدت‌الوجود جو قائل هو ۽ اقبال جڳهه جڳهه تي مولانا روم جي فلسفه جي پيروي جي دعويٰ ڪئي آهي:

علاج آتش رومی کے سوز میں ہے ترا
تری خرد پہ ہے غالب فرنگیوں کا فسوں
گسستہ تار ہے تیری خودي کا تار اب تک
کہ تو ہے آتش رومی سے بے‌نیاز اب تک

اقبال جو هيءُ شعر گواهي ڏئي ٿو ته هو وحدت‌الوجودي هو:

جو ایک تھا اسے نگاہ تونے ہزار کر کے اسے دکھایا
یہی اگر کیفیت ہے تیری رہی گا کیا اعتبار تیرا

زبور عجم جو هڪ غزل آهي:

این جہاں چیست صنم‌خانۂ پندار من است
جلوہ او گرو دیدۂ بیدار من است
ہمہ آفاق کہ گیرم بہ نگاہ او را
حلقۂ ہست کہ از گردش پرکار من است
هستي و نیستی از دیدن و نادیدن من
چہ زمان و چہ مکاں شوخیٔ افکار من است
اے من از فیض تو پایندہ! شان تو کجاست
این دوگیتی اثر ماست جہان تو کجاست

اقبال جي انهن شعرن ۾ وحدت‌الوجود کي مختلف زاوين ۽ مختلف انداز بيان ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ٽئين شعر جو هي مطلب آهي ته نڪا هستي موجود آهي نه نيستي. اهي ٻئي شيون منهنجي ڏسڻ ۾ نه ڏسڻ تي موقوف آهن. نه زمانو ڪجهه آهي نه مڪان، بلڪ هيءَ منهنجي فڪر جي شوخي آهي. ان مان صاف ظاهر ٿو ٿئي ته هستي ۽ نيستي، تن جي حقيقت رکو ايتري آهي جو احولي جي سبب هڪ جا ٻه نظر اچن ٿا. اصل ۾ مطلع کان ٿي اقبال وحدت‌الوجود جي تشريح شروع ڪري

ڏني آهي، تنهن ڪري فرمايو اٿس ته هيءَ دنيا ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب خود ئي ڏنو اٿس ته هيءَ منهنجي گمان جو بتخانو آهي. ان جهان جو ظهور منهنجي جاڳندڙ اک وٽ گروي آهي. مقصد هيءُ آهي ته ڇا اقبال جي شعرن جو مطلب مولانا روم جي هيٺ لکيل شعر کانسواءِ ڪجهه ٻيو آهي:

گر هزاران اند يڪڪس پيش نيست
جز خيالات عدد انديش نيست

وحدت‌الوجود جي سلسلي بابت اقبال جي هڪ نظم جو اقتباس هيٺين طرح آهي:

ما از خدائے گم شده ايم او بجستجو ست
چون ما نيازمند گرفتار آرزو ست
گاهے به برگ لاله نويسد پيام خويش
گاهے درون سينهٔ مرغان به هائے وا و ست
در نرگس آرميد که بيند جمال ما
چندان کرشمه دان که نگاهش به گفتگو ست
گر خاکدان ما گوهر زندگی گم است
آن گوهر که گم شد ما ايم يا که اوست

اسين خدا کان گم ٿي ويا آهيون ۽ هو اسان جي تلاش پيو ڪري. هو يعني خدا اسان وانگر ئي عاجز ۽ آرزو جي ڦندي ۾ گرفتار آهي.
ڪڏهن لاله جي پن تي پنهنجو نياپو لکي ٿو ۽ ڪڏهن پکين جي دلين ۾ اسان جي لاءِ ناله و فرياد ۾ مشغول آهي.
هن نرگس جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي تاڪ اسان کي ڏسي وٺي. ان ڳالهه کي هن جو ڪرشمو چوڻ گهرجي ته نرگس جي صورت ۾ هن جي اک گفتگو ڪري رهي آهي يعني اسان بابت پتو پڇي رهي آهي.
پوئين شعر ۾ فرمائي ٿو:

اسان جي هن خاڪ ۾ زندگيءَ جو موتي وڃائجي ويو آهي ۽ انهو موتي جو وڃائجي ويو آهي، سو اسين پاڻ آهيون يا هو آهي يعني خدا.

آخري شعر ۾ اقبال صاف صاف چئي ڇڏيو آهي ته اسين ۽ خدا ۾ دوئي نه آهي، بلڪ هڪ شيءِ جا ٻه نالا آهن، ڇاڪاڻ ته قائدو هيءُ آهي ته حرف يا، حرف ترديد آهي، جو ٻن اسمن جي وچ ۾ اچي تو انهن جو هڪ مطلب هوندو آهي، تنهنڪري اقبال جي جملي جو هيءُ مطلب ٿيو ته اسين آهيون ته هو نه آهي ۽ هو آهي ته اسين نه آهيون يعني هو ۽ اسين حقيقت ۾ ٻه نه آهيون بلڪ هڪ ئي آهيون.

اقبال پنهنجي ڪلام ۾ جڳهه جڳهه تي شيخ فريدالدين عطار جو به حوالو ڏنو آهي. حضرت عطار هڪ مشهور معروف ۽ زبردست وحدت‌الوجودي آهن. پنهنجي مشهور قصيدي ۾ چيو اٿن:

انا الله بگو اگر مردی ورنه روچون زنان سری می خوار
هر که از وے فزد انا الحق سر هست او از جماعت کفار

جيڪڏهن تون مرد آهين انا الله چئو ورنه پنهنجي واٽ وٺ ۽ زالن وانگر پنهنجو مٿو ڪنيد و رهه. جنهن شخص انا الحق نه چيو، سو ڪافرن جي جماعت مان آهي.

حضرت اقبال چيو آهي:

فاختهٔ کهن سرود نالهٔ من شنید و گفت
کس نه سرود در چمن نالهٔ یار این چنین

هن ڪٻيري جو پراڻو راڳ ڳائيندو منهنجي نالا و فرياد کي ٻڌو ۽ چيائين باغ ۾ پراڻي گيت کي ان طرح ڪنهن نه ڳاتو آهي جهڙو تو ڳاتو آهي.

## فلسفهٔ خودي جي تحقيق:

اقبال فلسفهٔ خودي بابت جيڪي ڪي چيو آهي، خاص طرح پنهنجن شعرن ۾ خوديءَ جي تشريح ۽ تصريح ڪئي آهي،

تنهن جو اهو ئي مطلب آهي، ته فلسفهٔ خودي فلسفهٔ وحدت‌الوجود جي تجديد آهي. فلسفهٔ وحدت‌الوجود بابت علامه شبلي مان مٿي حوالو اڳيئي درج ڪيو آهي. هاڻي علامه اقبال جي فلسفهٔ خوديءَ جي تجزيه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

ضرب ڪليم جي ابتدا ۾ هڪ غزل سان ٿئي ٿي، جنهن جو رديف لا آله اِلا الله آهي ۽ اهو ضرب ڪليم جو پهريون غزل آهي.

خودی کا سرنہاں لا الٰہ الا اللہ
خودی ہے تیغ فساں لا الٰہ الا اللہ

لا الله الا الله آيت محڪم آهي يعني لا اله الا الله جي مفهوم ۾ تاويل حرام آهي، ڇاڪاڻ ته آيات محڪمات ۾ تاويل ڪي حرام مقرر ڪيو ويو آهي ۽ لا اله الا الله مان وحدت‌الوجود ئي جو عقيدو ثابت ٿئي ٿو.

وحدت‌الوجود لا اله الا الله کان ماخوذ آهي. ان موضوع تي حضرت سيد صوفي شاهه عبدالرحمان صاحب لڪنوي سنڌيءَ جو مشهور ۽ معروف ڪتاب ”ڪلمة‌الحق“ عرف وحدت‌الوجود ڏاڍي وڏي قيمت وارو سرمايو آهي. ان ڪتاب ۾ جنهن تفصيل ۽ تحقيق سان وحدت‌الوجود تي بحث ڪيو ويو آهي، تنهن جي حيثيت هي آهي ته اهو زمانو شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي جو هو، جو شاهه ولي‌الله دهلوي جو نه رڳو فرزند سعيد هو، بلڪ پنهنجي پيءُ جو جانشين به هو. ڪتاب ڪلمة‌الحق ان جي زماني ۾ ڇپجي ملڪ ۾ پکڙجي چڪو هو ۽ فرنگي محل جي عالمن مان به وڏا وڏا عالم ۽ فاضل انهيءَ زماني ۾ موجود هئا، پر ڪنهن به ان ڪتاب ڪلمة‌الحق جي مخالفت ۾ اظهار خيال نه ڪيو. ان مان ڪتاب جي حيثيت معلوم ٿي سگهي ٿي ان ڪتاب ۾ جيڪي ڪي لکيل آهي، سو قرآن ۽ حديث جو مغز آهي، ڇاڪاڻ ته وحدت‌الوجود جي عقيدي جو اصل ماخذ ڪتاب ۽ سنت ئي آهن، جا شيءِ ڪتاب ۽ سنت جي خلاف آهي، سا وحدت‌الوجود جي به خلاف آهي.

لا اله الا الله کان وحدت‌الوجود جو اثبات ٿو ٿئي. ان سلسلي ۾ پنج دليل خلف کان هلندا اچن. انهن کي ادلهٔ خمسه سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. ڪلمة‌الحق ۾ ادلهٔ خمسه جو تفصيل ڏاڍي شرح و بسط سان ملي ٿو ۽ بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي قرآن‌حڪيم ۽ حديث مبارڪ سان ناقابل ترديد دليل مان وحدت‌الوجود جو عقيدو ثابت ڪيو ويو آهي. ان مقام تي هڪ نقلي دليل پيش ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي تائيد ۽ حمايت ۾ فلسفو ۽ منطق ٻئي متفق آهن. قرآن حڪيم ۾ لا اله الا الله جي تعليم موجود آهي. جڏهن حضور سڳورن لا اله الا الله جي تبليغ ڪئي ته عرب جو ذهين طبقو ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويو. هڪ ننڍو گروهه ته اهڙو هو جنهن لا اله الا الله جو مفهوم ۽ مقصد سمجهي ان کي قبول ڪري ورتو، پر هڪ وڏي ذهين طبقي لا اله الا الله جي مفهوم کي سمجهي ان کان انڪار ڪيو. مفهوم ٻنهي ڌرين هڪجهڙو سمجهيو هو يعني جن لا اله الا الله کي مڃي ورتو هو ۽ جن لا اله الا الله جي مفهوم کان انڪار ڪيو. ٻنهي جو فيصلو هو ته لا اله الا الله سان وحدت‌الوجود جو اثبات ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻنهي گروهن جي مادري زبان عربي هئي، تنهن‌ڪري هڪ جملي مان ٻه متضاد مضمون سمجهڻ ناممڪن هو.

جن ماڻهن لا اله الا الله تي ايمان آندو، سي ماڻهو مومن ۽ مسلم سڏجڻ ۾ آيا، تنهن جو تفصيل اسلامي معاشري جو بنياد آهي، پر جن ماڻهن لا اله الا الله جي مفهوم کي سمجهي ان کان انڪار ڪيو، تن جي انڪار کي قرآن حڪيم ۾ ان طرح بيان ڪيو ويو آهي:

أَجَعَلَ الآلِهَةَ إِلٰهاً وَاحِداً إِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ

ڇا (محمد) سڀني الاهن کي ملائي هڪ الاه ٺاهي ڇڏيو آهي، يقيناً هي نهايت عجيب ڳالهه آهي، (يعني مڃڻ جي قابل نه آهي) ان آيت مبارڪ مان هي ثابت ٿو ٿئي ته انهن ماڻهن جن جي مادري ٻولي عربي هئي لا اله الا الله مان هي مفهوم

سمجهيو تہ آهي سيئي الاهہ جن جي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ عبادت ڪئي وڃي ٿي سو حقيقت ۾ ڪثير بہ آهي، بلڪ انجي ماهيت يا وجود هڪڙو ئي آهي، پر عرب جو ذهين طبقو ٣٦٠ الاهن جو مڃڻ وارو هو، تنهن ڪري هو گهڻن الاهن کان انڪار ڪرڻ غلط سمجهندا هئا، ڇاڪاڻ تہ جڏهن الاهہ جي ماهيت واحد هوندي تہ ان جي ڪثرت وحدت ۾ بدلجي ويندي ۽ بيشمار الاهن جي جاء رڳو هڪڙو الاهہ واحد باقي رهجي ويندو. انهيءَ ذهين مشرڪ طبقي اهو ئي سمجهيو ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان اچي بحث ڪيو ۽ وحدت الوجود جي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي انڪار ڪرڻ جي دليل ۾ هيءُ چيو تہ لا اله الا لله کي ان ڪري قبول ڪري نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ ان مان سيئي الاهن جي نفي ٿئي ٿي ۽ حقيقت جي روء کان ۽ ماهيت جي سبب رڳو هڪ الاه ئي باقي رهجي ٿو وڃي.

وحدت الوجود جي ان مختصر بحث مان هيءُ ثابت ٿو ٿئي تہ ڪتاب ۽ سنت مان هڪ ئي وجود جو اثبات ٿئي ٿو سو وجود حق آهي جل مجده.

هاڻي اقبال جي مٿي نقل ڪيل مطلع تي بحث ڪرڻ گهرجي. هو فرمائي ٿو تہ خوديءَ ۾ جيڪو راز لڪل آهي، لا اله الا الله آهي يعني خوديءَ مان مطلب آهي لا اله الا الله ۽ لا اله الا الله جو تفصيل اسان مٿي دليلن سان نقل ڪري ڪري چڪا آهيون تہ ان مان مطلب همہ اوست آهي يعني لا اله الا الله مان ڪائنات ۾ رڳو هڪ وجود الاهيہ جو ئي ظهور ملي ٿو ۽ فلسفہ جي دل جو راز اهو ئي لا اله الا الله آهي.

اقبال خوديءَ کي لا الہ الا الله کونہ چيو آهي، بلڪ خودي جو راز لا اله الا الله کي ڏيکاريو آهي. ان مان ثابت ٿيو تہ فلسفہ" خودي ۽ فلسفہ" وحدت الوجود يا فلسفہ همہ اوست ماهيت جي لحاظ کان ٻہ نہ آهن، بلڪ هڪ ئي حقيقت آهي، جيتوڻيڪ فلسفہ وحدت الوجود بابت اعتراضات جو جواب ڏيڻ

اسان جي موضوع ۾ داخل نه آهي، بلڪه اسان جو موضوع رڳو ايترو آهي جو فلسفه خودي ۽ فلسفه وحدت الوجود هڪ ئي آهي، جيتوڻيڪ اسين ڏسون ٿا ته اقبال جڳهه جڳهه تي پنهنجي فلسفه خودي جي تشريح ڪري ڇڏي آهي، تنهن هوندي به احتياط جي طور تي ڪجهه عرض ڪرڻ ضروري آهي. عالمَ جي تخليق توحيد واقع ٿي آهي يعني خدا عالم تي مقدم آهي. هيءُ عالم خدا جي امر "ڪن" جو ظهور آهي ۽ ان عالم ۾ متضاد شين جو هجڻ ثابت آهي. مثلاً اونده، روشني، هيٺ مٿي، قوي ۽ ڪمزور، سچ ۽ ڪوڙ، ظلم ۽ رحم، نفعو ۽ نقصان ۽ موت ۽ حيات وغيره. انهن سڀني تضادات جي ماهيت هيءَ آهي ته اهي سڀئي موجود آهن ۽ موجودات جي ماهيت وجود آهي ۽ وجود ۾ ڪثرت نٿي ملي، بلڪ وجود واحد ئي آهي.

قرآن حڪيم ۾ مدارج وجود جو ذڪر آهي، جنهن جو تفصيل ڪتاب آيات جمال جي مقدمه ۾ ملي ٿو، جو قرآن ۽ حديث جي بنياد تي آهي.

رفيع الدرجات ذوالعرش يعني جل مجده جي ذات پاڪ بلند درجن واري آهي ۽ عرش جي مالڪ به انهن درجات جو تفصيل خود قرآن ۾ جڳهه جڳهه تي ڪيو آهي. مثلاً لا شريڪ له. هن جو يعني الله جو ڪنهن ڳالهه ۾ به ڪنهن قسم جو ڪو شريڪ موجود نه آهي. قل هو الله احد مان به اهو ئي ثابت ٿو ٿئي ۽ ليس ڪمثله شيءٌ يعني هن جي معنيٰ خدا جي مثال ڪا شي نه آهي هيءُ تنزيهي درجو آهي.

و جعلناه سميعاً بصيرا — ۽ اسان هن کي يعني انسان کي ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو بنايو ۽ قرآن مان ثابت آهي. سميع ۽ بصير خدا جا اسماء الحسنىٰ آهن. ان مان تشبيهي درجو ثابت ٿو ٿئي.

خاتم المرسلين کان اڳي سڀني نبين جي تعليم ۾ تنزيهه ملي ٿي. بعض نبين جي پنهنجي نبي جي امت خلاف حضرت حق جل

مجده جي لاءِ تشبيهه ثابت ڪئي. حضرت عزير نبي الله جو پٽ چيو ويو ۽ عيسيٰ کي الله جو پٽ ثابت ڪيو ۽ حضرت مريم ام مسيح کي به خدا جو شريڪ ٺاهيائون. پر تعليم محمدي ۾ تشبيهه ۽ تنزيه کي جمع ڪيو ويو. گهڻن عالمن خدا جي لاءِ رڳو تنزيه ثابت ڪئي آهي، ۽ هيءَ بي ادبي آهي ۽ جن ماڻهن تشبيهه ثابت ڪئي آهي، تن شرڪ ڪيو آهي. پر رفيع الدرجات ۾ وحدت، ڪثرت تشبيهه ۽ تنزيه هي سڀ اسم ظاهر جل جلاله جو ظهور آهي ۽ ظهور ۾ خدا جو ڪو شريڪ نه آهي. هي سمجهڻ غلط آهي ته وحدت الوجود جو عقيدو رکڻ وارا هر شيءِ کي خدا چون ٿا، هي غلط آهي، هو بندي کي بندو سمجهن ٿا ۽ خدا کي خدا. ڪلمو پڙهن ٿا، نماز پڙهن ٿا، روزو رکن ٿا، حج ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا. اهي سڀئي شرعي امور وحدت الوجود کي مڃڻ وارا صحيح سمجهن ٿا، پر رفيع الدرجات جي لحاظ کان پڻ هن بنياد تي ”کل يوم هو في شان“ هو يعني هر لمحه هڪ نئين تجلي سان متجلي ٿئي ٿو ۽ ”بلهم في لبس من خلق جديد“ بلڪ هو تجديد خلق سان شڪ ۽ شبهه ۾ مبتلا ٿي ويا آهن، اهو ئي ثابت ٿو ٿئي ته وجود رڳو واحد آهي ۽ ان جا مظهر، ان جا درجات ۽ ان جا شان ڪثير آهن. ان مان وجود جي وحدت ۾ فرق نٿو اچي. اقبال جو مقصد هي آهي ته لا اله الا الله خوديءَ جو راز آهي. جيڪڏهن خوديءَ جي راز تي غور ڪيو وڃي ته ان راز جي حقيقت لا اله الا الله ئي ثابت ٿيندي ۽ ظاهر اهو ئي ٿيندو ته ڪائنات ۾ هڪ وجود کانسواءِ ٻيو ڪونه آهي ۽ موجودات وجود ئي جون شڪليون آهن يعني سڀئي موجودات ذهني ۽ خارجي محسوس ۽ معقول وجود ئي جي خمير مان ٺهيا آهن. ان جو تفسير مفڪر اسلام اقبال کان ٻڌو:

زمانہ کہ زنجیر ایام ہے  دموں کے الٹ پھیر کا نام ہے
یہ موج نفس کیا ہے تلوار ہے  خودی کیا ہے تلوار کی دھار ہے

جي شدت هيءَ آهي جو جنهن صورت کي اسين سڃاڻون ٿا ته هيءَ من وتو آهي، سا سڃاڻ ۾ ئي نٿي اچي، ڇاڪاڻ ته بيرنگي جي خصوصيت ئي هي آهي، جو ان کي نه ڏسي سگهجي نه سڃاڻي سگهجي.

ازل سے ہے یہ کشمکش میں اسیر
ہوئی خاک آدم میں صورت پذیر

هڪ خاص حقيقت جا ازل کان ئي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي ۽ ڪاروان در ڪاروان سفر ۾ مصروف آهي، اهائي حقيقت سفر ڪندي ڪندي آدم تائين اچي پهتي آهي ۽ آدم کي ان پنهنجي منزل ٿاهي ورتي آهي.

ہوئی خاک آدم میں صورت پذیر

يعني انا الله خلق آدم علیٰ صورته- يعني الله آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو. هيءَ آهي اقبال جي مصرع جو مطلب:

خودی کا نشیمن ترے دل میں ہے
فلک جس طرح آنکھ کے تل میں ہے

هيءَ ان ڳالهه جي تشبيهه آهي ته هڪ ننڍي شيء وڏي شيء تي ڪهڙيءَ طرح حاوي ٿي وڃي. نفي وجود جنهن کي اسين موجود مقيد چئون ٿا، سو وجود مطلق تي ڪهڙي طرح حاوي ٿئي ٿو. هي انهيءَ جي تشبيهه آهي، ڇاڪاڻ ته وجود ۽ موجود ۾ غيريت نه بلڪ عينيت آهي انهيءَ ڪري موجود وجود ئي جو هڪ ظهور آهي. ان بحث مان هيءَ ثابت ٿيو ته اقبال جو فلسفهٔ خودي فلسفهٔ وحدت الوجود، تجديد يا نئين صورت آهي ۽ اقبال ڪو نئون فلسفو پيش نه ڪيو آهي. عارف رومي فرمائي ٿو:

خود کوزه و خود کوزه‌گر و خود گل کوزه - خود رند سبوکش
خود برسر آن کوزه خریدار برآمد - بشکست و روان شد

انهيءَ غزل جو مقطع عارف رومي اڻين چيو آهي:

رومی سخن کفر نه گفتست نه گوید - منکر نه شوید ست
منکر شده آنکس که بانکار برآمد - مردود جهان شد

پهرين شعر جو مطلب آهي ته هو خود ڪوزو ۽ خود ڪوزه‌گر يعني ڪنڀر آهي ۽ خود ڪوزي جي مٽي به آهي ۽ خود ئي شراب پيئڻ وارو رند آهي ۽ خود ئي شراب جي دڪان تي پهچي هي ڪوزهٔ شراب خريد ڪري ٿو ۽ پوءِ پاڻ ئي ان کي ٽوڙي هليو ٿو وڃي.

هي فلسفهٔ همه اوست يا وحدت‌الوجود آهي. ان جي صداقت تي عارف رومي کي ايترو اصرار آهي جو مقطع ۾ فرمايو اٿس ته رومي ڪفر جو ڪلمو نه ڪڏهن چيو آهي ۽ نه آئينده ڪڏهن چوندو تنهن ڪري اي منهنجا مخاطب توهان رومي جا ڪڏهن منڪر نه ٿجو ۽ رومي ۽ جو منڪر اهو شخص ئي هوندو جو هن جي چوڻ جو انڪاري هوندو پوءِ هو سڄي دنيا جو مردود ٿي ويندو.

پڇاڙيءَ ۾ عرض آهي ته ڪن فاضل فلسفين ۽ اديبن پنهنجي بحث ۾ هي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اقبال مغرب جي ڪن فيلسوفن جهڙوڪ برگسان، نطشي، هيگل، گوئٽي، ملٽن وغيره کان متاثر آهي ۽ هن جو سڄو فلسفو انهن ئي مغربي فلسفين جو تت آهي ۽ انهن پنهنجي ان تحقيقات تي خود اقبال جي قولن کان استشهاد ڪيو آهي ته اهڙن محترم فيلسوفن ۽ بزرگن جي نظر اسلام تي ايتري وسيع ۽ گهري نه آهي، جيتري اسان جي مفڪر اسلام علامه اقبال جي. ڪيترن مغرب جي فيلسوفن آهي ڳالهيون خود اسلام مان ورتيون آهن. جڏهن علامه اقبال برگسان سان فرانس ۾ گڏجڻ ويو ته هن دوران گفتگو ۾ زمان ۽ مڪان جو پنهنجو تصور ٻڌايو ته اقبال جهٽ هڪ حديث رسول اڪرم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جي ٻڌائي ته برگسان ڪرسي تان ٽپ ڏيئي اٿيو. ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، جن ۾ اقبال ۽ برگسان جي فلسفه ۾ وڏو فرق آهي" (١).

(١) خيابان اقبال صفحه ٢٧٣

باب ڇهون

# اقبال ڏکڻ - ايشيا جي مسلمانن جي آزاديءَ جو شارح

جڏهن پوري ايشيا کنڊ جي آڳاٽي تاريخ کي غور سان نظرن سان ڪڍبو ته معلوم ٿيندو ته سڄو ايشيا کنڊ مختلف زمانن ۾ الڳ الڳ مڪمل تهذيبن جو مرڪز رهي چڪو آهي. پر انهيءَ کنڊ جي ڏاکڻي ڀاڱي کي ڏسبو ته اهو ڀاڱو گذريل زماني ۾ به چند امتيازات سان مخصوص رهيو آهي ۽ ان جا ڪي ڀاڱا اڄ به ڪنهن نه ڪنهن اهڙيءَ خصوصيات جا مالڪ آهن جن کي نظرانداز ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

بابلي تهذيب، زرتشتي تهذيب، سامي تهذيب ۽ ويدانتي تهذيب وغيره سڀ تهذيبون اهڙيون آهن، جن جي اهميت تاريخ مان ثابت آهي، ۽ ويدانتي تهذيب جو هندورو هندستان رهي چڪو آهي ۽ پنهنجي آباديءَ جي ڪثرت جي سبب ڪان اڄ به ان تي خصوصيت سان نظرون پون ٿيون ۽ ظاهر آهي ته هندستان ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. عربستان جو پيٽ جي شڪل ۾ آهي، سو به ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. اسلامي تهذيب جي ابتدا به انهيءَ پيٽ جي اتر ۾، ۽ ڏاکڻي ڀاڱي ۾ پکڙجي ويئي. پوءِ اهڙو زمانو به آيو ته افريڪا کنڊ جو اترين حصو ۽ يورپ جو اسپين يعني اندلس ۽ پورچوگال ۾ به اسلام جو زور ڏسڻ ۾ آيو.

انگريزن جي حڪومت جو زمانو هندستان ۾ هڪ صدي کان ڪجھہ گھٽ ٿي ھو. مگر حڪمران قومن جو ھڪ عام قاعدو ھوندو آھي تہ جنھن قوم کي ھڪ ڀيرو قابو ڪري پنھنجو غلام بنائي وٺن ٿيون تہ انھن جي ڪنھن بہ ضرورت جو ھو لحاظ نٿيون رکن. دنيا جي تاريخ ۾ ان جو نمونو اسان جي ذھن ۾ اچا گھڻو پڌرو بيٺو آھي، جھڙوڪ فلپائين ۾ٽن جو معاملو امريڪا سان يا روڊيشيا ۽ ڏاکڻي افريڪا جو انگريزي سفيد فام قوم جي حڪومت سان يا انگولا جو معاملو پورچوگيزن سان. ظاھر آھي تہ مٺ جيترن انگريزن هندستان جي چاليھہ ڪروڙ رھاڪن تي جنھن ترڪيب ۽ تدبير سان حڪومت ڪئي، تنھن جو نتيجو ھيءُ ڏسڻ ۾ آيو تہ راءِ بھادرن ۽ خانبھادرن ۽ سرن جي خطابن جي ھڪ وڏي قطار لڳي ويئي ۽ برطانوي حڪومت جي خيرخواھن جو ھڪ وڏو تعداد غلام قوم جو يعني ھندستانين جو پيدا ٿي ويو. ان ھوندي بہ ھندن ۽ مسلمانن ۾ ڪو ڏينھن خالي نہ ھو تہ جھيڳڙو ۽ فساد نہ ٿيندا ھئا. انھن ڪڏھن ھندن ۽ مسلمانن کي سک سان سمھڻ نہ ڏنو.

انگريز ٻڌا ھئا يا پلا انھن، هندستان تي قبضي ڪرڻ جو منڍ کان ئي ھيءُ راڳ آلاپڻ شروع ڪيو ھو تہ اسان تعليم ۽ تربيت ڏيڻ کانپوءِ ھندستانين کي سندن ملڪ ھندستان واپس ڪري ڇڏيندا سين. ڪجھہ انھن ڏٺن جي ڪري ۽ ڪجھہ ان سبب کان بہ تہ ھندستان جي دولت آھستہ آھستہ ڇڪجي برطانيا پھچي رھي ھئي، تنھن ڪري ھندستان جنھن جي آبادي ڪافي ڪثير ھئي، تنھن ۾ ڪاڌي ۽ ڪپڙي جو سوال پيدا ٿي پيو ۽ تعليمي ترقي سان گڏ ھندستانين جي دلين ۾ آزاديءَ جا جذبا اڀرڻ لڳا.

پاڪستان جي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي سن ١٩٧٧ع کي علامہ اقبال جو سال مقرر ڪيو آھي، ان جو ڪھڙو سبب آھي؟ ظاھر آھي تہ اقبال جا خيالات بالڪل اسلامي آھن، جي

اقبال داغ دهلوي کان قديم شاعريءَ ۾ اصلاح ورتي آهي ۽ داغ جي انتقال تي هن هڪ نظم به لکيو، جو هن جي خيالات جو مظهر آهي ۽ ان مان ثابت ٿو ٿئي ته هو داغ جو گهڻو احترام ڪندو هو. پر اقبال جي شاعريءَ جو واسطو داغ کان بالڪل ڪٽجي ويو ۽ هن پنهنجي شاعريءَ جي لاءِ هڪ اهڙو ميدان تلاش ڪري ورتو هو، جو سڀني شاعرن کان جدا آهي، جنهن کي اڄ قومي شاعريءَ سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. اقبال جي ايجاد جو ان کي ڪمال سمجهڻ گهرجي ته هن پنهنجي شاعريءَ جي لاءِ هڪ نئون ميدان پيدا ڪيو ۽ ان کي معراج ڪمال تائين پهچايائين.

## اقبال شارح آزادي:

اقبال کي پنهنجي تعليم جي زماني ۾ مولوي سيد مير حسن شاهه جهڙو استاد مليو، جنهن جي تربيت جي اثر کان اقبال جي رڳن ۾ اسلام جي محبت ڊوڙڻ لڳي، جنهن جو سبب اسلام جي وسعت هئي. ڇاڪاڻ ته هيءَ هڪ غلط خيال آهي ته اسلام رڳو مسلمانن لاءِ نازل ٿيو آهي. بلڪ اسلام دنيا جي سڀني ماڻهن جي لاءِ آهي. ايترو البت آهي ته يورپين هجي يا امريڪي، چيني هجي يا ڪنهن به ملڪ جو رهاڪو، جيڪڏهن هو اسلام قبول ڪندو ته مسلمان ٿي چوائيندو. ان کان اقبال جي خيالات ۾ وسعت پيدا ٿي.

ڏٺو ويو آهي ته جيڪو انگريزي تعليم لاءِ ويندو هو ته موٽندي انگريزن جو ڪلمو پڙهندو ايندو هو ۽ ڪيترا پيرا ته انگريزي زال پرڻجي ايندو هو. ان بابت اڪبر الهآبادي پنهنجي طنزيه شاعريءَ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي، مگر علامه اقبال جا خيال "جاچيو:

خيره نه کر سکا مجهے جلوهٔ دانش فرنگ
سرمه هے ميری آنکهه کا خاک مدينه و نجف

پيرس پهتو ۽ مسجد کي ڏٺائين ته چيائين:

مری نگاه کمال ہنر کو کیا دیکھے
کہ حق سے یہ حرم مغربی ہے بیگانہ!
حرم نہیں ہے، فرنگی کرشمہ بازوں نے
تن حرم میں چھپادی ہے روح بتخانہ
یہ بتکدہ انہیں غارتگروں کی ہے تعمیر
دمشق ہاتھ سے جنکے ہوا ہے ویرانہ

"پیرس کی مسجد" جي عنوان سان چيائين ته هي مسجد، مسجد نه آهي، بلڪ هڪ قسم جو بتخانو آهي، ڇاڪاڻ ته هيءَ ان سرزمين تي واقع آهي، جنهن جي رهڻ وارن دمشق کي ويرانو بنائي ڇڏيو هو. دمشق هڪ علم ۽ هنر جو مرڪز هو ۽ شام جو تخت گاهه هو. هڪ زماني تائين فرينچن شام تي حڪومت ڪئي آهي ۽ عربي علم و هنر کي متائي مغربي تهذيب ۽ بيحيائي کي دمشق ۾ پکيڙيو.

جيڪي انگريزي تعليم يافته پيرس جو سير ڪري گڏيل هندستان موٽندا هئا ته پيرس جي بيحد تعريف ڪندا هئا ۽ شدت سان هيءَ تبليغ ڪندا هئا ته پيرس دنيا جي جنت آهي. هتي اسلام جو رواج هندستان کان به وڌيڪ آهي، ڇو ته اُتي هڪ ڏاڍي خوبصورت مسجد نهيل آهي.

اقبال هن ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته لاديني تهذيب جو بنياد دين ۽ اخلاق جي دائمي دشمني تي آهي. اقبال مغربي تهذيب جي بنيادي ڪمزوريءَ جو چڱو مطالعو ڪيو هو. هن ڏٺو ته جيڪي ذهن مغربي تهذيب کان متاثر هئا، سي مذهب، اخلاق ۽ روحاني قدرن کان خالي هئا. علامه اقبال قلب و نظر جي فساد کي ان تهذيب جي روح جي ناپاڪي جو ثمر ڏيکاريو آهي.

فساد قلب و نظر ہے فرنگ کی تہذیب
کہ روح اس مدنیت کی رہ سکی نہ عفیف
رہے نہ روح میں پاکیزگی تو ہے ناپید
ضمیر پاک و خیال بلند و ذوق لطیف

علامہ اقبال جو خيال آهي تہ چالاڪ يهودين بني آدم جي دل مان حق جي روشني چورائي ورتي آهي. عقل، تهذيب ۽ دين و مذهب ان وقت تائين رڳو خواب آهن جيسين تائين موجوده نظام منڍ کان نئو بدلايو وڃي.

شيوهٔ تهذيب نو آدم دری است
پردهٔ آدم دری سوداگری است
این بنوک این فکر چالاک يهود
نور حق از سینهٔ آدم ربود
تا تہ و بالا نہ گردد این نظام
دانش و تهذیب و دین سودائے نظام

اقبال جي خيالات جي پيٽ هندستان جي انگريزي تعليم يافتہ ماڻهن جي احساسات سان ڪٿي وڃي تہ اقبال جي عظمت اڳيان اچي وڃي ٿي يعني جيتوڻيڪ اقبال فيصلو ھيءُ ڪيو تہ مغربي دنيا سائنس، مشينن ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ جيتري ترقي ڪندي پيئي وڃي، اوتري ئي ھي دنيا غريب ۽ ڪمزور انسانن جي، جن جي دنيا ۾ اڪثريت آهي، دشمن ٿيندي وڃي، تنهن ڪري اقبال کي مغرب جي روش ۽ هلاڪت خيزي جو علم ٿي ويو ۽ ان جي بجاءِ تہ اقبال مغرب کان مرعوب ٿئي، هو مغرب جي حالت تي افسوس ڪرڻ لڳو.

هاڻي اقبال جي ولايت کان موٽي اچڻ جي بعد جي شاعريءَ تي غور نهايت ضروري آهي تہ خبر پوي تہ اقبال جي ذهن ۾ ڏاڪٽي ايشيا جي ملڪن جي آزاديءَ جو ڪو تصور هو يا نہ.

اقبال "ضرب ڪليم" جي منڍ ۾ هڪ تهديہ لکيو آهي جنهن جو عنوان آهي "اعلیٰ حضرت نواب سر حميدالله خان فرمانرواءِ ڀوپال جي خدمت ۾":

زمانہ با امم ایشیا چہ کرد و کند
کسے نہ بود کہ ایں داستاں فرو خواند

۽ لطيف شخصيت آهين جو جڏهن نون ڪنهن گل کي شاخ تان ٽوڙي پنهنجي هٿ ۾ وٺي ٿو ته اهو گل تنهن جي هٿ ۾ اچي پنهنجي شاخ کان وڌيڪ سرسبز رهي ٿو.

ان نظم ۾ اقبال اسم ايشيا جو ذڪر خصوصيت سان ڪيو آهي، جنهن جو سبب هي آهي ته هو خود ايشيا کنڊ جو رهڻ وارو آهي ۽ ايشيا جي جنهن ڀاڱي ۾ هن جو وطن آهي سو ڏاکڻي ايشيا جو اهو ڀاڱو آهي، جنهن کي هندستان اپکنڊ چيو وڃي ٿو. اڄڪلهه هن کي برصغير پاڪ و هند چئجي ٿو.

گڏيل هندستان ۾ جيستائين اقبال جيئرو رهيو انگريزن جي حڪومت هئي ۽ ان حڪومت جي مدت تقريباً نوي سال تائين ڏکڻي ٿي چڪي هئي. ان زماني ۾ هندستان تي جيڪي ڪي گذريو سو سڀ اقبال پنهنجن اکين سان ڏٺو. گڏيل هند آرين جي تهذيب جو پينگهو رهي چڪو آهي ۽ ان کانپوءِ ٻڌن جي تهذيب به ان اپکنڊ ۾ نپجي چڪي آهي ۽ اميرتيمور کان وٺي سن ١٨٥٧ع تائين مسلمان ان تي فرمانروا ٿي رهيا آهن.

تهذيب و تمدن ۽ علم و فضل ۾ هڪ زمانو هو جڏهن دهلي، لنڊن، واشنگٽن ۽ ماسڪو جو نقشو پيش ڪري رهي هئي. علم و هنر جي گهر گهر ڳالهه هئي ۽ هندو ۽ مسلمانن جي اشتراڪ سان هڪ نئين تهذيب ۽ نئين ٻولي، جنهن کي اردو چون ٿا جنم وٺي چڪي هئي. انگريزن جي حڪومت جي دور ۾ دهليءَ جي تهذيب ۽ تمدن تي زوال آيو ۽ مغربي اثرات جو دور دورو شروع ٿيو، هندستانين جي خيالات تي مغربي تصورات غلبو پاتو. انگريزي ٻولي چڱو ناڻو ڪڍيو ۽ ترقي ڪئي. راءِ بهادرن ۽ خانبهادرن جا خطاب عزت جا سبب بڻجي ويا ۽ انگريزن جا جانثار ۽ وفادار هندستان ۾ ڪثرت سان پيدا ٿي ويا. جيئن اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون ته ان غلاميءَ جي زماني ۾ ڪجهه ته مغربي تعليم جي اثر ڪري ۽ ڪجهه

ماني ڪپڙي جي تنگيءَ جي سبب هندستانين ۾ آزاديءَ جو خيال پيدا ٿيو ۽ اهڙو خيال اقبال ۾ سڀ کان گھٽ هو.

اقبال جي احساسات تي هر طرف کان چوٽون ٿيڻ لڳيون، تنهن ڪري جڏهن هن پنهنجي قوم جي هڪ سيد زادي کي مغرب جو دلداده ڏٺو ته ڦٽڪي اٿيو ۽ هن جي هيءَ بيقراري هڪ نظم جي صورت ۾ ظاهر ٿي، جنهن جو عنوان آهي "ايک فلسفہ زدہ سيد زادے کے نام":

تو اپنی خودی اگر نہ کھوتا — زناریٔ برگساں نہ ہوتا
ہیگل کا صدف گہر سے خالی — ہے اس کا طلسم سب خیالی
محکم کیسے ہو زندگانی؟ — کس طرح خودی ہو لا زمانی؟
آدم کو ثبات کی طلب ہے — دستور حیات کی طلب ہے
دنیا کی عشا ہو جس سے اشراق — مومن کی اذاں ندائے آفاق!
میں اصل کا خاص سومناتی — آبا مرے لاتی و مناتی
تو سید ہاشمی کی اولاد — میری کف خاک برہمن زاد
ہے فلسفہ میرے آب و گل میں — پوشیدہ ہے ریشہ ہائے دل میں
اقبال اگرچہ بے ہنر ہے — اس کی رگ رگ سے باخبر ہے
شعلہ ہے ترے جنوں کا بے سوز — سن مجھ سے یہ نکتہ دل افروز
انجام خرد ہے بے حضوری — ہے فلسفہ زندگی سے دوری!
افکار کے نغمہ ہائے بے صوت — ہیں ذوق عمل کے واسطے موت
دیں مسلک زندگی کی تقویم — دیں سر محمد و براہیم!
دل در سخن محمدی بند — اے پور علی، ز بو علی چند
چوں دیدۂ راہ بیں نداری — قاید قرشی بہ از بخاری

هي حضرت اقبال جو هڪ احساس آهي، جو ان حقيقت جو ترجمان آهي ته اقبال جڏهن هي ڏسندو هو ته ايشيا کنڊ ۾ رهڻ وارن جي آزاديءَ تي سيڪ اچي رهيو آهي ته هو ڦٽڪي ويندو هو ۽ ان احساس جي ناخوشگوار اثر کي پنهنجي نظم ۾ ظاهر ڪندو هو. مٿين نظم مان ائين ٿو ظاهر ٿئي ته هو هڪ مسلمان سيد زادي سان مخاطب آهي، پر حقيقت ۾ اهڙي شخصيت

ٽئين شعر ۾ اقبال هيءَ خيال ظاهر ڪيو آهي ته اتحاد ۽ اخوت جون حدون مختلف ٻولين ۽ رنگن ۽ خاندانن سان نٿيون ٺهن، بلڪ حضور صلعم جي ذات گرامي مسلمانن جو مرڪز آهي، تنهن ڪري غير عرب ڪي خواه هو مسلمان ٿي چو نه هجي ڪافر چوڻ غلط آهي. ان نظم ۾ علامه اقبال چاليهه پنجاه ورهه اڳي اها ڳالهه چئي هئي، جا عرب حڪومتن ۾ اڄ ملي ٿي، جيتوڻيڪ اڄ ڪفر جي فتويٰ نٿي ڏني وڃي، پر افتراق ۽ علحدگيءَ جا خيالات اڄ به عربن کي اتحاد کان روڪي رهيا آهن ۽ ظاهر آهي ته عربي ڳالهائڻ واري قوم جو هڪ وڏو ڀاڱو ڏاکڻي ايشيائي ڀاڱي ۾ واقع آهي. اقبال جو چوڻ هيءَ آهي ته جيستائين ڪ پاڻ ۾ اختلاف رهندو ته آزاديءَ جو صحيح معنيٰ ۾ استفادو ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ قسم جو هڪ ٻيو نظم ضرب ڪليم ۾ ملي ٿو جنهن جو عنوان آهي: ”سلطان ٽيپو کی وصیت“

تو رہ نورد شوق ہے؟ منزل نہ کر قبول!
لیلیٰ بھی ہم‌نشین ہو تو محمل نہ کر قبول!
اے جوئی آب بڑھ کہ ہو دریائے تند و تیز!
ساحل تجھے عطا ہو تو ساحل نہ کر قبول!
کھویا نہ جا صنم‌کدۂ کائنات میں!
محفل گداز گرمیٔ محفل نہ کر قبول!
صبح ازل یہ مجھ سے کہا جبرئیل نے!
جو عقل کا غلام ہو وہ دل نہ کر قبول!
باطل دوئی پسند ہے حق لا شریک ہے!
شرکت میانۂ حق و باطل نہ کر قبول!

ان نظم ۾ اقبال جيڪي ڪي چيو آهي، تنهن جو انداز بيان هيءَ آهي ته هو سلطان ٽيپو جي زبان سان چوي ٿو. سلطان ٽيپو جي وانان چوائڻ ۾ اقبال جو ڇا مطلب آهي؟ ان زماني ۾ اقبال مدراس، ميسور ۽ حيدرآباد دکن جي سير تي ويل هو.

اقبال جي خيال ۾ هي حقيقت موجود هئي ته ايشيا وارن کي پنهنجي حفاظت جو انتظام پنهنجي نموني ۾ ڪرڻ گهرجي، ڇالاءِ ته يورپ ۽ امريڪا ٻنهي ملڪن جي غلاميءَ ۾، ايشيا جي ترقي ان حالت ۾ ممڪن آهي ته ايشيائي قومن کي اقوام عالم مان ڪڍي وڃجي.

امريڪا ۽ مغربي ملڪن جو اتحاد يو-اين-او جي اصل طاقت آهي. روس، جيڪو يو-اين-او جو هڪ خاص رڪن آهي، سو ايشيا ۾ ئي آهي. اهڙيءَ طرح ترقي پسند، آزاد ۽ خودمختار ايران به ايشيا ۾ ئي آهي ۽ جيئن ته اقبال چئي چڪو آهي ته طهران به ايشيا ۾ آهي ۽ ان کي ايشيا جو جنيوا ٿاهي وڃڻ گهرجي حالانڪ موجوده حالتن کي ڏسندي اقبال جو هي تصور ڪجهه، صحيح معلوم نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ايران اڄا ٻين جو محتاج ۽ ضرورتمند معلوم ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته حالتن جيڪو پلٽو کاڌو آهي، تن اقبال جي تصور جو مرڪز ته ڪين بدليو آهي، پر ان جي عملي صورت باقي آها نه رهي آهي، جا اقبال جي تصور ۾ هئي يعني طهران ڪمزور جو ڪمزور رهجي ويو آهي ۽ روس ايشيا ۾ سيني قومن کان بازي کڻي ويو آهي، تنهن ڪري طهران کي جنيوا ٿاهڻ ڪهڙي طرح ممڪن آهي.

ان پيچيده سوال جو جواب اقبال جي مرڪزي تصور ۾ موجود آهي، سو اهو آهي ته مسلم قومون ايشيا ۾ پنهنجو مرڪز قائم ڪري وٺن ۽ هي قدرت وٽان مدد آهي ته ايران ۽ حجاز به اهڙا ملڪ آهن، جي توانائي جا زبردست مالڪ آهن ۽ اڄ انهن وٽ دولت به ڪافي آهي ۽ ايران جو موجوده بادشاه سياسي فهم ۽ ادراڪ ۾ ڪامياب آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ايشيا جا سيئي مسلم ملڪ ايران کي مرڪز ٿاهي وٺن ۽ پنهنجي قوت هڪ مرڪز تي گڏ ڪري وٺن ته طهران مشرق جو جنيوا ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن هيءَ تاويل قبول ڪرڻ جي قابل نه هجي ته

عطا فرمائي جو تو اڳي ڏنو هو ۽ منهنجي خواهش آهي ته مون کي وري اهو بلند مقام ملي وڃي، جو ان کان اڳي مون کي حاصل هو. ظاهر آهي ته اقبال هي فرمائي رهيو آهي ته هن جي قوم ۽ هن جو ملڪ وري اهوئي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ جدوجهد ڪرڻ لڳي، جنهن مان ملڪ خوشحال رهي ۽ قوم رڳو پنهنجي نه، بلڪ ٻين ملڪن جي به مدد ڪندي رهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته اقبال ڏاڪڻي ايشيائي قومن جي انهيءَ سربلندي جو متمني آهي، جا ڪنهن زماني ۾ هن کي حاصل هئي. ٻئي شعر ۾ چيو اٿس:

تین سو سال سے ہیں ہند کے میخانے بند
اب مناسب ہے ترا فیض ہو عام اے ساقی!

اقبال جي زماني کان ٽي سؤ سال اڳي مغل بادشاهن جو زمانو هو ۽ انهيءَ زماني ۾ فرق ۽ تعصب تقريباً ختم ٿي چڪا هئا. مسلمانن سنسڪرت ۽ سنسڪرت سان لاڳو علوم و فنون جي حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجيون زندگيون لڳائي ڇڏيون هيون. ملڪ محمد جائسي جهڙو شاعر ۽ راجا ٽوڏر مل ۽ مانسنگ جهڙن راجائن ميرزا جو لقب حاصل ڪيو ورتو هو ۽ هي نتيجو هو ٻنهي قومن جي اتحاد ۽ اشتراڪ جو، خوشحالي ۽ علوم و فنون اهڙيءَ ترقي ڪئي، جا روءِ زمين تي پنهنجو مثال پاڻ هئي.

اقبال ساقي کي مخاطب ڪري چوي ٿو ته ٽن سو سالن کان هندستان جا ميخانا بند ٿي چڪا آهن ۽ سڀئي رند يعني هندستان جا سڀئي باشنده هڪ ٻي قوم جا غلام ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري اهو وقت اچي پهتو آهي ته اي ساقي! تنهن جو فيض وري ساڳي طرح جاري ٿي وڃي جيئن ٽي‌سؤ سال اڳي هو.

اقبال هڪ زماني تائين هندو مسلم اتحاد جو مبلغ ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري چوي ٿو ته:

## باب ستون

# اقبال اسلامي دنيا جي اتحاد ۽ آزادي جو مبلغ

اسلام دنيا جو سڀ کان پويون آسماني مذهب آهي، قرآن حڪيم آخري ڪتاب آهي ۽ پيغمبر اسلام هادي ڪل خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم الله جو سڀ کان آخري رسول آهي. پاڻ سڳورن کانپوءِ نڪو نبي هوندو نه ڪو آسماني ڪتاب نازل ٿيندو، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ سڳورن جي ذات گرامي تي دين جي تڪميل ڪري ڇڏي آهي. ٻيو هيءَ ته پيغمبر صلعم جي ذات مبارڪ، سڄي دنيا جي انسانن جي لاءِ بشير و نذير بڻائي موڪلي وئي آهي. سڳورن جي رسالت ڪنهن خاص ملڪ يا قوم جي لاءِ نه آهي، بلڪ سڳورن جي زماني ۾ ڪرهٔ ارضي تي جيترا انسان رهندا هئا، سڀني جي لاءِ پاڻ سڳورا رسول هوندا هئا. جن ماڻهن سڳورن کي مڃي ورتو، سي مومن سڏجڻ ۾ آيا ۽ جن ماڻهن سڳورن جي رسالت کي ڪين مڃيو، سي سڳورن جي دعوت ۾ برابر شامل رهيا ۽ سڳورن جي دعوت کان ٻاهر نه رهيا.

علامه اقبال ٻين ٻولين سان گڏوگڏ عربي زبان جا به اعليٰ پايه جا عالم هئا، تنهن ڪري قرآن حڪيم جي اسرار کان پوري طرح واقف هئا ۽ اسلام جي ماهيت کان باخبر هئا. اسلام کي ٻين دنيا جي مذهبن تي فوقيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته اسلام جي بنياد تي تعمير ٿيڻ وارو معاشرو ٻين ملڪن جي

ٻي قوم سمجهڻ ۾ اچن ٿا. علامه اقبال پنهنجي مضمون ”جاگرافيائي حدون ۽ مسلمان“ ۾ ان نظريه جي تصريح هنن لفظن ۾ ڪئي آهي، ”ڪير نٿو چاهي ته حضرت ابراهيم خليل‌الله ڀريون پيغمبر هو، جن جي وحي ۾ قومن، نسلن ۽ فرقن کي بالاء طاق رکيو ويو. بني‌آدم جو رڳو هڪڙو ورهاڱو ڪيو ويو، موحد ۽ مشرڪ. ان وقت کان وٺي دنيا ۾ فقط ٻه ملتون آهن، ٽئين ڪا ملت نه آهي“. مسلم امت جي مقابلي ۾ ته رڳو هڪ ٻي ملت آهي آهي ۽ اها ”الڪفر ملت واحد“ جي آهي(١).

قرآن جو چوڻ آهي ته ”سڀئي اهل ايمان پاڻ ۾ ڀائر ڀائر آهن ۽ ان سان گڏ حضور صلعم سان غلاميءَ جو لاڳاپو سڀني مسلمانن کي شڪست جي ناقابل وحدت ۾ جوڙي ٿو ڇڏي، تنهن ڪري مسلمانن جي بقا، استحڪام ۽ ترقي جو راز ٿي انهيءَ وحدت جي لاڳاپي سان منسلڪ رهڻ ۾ لڪل آهي. ان اصول جي وضاحت خود قرآن حڪيم ائين ڪئي آهي ”و اعتصموا بحبل‌الله جميعا و لاتفرقوا“ ۽ سڀ گڏجي سڏجي الله جي رسي کي مضبوطي سان جهلي رکو ۽ جدا جدا نه ٿيو.

ان بابت هڪ حديث نبوي به آهي ته ”هڪ مومن ٻئي مومن جي لاء اهڙو آهي جهڙي پٽ، جو ان جو هرهڪ جزو (سر) ٻئي جزو کي قوت پهچائي ٿو.“

هڪ ٻي حديث ۾ اهل ايمان جي اخوت ۽ محبت جي لاڳاپي جي وضاحت پاڻ سڳورن ان مثال سان ڪرڻ فرمائي آهي. ”تون الله تي ايمان رکڻ وارن کي هڪ ٻئي سان رحم، محبت ۽ مهرباني ۾ اهڙو ڏسندين، جيئن بدن جو هڪ عضوو مريض ٿي وڃي ته سڀ عضوا بخار ۽ سور ۽ بيچيني سان رات جاڳڻ ۾ هن جا شريڪ ٿي وڃن ٿا“.

اسلامي اخوت ۽ ڀائپي جو هيءُ اهو معيار آهي، جو اسلام جي نظرن اڳيان آهي. ان ۾ انسان ۽ انسان کي پاڻ ۾

(١) مقالات اقبال صفحه ٢٣٢—٢٣٣

جوڙڻ ۽ ٻڌڻ واري طاقت رکو عقيدو ۽ حياتيءَ جو ضابطو ٿئي ٿي. جيڪو شخص ان معيار کي قبول ڪري وٺي ٿو، سو خواه ڪهڙي نسل، ڪهڙي ملڪ، ڪهڙي رنگ، ڪهڙي ٻوليءَ سان لاڳاپو رکندڙ هجي، ان عالمگير معاشري جو فرد بنجي ويندو. ان کي ساڳيا حق ۽ رعايتون حاصل هونديون، جي ان معاشري جي ٻين فردن کي حاصل هونديون. هي معاشرو زمان ۽ مڪان جي سڀني حدن کان بالاتر ٿي، روءِ زمين جي سڀني خطن کي گهيري سگهي ٿو ۽ قيامت تائين باقي رهندو. علامه اقبال پنهنجي مضمون ”جغرافيائي حدود اور مسلمان“ ۾ ملت اسلاميه جي ان اصول جي وضاحت ڪندي چيو آهي:

”هي اسلام ئي هو، جنهن بني نوع انسان کي سڀ کان پهرين هي نياپو ڏنو ته دين نه قومي آهي، نه نسلي آهي، نه انفرادي، نه پرائيويٽ، بلڪ خالصتاً انساني آهي ۽ ان جو مقصد باوجود سڀني فطري فرقن جي بشريت جي دنيا کي متحد ۽ منظم ڪرڻو آهي. اهڙي دستورالعمل جي قوم ۽ نسل تي بنا نٿي رکي سگهجي، نه ان کي پرائيويٽ چئي سگهجي ٿو، بلڪ ان کي رکو اعتقادن تي ئي مبني چئي سگهجي ٿو. رکو اهو ئي هڪڙو طريقو آهي، جنهن کان انساني دنيا جي جذباتي زندگي ۽ ان جي فڪرن ۾ يڪجهتي ۽ هم آهنگي پيدا ٿي سگهي ٿي، جا هڪ امت جي تشڪيل ۽ ان جي بقا جي لاءِ ضروري آهي“ (١).

علامه اقبال جڏهن آل انڊيا مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو ته پاڻ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ جيڪي ڪي چيو، تنهن مان ٻه نڪتا هي آهن، ١- علامه اقبال ان ڳالهه تي تعجب جو اظهار ڪيو ته قوم هڪ شاعر کي پنهنجو ليڊر چونڊيو آهي. ٢- ٻي ڳالهه اها چيائين ته مون اسلام ۽ اسلاميات جو گهڻو مطالعو ڪيو آهي ۽ اسان جي ان موضوع جو واسطو علامه اقبال جي ان ٻئي قول سان آهي يعني علامه اقبال جو مطالعو اسلام

(١) مقالات اقبال صفحه ٢٢٤—٢٢٥

بابت ڪافي هو. اسلام جي مطالعي بابت اسان سندس خيالات مٿي چٽيءَ طرح ڏيئي چڪا آهيون، جنهن جو اختصار هيءَ آهي ته قرآن جو هڪ سماجي اصول هي آهي ته ١- سڀئي مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ٢- اسلام ۾ اسلام جي اعتبار کان مسلمانن ۾ مساوات آهي. هي ٻه نڪتا اهڙا آهن جن سان اقبال جو ڪلام پريو پيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اقبال جي تبليغ ڪڏهن هند ۾ محدود نه آهي، بلڪ اها سڄي دنيا جي مسلمانن جي ترجمان آهي، علامه اقبال فرمايو آهي:

نه افغانيم نه ترک و تتاريم
چمن زاديم و از يک شاخساريم
تميز رنگ و بو بر ما حرام است
که ما پرورده يک نو بهاريم

علامه اقبال عالم اسلاميءَ ۾ جنهن شيءِ جي تبليغ ڪن ٿا، سو مساوات اسلامي آهي، جنهن جي تبليغ جي ضرورت علامه انهيءَ ڪري محسوس ڪئي ته عربن ۾ قريش پاڻ کي فوق الفطرت بزرگيءَ جو مالڪ سمجهندا هئا ۽ اسلام جي اشاعت ڪانپوءِ هيءَ جذبو عرب مان نڪري ايران ۽ مصر تائين پکڙجي ويو. اسلامي نقطهءِ نظر جي باوجود خانداني فخر ۽ امتياز مسلمانن ۾ وڌندو ويو، عرب کي ايران سان نفرت ۽ ايران کي افريڪا جي ڪارن مسلمانن سان نفرت. مطلب ته جيتري مسلمانن ۾ اسلام ۾ وسعت ٿيندي ويئي، مسلمانن ۾ بجاءِ مساوات جي نفرت وڌندي ويئي ۽ تاريخ شاهد آهي ته ان عدم مساوات مسلمانن کي ڏاڍو نقصان رسايو. انهيءَ تفريق ۽ انتشار جي مشاهدي کان متاثر ٿي، اقبال فرمايو آهي، ”ته نه اسين فطري طرح افغان آهيون نه ترڪ آهيون ۽ نه تاتاري آهيون، بلڪ اسين هڪ ئي باغ جي پيدائش آهيون ۽ هڪ ئي شاخ سان واسطو رکڻ وارا آهيون. اسان تي رنگ ۽ بو جو فرق حرام آهي، ڇاڪاڻ

جي اڳيان نه ته ڪنهن ترڪي اسلام جو وجود آهي، نه عربي، هندي ۽ ايراني اسلام جو"(١).

علامه اقبال سعيد حليم پاشا جي ان خيال سان به متفق آهي ته جديد تهذيب، انساني تاريخ جي وحشت جي دور ٺي جي هڪ شڪل آهي، تنهن ڪري لکي ٿو: "جديد تهذيب جنهن جو بنياد وطني انائيت (Egoism) تي آهي، انسان جي وحشت ۽ بربريت (جهنگلپڻي) جي دور ٺي جي هڪ شڪل تصور ڪرڻ گهرجي"(٢).

علامه اقبال جي خيال ۾ پاشا موصوف اسلامي دنيا جي مرض جو علاج اسلام کي، مقامي قيد کان آجو ڪرائڻ، ان جي عالمگيريت تي زور ڏيڻ ۾ مضمر ٺهرايو هو، ڇاڪاڻ ته سعيد حليم پاشا کي افسوس آهي ته: "اسلام جا اخلاقي ۽ اجتماعي مقاصد به بعض اهڙن وهمن جي اثر هيٺ، جي اسلامي امتن جي اندر قبل اسلام کان ڪم ڪري رهيا هئا، غير اسلامي شڪل اختيار ڪندا هليا ويا. انهن جا اسلامي مقصد به ته گهٽا گهٽ آهن، عجمي، عربي يا ترڪي وڌيڪ، توحيد جو صاف، سترو ۽ پاڪيزه چهرو ڪفر ۽ شرڪ جي لٽ کان محفوظ نه رهي سگهيو نه مقامي قيد جي روز وڌندڙ پابندين اسلام جي اخلاقي مقصدن جي غيرشخصي (انساني) ۽ عالمگير نوعيت کي قائم ۽ برقرار رهڻ ڏنو"(٣).

علامه اقبال پنهنجي تصنيف جاويد نامه ۾ انهن عظيم رهنمائن کي ڪين وساريو آهي. آسماني سير ڪندي فلڪ عطارد تي انهن هنهي جي پاڪيزه روحن سان ملاقات ٿي ته مولانا روم اقبال جو تعارف ڪرايو:

---

(١) تشڪيل جديد الهيات اسلاميه ترجمه سيد نيازي صفحه ٢٣٠ کان ٢٣٢

(٢) ساڳيو صفحه ١٣٠، ١٤١، ١٤٢

(٣) ساڳيو صفحه ١٣٠، ١٤١، ١٤٢

وارن سان به بهره ور آهن. انهيءَ انٽرويو ۾ وڌيڪ فرمايائون:
”مون کي عربي ٻوليءَ تي به گهڻو ڀروسو آهي، جو منهنجي خيال ۾ اڪيلي مشرقي ٻولي آهي، جا هڪ زنده ٻوليءَ جي حيثيت سان پنهنجي اڳيان شاندار مستقبل رکي ٿي، دين اسلام ڪانپوءِ هي ٻيو ايڪو آهي، جو عرب قومن جي اتحاد جو ضامن آهي“(١).

اقبال اهڙي اتحاد جو صفا قائل نه هو، جنهن ۾ دين کي شامل نه ڪيو وڃي، بلڪ هن جي خيال ۾ ته اتحاد جو اصل بنياد ته دين ئي آهي، باقي سڀئي ڳالهيون ضمني ۽ عارضي نوعيت جون آهن. ان انٽرويو ۾ جيتوڻيڪ اقبال عرب موافقت جي سلسلي ۾ ڪنهن اڳڪتيءَ کان معذوري ظاهر ڪئي. تنهن هوندي ائين چوڻ کانسواءِ نه رهي سگهيو: ”جيتوڻيڪ انءَ واٽ تي بي شمار مشڪل ڳالهيون آهن، تنهن هوندي به آئون عرب ملڪن جي موافقت جي اهميت جو قائل آهيان“(٢).

## خلافت:

اقبال تڪڙو تڪڙو ڪنهن جذباتي فيصلي ڪرڻ جي فائدي ۾ نه هو، تنهن ڪري خلافت جي طرز جي اداري کي زنده ڪرڻ يا سڀني ملڪن ۽ علائقن کي ڀريائين هڪ وحدت جي صورت ۾ منظم ڪرڻ جي نظريه جي بجاءِ وفاق قائم ڪرڻ جي تجويز جو حامي هو، ڇاڪاڻ ته اقبال رڳو خيالن پچائڻ وارو شخص نه هو بلڪ عملي سياستدان هجڻ جي حيثيت ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺڻ وارو هو، تنهن ڪري هن سوچيو ته سڀني مسلم ملڪن جي متحده سلطنت شڪ نه آهي ته سٺي ڳالهه آهي، پر هر مسلمان ملڪ ۾ حالتون ڏاڍيون خراب ۽ منجهيل هيون، تنهن ڪري متحده سلطنت ناهڻ ۾ مغربي قومن

---

(١) Letters and Writings of Iqbal صفحو ٦.
(٢) ساڳيو

ويڙهائي ٻنهي کي ڏار ڪري، عربن کي ننڍن ننڍن ملڪن ۾ ورهائي ڇڏيائون. انهن کي اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ويڙهايائون جو عرب ملڪن جو اتحاد ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ۽ اڄ تائين پاڻ ۾ پوريءَ طرح نه ٺهيا آهن. ترڪي ۽ يونان کي پاڻ ۾ ويڙهايائون پر مصطفيٰ ڪمال پاشا جي تدبر ترڪي کي بچائي ورتو ۽ ترقي تي پهچايو. متان عرب ملڪ وري اتحاد ڪري وٺن، تنهن ڪري انهن جي قوت کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ فلسطين ۾ عربن جي اڪثريت کي مصنوعي طرح اقليت ۾ آڻي، يهودين جو فلسطين تي قبضو ڪرايو. هندستان به ان پاليسي تي اعتراض ورتو پر نقارخاني ۾ طوطي جو آواز ڪير ٿو ٻڌي. اقبال به هڪ دردمند مسلمان جي حيثيت ۾ ان حادثه ڪان متاثر ٿي لکيو:

ہے خاک فلسطین پہ یہودی کا اگر حق
ہسپانیہ پر حق نہیں کیوں اہل عرب کا
مقصد ہے ملوکیت انگلیس کا کچھ اور
قصہ نہیں تاریخ کا یا شہد و رطب کا

پر مسلمانن جي اصل خامي جي وضاحت به مناسب سمجهي لکيائين:

جلتا ہے مگر شام و فلسطیں پہ مرا دل
تدبیر سے کھلتا نہیں یہ عقدۂ دشوار
ترکان "جفا پیشہ" کے پنجے سے نکل کر
بے چارے ہیں تہذیب کے پھندے میں گرفتار

## ايشيائي جمعيت اقوام:

ان تي اسان مٿي لکيو آهي، پر وڌيڪ ڪجهه اختصار سان هتي به لکون ٿا. اقبال هڪ زوردار بيان ۾ برطانوي پاليسي جي مذمت ڪئي. علامه اقبال ان خيال جو هو ته سامراجي طاقتن جو مقابلو ان حالت ۾ ٿي سگهي ٿو ته مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃن ۽ پنهنجي هڪ جدا جمعيت اقوام ٺاهن. علامه اقبال لکي ٿو، "موجوده زمانو ايشيا جي غير عربي حڪومتن

مشرق جي قومن جي لاءِ جتي ڀريائين مذهبي ۽ روحاني بنياد قائم ڪري پاڻ ۾ اتحاد لازمي آهي، اتي مادي اعتبار کان بہ اتحاد هجڻ نهايت ضروري شيءِ آهي. جيڪڏهن انهيءَ نقطہ نظر کان مشرقي ملڪن کي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ ان ۾ بہ مشرقي ملڪن جا پاڻ ۾ اتحاد جا امڪان ڏاڍا روشن آهن. آبادي، زمين ۽ معاشي وسيلن جي اعتبار کان بہ مسلمان هڪ زبردست قوت جي حيثيت رکن ٿا.

## پئن اسلامزم:

عالم اسلام جي تحريڪ مغربي طاقتن لاءِ هڪ چئلينج ثابت ٿي ويئي. حقيقت ۾ مسلم مشاعرو علامہ اقبال جي شعلہ بيان نظمن جي اثر کان سجاڳ ٿي پيو هو ۽ مسلمانن لاءِ ڪن مسئلن جو حل سامهون هو ۽ ضروري هو تہ اهڙا مسئلا مسلمان قوم سواءِ عالم اسلامي جي ٻئي ڪنهن جي اڳيان رکي نٿي سگهي، تنهن ڪري عالم اسلامي جي تحريڪ جو هجڻ ضروري هو. مغربي ملڪ ان کي ناڪام بنائڻ ۾ مصروف هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن کي پنهن جي لاءِ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو، تنهن ڪري جتي انهن فوجي ۽ سياسي قدم کنيا، سي پنهنجي جاءِ تي، پر انهن اخبارن جي ذريعي انهيءَ تحريڪ جي برخلاف پرچار شروع ڪيو ۽ ڏاڍي غلط بياني کان ڪم ورتو. مستشرقين ۽ مغربي پريس چوڻ لڳا تہ پئن اسلامزم يعني عالم اسلامي جو اتحاد مسلمانن جي مذهبي جوش جي وحشت آهي. ان تحريڪ جو اصل ۾ مطلب آهي يورپ يا مغربي دنيا کي نيست و نابود ڪرڻ جو. اهڙيءَ طرح اتحاد عالم اسلامي کي هڪ خوفائتي شيءِ ظاهر ڪري پيش ڪرڻ لڳا. علامہ اقبال مغربي ملڪن جي چالبازين کان چڱيءَ طرح واقف هو، تنهن پنهنجين تحريرن ۽ تقريرن ۾ پئن اسلام جو لفظ ڪڏهن نہ استعمال ڪيو. علامہ اقبال پنهنجي مقصد کان هڪ پل بہ ڪڏهن غافل نہ رهيو. هن جو چوڻ هو

هندستاني قومن کان هڪ جدا قوم خيال ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح رهڻ جا خواهشمند آهن. هو پاڻ کي هڪ جدا معاشرتي جماعت جي حيثيت سان قائم رکڻ گهرن ٿا ۽ هڪ جدا اقليت جي حيثيت سان پنهنجن حقن جي حفاظت ڪرڻ گهرن ٿا، جي مسلمان قوم پرست سڏائيندا هئا، انهن ڪڏهن هيءَ نه چيو ته مسلمانن کي پنهنجي جدا متمدني حيثيت ڇڏي ڏيڻ کپي ۽ پنهنجي قسمت کي اهڙين طاقتن جي رحم تي ڇڏي ڏيڻ کپي، جي ان جي جدا هستيءَ کي مٽائي ڇڏين. جيڪڏهن ڪو مسلمان سياسي ليڊر ان جي برعڪس خيال ڪري ٿو ته، ان پنهنجي قوم جي جذبات جو صحيح اندازو نه ڪيو آهي"(١).

جڏهن علامه اقبال بمبئي مان ئي گول ميز ڪانفرنس لاءِ ولايت پئي ويو ته بمبئي ڪرانيڪل اخبار جي نمائندي کي "پئن اسلامزم" جي وضاحت ڪندي چيو "جيتري قدر مون کي خبر آهي ته هيءَ هڪ فرينچ صحافي جو گهڙيل اصطلاح آهي. ان جي مفهوم جو وجود هن جي پنهنجي ذهن ڪانسواءِ ڪٿي نه آهي. منهنجي خيال ۾ فرينچ صحافي هيءَ اصطلاح ان مفروضه خطري کان خبردار ڪرڻ جي لاءِ ناهيو هو، جو هن جي خيال ۾ اسلامي دنيا ۾ (يورپ جي برخلاف) پيدا ٿي رهيو هو ۽ وري هيءَ اصطلاح زرد خطري (Yellow Peril) جي اصطلاح ڪانپوءِ بنايو ويو هو، تاڪ مسلم ملڪن ۾ يورپين جارحيت کي حق بجانب ثابت ڪيو وڃي"(٢).

ان اصطلاح جي ٻئي مفهوم جي طرف علامه اقبال اشارو ٿو ڪري، "ان ڪانپوءِ منهنجي خيال جي مطابق، پئن اسلامزم جو مطلب هڪ قسم جي سازش ورتي ويئي، جنهن جو مرڪز قسطنطنيه ۾ هو. هيءَ خيال ڪيو ويو ته سڄي دنيا جا مسلمان يورپ جي رياستن جي برخلاف مسلم رياستن جو اتحاد ناهڻ جو

(١) گفتار اقبال صفحه ١٢٨-١٢٩

(٢) Letters and Writings of Iqbal صفحه ٥٥-٥٦

منصوبو گھڙي رهيا آهن، حالانڪ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جي پروفيسر برائون آنجهاني واضح طور تي ان قسم جي ”پئن اسلامزم“ جي موجودگيءَ جي ترديد ڪئي هئي“(١).

پڇيو ويو ته جمال الدين افغاني به اهوئي اصطلاح استعمال ڪيو هو؟ ته اقبال چيو، مون کي ان جي خبر ناهي ته انهن به اهو اصطلاح استعمال ڪيو هو، تڏهن هوندي به اها هڪ حقيقت آهي ته هن به افغانستان، ايران ۽ ترڪي کي يورپ جي جارحيت جي خلاف متحد ٿيڻ جي صلاح ڏني هئي. هيءَ خالص هڪ وفاقي قدم هو ۽ منهنجي ذاتي راءِ آهي ته جمال الدين جو هيءَ نقطهٔ نظر بالڪل درست هو“(٢).

انٽرويو جي پڇاڙيءَ ۾ علامه اقبال قرآن ڪريم جي روشني ۾ تشريح ڪئي ته ”ان لفظ کي هڪ ٻئي مفهوم ۾ به استعمال ڪري سگهجي ٿو، جو قرآني تعليمات جي عين مطابق آهي. انهيءَ صورت ۾ هيءَ هڪ سياسي منصوبو نه آهي، بلڪ هڪ سماجي تجربو آهي. اسلام ذات، رنگ يا نسل کي نٿو مڃي. حقيقت ۾ اسلام حياتيءَ جو واحد نظريو آهي، جنهن گهڻي ۾ گهڻي مسلم معاشري ۾ رنگ جي مسئلي کي تقريباً حل ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته مغربي تمدن سڀني سائنسي ۽ فلسفيانه ڪاميابين جي باوجود ان جي حل ۾ ناڪام رهيو آهي. ان طرح جو ”پئن اسلامزم“ پيغمبر اسلام صلى الله عليه وسلم جي تعليمات جو نتيجو آهي ۽ هيءَ هميشه قائم رهندو. ان معنيٰ ۾ ”پئن اسلامزم“ فقط ”پئن هيومنزم“ اتحاد عالم انساني مقرر ٿو ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح هر مسلمان پئن اسلامسٽ آهي ۽ هن کي هئڻ به کپي(٣).

پڇاڙيءَ ۾ علامه اقبال تجويز پيش ڪري ٿو: ”اصل ۾ پئن اسلامزم مان لفظ ’پئن‘ کي هٽائي ڇڏڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته

---

(١) Letters and Writings of Iqbal صفحه ٥٥-٥٦

(٢) ساڳيو

(٣) ساڳيو صفحه ٥٦

روايتن کي حاصل آهي ۽ منهنجي نظر ۾ اهي ٿي قدر ان قابل آهن ته انسان انهن جي لاءِ رهي ۽ انهن جي ٿي لاءِ مري نه زمين جي ان ٽڪري جي لاءِ، جنهن سان ان جي روح کي ڪجهه عارضي ربط پيدا ٿي ويو آهي(١).

## عالم اسلامي جو اتحاد:

اقبال جي حياتيءَ ۾ ٿي هن کان سوال ڪيو ويو هو، جنهن جو هن جواب ڏيئي ڇڏيو هو. عالم اسلامي جي اتحاد جي تصور جي سلسلي ۾ هڪ بحث ٿيو هو ته اقبال هڪ طرف ته عالمگير معاشري جي قائم ٿيڻ جو خواهشمند آهي ۽ ٻئي طرف هن جون ڪوششون رڳو مسلمانن جي اتحاد تائين محدود آهن. جڻ ته نظرياتي طور تي هن جو پيغام عالمگير آهي، پر پاڻ ۾ ملڻ جي اعتبار کان مخصوص ۽ محدود. نڪلسن جي خط ۾ لکيل هو ته "انسانيت جو نصب‌العين شعر ۽ فلسفه ۾ عالمگير حيثيت سان پيش ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن ان کي اثرائتو نصب‌العين ٺاهڻو ۽ عملي زندگيءَ ۾ ڪم آڻڻ گهرو ته اوهين شاعرن ۽ فيلسوفن کي پنهنجا پهريان مخاطب نه مقرر ڪندا ۽ هڪ مخصوص سوسائٽي تائين پنهنجي خطاب ڪرڻ جو دائرو محدود ڪري ڇڏيندا، جا هڪ مستقل عقيدو ۽ مقرر عمل جي واٽ رکندي هجي، پر پنهنجا عملي نمونا ۽ ترغيب ۽ تبليغ سان هميشه پنهنجو دائرو وسيع ڪندي هليو وڃي منهنجي ويجهو ان قسم جي سوسائٽي اسلام آهي"(٢).

جڻ ته هڪ حڪيم جي لاءِ ضروري هوندو آهي ته هو پنهنجي ڳالهه سمجهائي ۽ ان کي عملي جامو پهرائڻ جي لاءِ هو هڪ اهڙو معاشرو چونڊيندو آهي، جيڪو هن جي نصب‌العين کان وڌيڪ ويجهو هوندو آهي، جنهن ۾ پيغام جي قبوليت ۽

---

(١) حرف اقبال صفحه ٥٧
(٢) اقبال نامه صفحه ٤٦٧—٤٦٨

ويئي هئي ته ان طرح اسلام ۽ مسلمانن جي ترقي جا امڪان وسيع ٿي سگهن ٿا. ”جيڪڏهن اسين گهرون ٿا ته ان ملڪ ۾ اسلام هڪ تمدني قوت جي حيثيت سان جيئرو رهي ته ان جي لاءِ ضروري آهي ته هو هڪ مخصوص علائقي ۾ پنهنجي مرڪزيت قائم ڪري سگهي“ (١).

ان مان صاف ظاهر آهي ته جدا مسلم رياست قائم ڪرڻ جي گهر انهيءَ لاءِ نه هئي ته اقبال ان طرح اسلام کي هڪ مخصوص زمين جي ٽڪري ۾ محدود ڪرڻ ٿي گهريو. هو ته ان نظريه جو علمبردار آهي ته مشرق بلڪ سڄي دنيا خدا جي آهي تنهن ڪري مرد حق پاڻ کي محدود ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

مشرق سے ہو بیزار نہ مغرب سے حذر کر
فطرت کا اشارہ ہے کہ ہر شب کو سحر کر

علامه اقبال جي هيءَ خواهش هئي ته موجوده دور ۾ مسلمانن وٽ هڪ زمين جو ٽڪرو پنهنجو هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن جو خيال هو ته اسلام پنهنجو جدا ماحول پيدا ڪندو ته اثر واري قوت بڻجي سگهندو. مسلمانن کي جڏهن پنهنجو خطهٔ زمين هوندو ته بنان ڪنهن تڪليف ۽ ڏکيائي جي اسلامي اصولن جو نفاذ ڪري سگهندا. جڏهن ائين ڪرڻ ۾ مسلمان ڪامياب ٿي ويندا ته انهن کي پنهنجي امن، انصاف ۽ خوشحالي ۽ ترقي جون منزلون طيءِ ڪرڻ جو آساني سان موقعو ملي ويندو ۽ عروج تي پهچندا. اهڙيءَ طرح عالم اسلامي جي قوت جو سبب به ثابت ٿيندا. جڏهن عالم اسلام طاقتور ٿيندو ته پوءِ دنيا جي ٻين محڪوم ۽ پٺ تي رهيل قومن لاءِ قوت جو سرچشمو ثابت ٿيندا. تنهن ڪري پاڪستان جو حاصل ٿيڻ رڳو خطهٔ زمين حاصل ٿيڻ نه هو بلڪ اسلام جي غلبي جي مرڪز قائم ٿيڻ جو سوال هو. جيتوڻيڪ پاڪستان کي ڪيترن حادثن کي منهن ڏيڻو پيو تنهن هوندي به پاڪستان پنهنجي منزل جي طرف

---

(١) حرف اقبال صفحه ٣٠.

هڪ نشين‌انداز ۾ چيو آهي ۽ ان مان اقبال جو غرض آهي ته هو ڏاڪڻي ايشيا جي ماڻهن جي ۽ خصوصيت سان مسلمانن جي آزاديءَ جي وڪالت ڪري. زبور عجم جي هڪ غزل‌جو مطلع آهي:

غــزل سرائے و نواہائے رفته بــاز آور
بايں فسرده دلاں حــرف دل‌نواز آور

غزل سرائي ترقي ۽ عيش و آرام جي علامت آهي، تنهن ڪري علامه اقبال فرمائي ٿو:

میں تجھکو بتاتا ہوں تقدیر امم کیا ہے
شمشیر و سناں اول طاؤس و رباب آخر

طائوس ۽ رباب غزل سرائي سان ٿي واسطو رکن ٿا.

اسان جو قومي شاعر دعا ٿو ڪري ته اي خدا! اها غزل سرائي ۽ انهيءَ نغمه سرائي جا آواز وري واپس وٺي اچ ۽ منهنجي قوم جي انهن مايوس نوجوانن جي لاءِ اهو ٿي دل افروز راڳ وري وٺي اچ، جيڪو پنهنجي ترقي جي زماني ۾ آلاپيندا هئا. ان کان اڳتي فرمائي ٿو ۽ اهو شعر دعائيه آهي.

زبادهٔ که بخاک مــن آتشے آمیخت
پیالهٔ بجوانــانِ نــو نیــاز آور

يا الله! منهنجن انهن نوجوانن جي لاءِ جن اها شعور جي دنيا ۾ پهريون قدم ٿي رکيو آهي، منهنجي ان شراب جو هڪ پيالو عطا فرمائي، جنهن منهنجي لپ خاڪ ۾ باهه لڳائي ڇڏي آهي. ان شعر ۾ شراب سان مطلب قوم ۽ اسلام جي محبت آهي. مطلع ۾ اقبال دعا گهري آهي ته يا الله! مسلمانن جي ترقي ۽ خوشحالي جو زمانو وري واپس اچي وڃي ۽ ٻئي شعر ۾ هن هيءَ دعا ڪئي آهي ته مسلمان نوجوانن ۾ اسلام لاءِ هڪ محبت پيدا ٿي پوي. محبت جو جذبو ۽ ولولو ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد ٿيندو آهي.

اشک چکیده ام ببین هم به نگاه خود نگر
ریز به نیستان من برق و شرار این چنین

نيستان مان مطلب ملت اسلاميہ آهي. ان جي سڀجھائي اٿين ٿيندي تہ منهنجن وهندڙ لڙڪن کي ڏس ۽ پنهنجي نظر کي ڏس. اي مخاطب! تون منهنجي بيلي ۾ ان طرح باهہ لڳائي ڇڏ. هي شعر زبور عجم مان آهي. مفهوم ان شعر جو هيءُ آهي تہ اقبال مخاطب کي چوي ٿو تہ تون منهنجي حالت کي ڏس ۽ پاڻ کي ڏس. تنهن جي ان عمل کان منهنجي قوم ۾ باهہ لڳي ويندي ان خيال جي تشريح هيءَ آهي تہ اقبال مخاطب کي قوم جي درد ۾ پنهنجو رئڻ ڏيکاري ٿو ۽ مخاطب جي ڏسڻ جي انداز جي تشريح ڪري ٿو تہ هو ڏاڍي اطمينان سان هن جي حالت کي ڏسي رهيو آهي. اقبال جي خيال ۾ جيڪڏهن مخاطب اقبال جي ۽ پنهنجي ڏسڻ جي فرق کي سمجهي وٺي تہ هو ان کان ضرور متاثر ٿيندو. هو سمجهندو تہ مان بالڪل پٿر ٿي ويو آهيان ۽ مون ۾ قوم جو ڪو درد موجود نہ آهي ۽ ان جي برخلاف اقبال ان دور ۾ روئي رهيو آهي. ان مان بہ قوم جي همدردي ۽ ان جي تبليغ جو نشان ملي ٿو.

—

## باب ستون

# اقبال نوآباديءاتي نظام ۽ ان جي ردعمل جي برخلاف ٽين دنيا جي اتحاد ۽ آزاديءَ جو علمبردار

### پئن اسلامزم ۽ بين الاقوامي اتحاد:

ان موضوع جي مناسبت جي لحاظ کان علامه اقبال جي بعض فيصلن جي طرف اشارن ڪرڻ جي ضرورت آهي. علامه جي تحريرن جي مطالعه مان معلوم ٿو ٿئي ته جمال الدين افغاني جي تحريڪ کي تعصب جي سبب اخبار جي هڪ فرينچ نمائندي ”پئن اسلامزم“ جي نالي سان سڏيو ۽ مسلمانن جي حريفن ان کي پنهنجو ڪري ورتو ۽ ان جو خوب پروپئگندا ڪيو، پر اصل ۾ واقعو هيءُ آهي ته جمال الدين افغاني جي تحريڪ اتحادي هئي، جنهن کي ”پئن اسلامزم“ جي نالي سان سڏڻ سراسر غلط آهي.

علامه اقبال جي خيال ۾ جمال الدين افغانيءَ جي تحريڪ جو مطلب هيءُ هو ته جنهن حالت ۾ عيسائي حڪومتون مسلمانن کي برابر ڪمزور ڪنديون پئي وييون ۽ انهن کي غلام بڻائينديون پئي وييون، تنهن ڪري جمال الدين افغانيءَ هيءُ گهريو ٿي ته هر مسلمان سلطنت پنهنجي جڳهه تي آزاديءَ جي ڪوشش ڪري ۽ سڀ کان پهرين سياسي استحڪام حاصل ڪري.

ان ڪانپوءِ ھو ٻين سلطنتن سان تعلقات ھڪ جھڙيءَ حيثيت سان سان قائم ڪري، ظاھر آھي تہ ھيءَ تحريڪ ”پئن اسلامزم“ ڪين ھئي، بلڪ ھڪ بين الاقوامي يا آفاقي تحريڪ ھئي.

اڄ صورتحال ھيءَ آھي تہ دنيا جي قومن مان نہ رڳو ھي مسلمان سلطنتون آزاد ٿي چڪيون آھن، بلڪ افريڪا جون غيرمسلم حڪومتون ۽ مشرقي ايشيا جا ٻيٽ ۽ لاطيني امريڪا جون سيئي رياستون خودمختار ٿي چڪيون آھن، پر اقتصادي ۽ معاشي نقطہ نظر کان اڄ بہ اھي سيئي سلطنتون ترقي يافتہ ملڪن جون غلام آھن، تنھن ڪري انھن سينی سلطنتن ۾ ھڪ بين الاقوامي، سياسي ۽ معاشي آزاديءَ جو عام تصور موجود آھي ۽ ايشيا، امريڪا ۽ افريڪا جي اھڙين سيني سلطنتن جو اتحاد ٽينءَ دنيا جو اتحاد سمجھيو وڃي ٿو ۽ ھاڻي ھيءَ ڪوشش جاري آھي تہ ٽين دنيا متحد ۽ متفق ٿي وڃي. ان ٽينءَ دنيا ۾ عرب ۽ ٻيا سيئي مسلمان ملڪ ۽ ايشيا ۽ مشرقي ايشيا ۽ ڏاکڻو مشرقي ايشيا ۽ افريڪا جا غيرمسلمان ملڪ ۽ ڏاکڻو امريڪا آھن. مطلب تہ ھي سيئي ملي، ٽينءَ دنيا جو تصور پيدا ٿا ڪن، تنھن ڪري اھو تصور ”پئن اسلامزم“ جو منصوبو ھرگز نہ آھي، بلڪ ھيءَ بين الاقوامي يا آفاقي اتحاد آھي، جو پنھنجي پنھنجي جاءِ تي ھرھڪ سلطنت منظور ڪري چڪي آھي. جيڪڏھن اھو اتحاد ”پئن اسلامزم“ ھجي ھا تہ افريڪا جا غير مسلم ملڪ، ڏاکڻي امريڪا ۽ مشرقي ايشيا جون سلطنتون ۽ ٻيٽ ان کي ھرگز منظور نہ ڪن ھا. اقبال انھيءَ ٽينءَ دنيا جي نو آبادياتي نظام جو مخالف ۽ ٽينءَ دنيا جي مقصد جو زبردست علمبردار آھي.

## قوميت ۽ وطنيت جو مسئلو:

اقبال حقيقت ۾ قوميت ۽ وطنيت جو مخالف نہ ھو، بلڪ ھو لادينيءَ جو سخت دشمن ھو.

نہ اُٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی آب و گل ایران وہی تبریز ہے ساقي

اقبال روميءَ جو وڏو زبردست معتقد وارو آهي ۽ اقبال جي اکيان عرب ۽ عجم جي مسلمانن جو پاڻ ۾ اتفاق رومي جي فلسفہ تي عمل ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ رومي جو فلسفو اصل ۾ لا الہ الا اللّٰہ تي مبني آهي.

خودی کا سر نہاں لا الہ الا اللّٰہ
خودی ہے تیغ فساں لا الہ الا اللّٰہ
یہ مال و دولت دنیا یہ رشتہ و پیوند
بتان وہم و گمان لا الہ الا اللّٰہ

فارسيءَ جي هڪ قطعہ ۾ علامہ اقبال فرمايو آهي:

تو اے کودک منش خود را ادب کن
مسلمان زادهٔ ترک نسب کن
برنگ احمر و خون و رگ و پوست
اگر نازد عرب ترک عرب کن

ان ڪانپوءِ فرمايو اٿس:

نہیں ہے نا امید اقبال اپنی کشت ویراں سے
ذرا نم ہو تو یہ مٹی بہت زرخیز ہے ساقی

اقبال جي ڪشت ويران سان مطلب عالم اسلامي آهي پر ان ۾ بہ شڪ ناهي تہ اسلام سڄي دنيا جي انسانن جي لاءِ آهي.

## پس چہ باید کرد:

علامہ اقبال پنهنجي هڪ مثنوي لکي آهي، جنهن جو نالو آهي، "پس چہ باید کرد اے اقوام شرق؟" اقوام شرق مان مطلب آهي تہ ان مان سڄو عالم اسلام سمجهيو وڃي ٿو يا اسلام کانسواءِ ٻيون قومون بہ ان ۾ شامل آهن.

انهن سوالن جو جواب هيءَ آهي تہ مغرب وارا يعني

درنگاهش آدمی آب و گل است
کاروان زندگی بے منزل است
هرچه می بیني ز انوار حق است
حکمت اشیا ز اسرار حق است
هر که آیات خدا بیند حر است
اصل این حکمت ز حکم اُنظر است
بندۂ مومن ازو بهروز تر
هم به حال دیگران دلسوز تر
علم چون روشن کند آب و گلش
از خدا ترسنده تر گردد دلش
علم اشیا خاک ما را کیمیا ست
آه! در افرنگ تاثیرش جدا ست
عقل فکرش بےعیار خوب و زشت
چشم اوبے نم، دل اوسنگ و خشت
علم ازو رسوا ست اندر شهر و دشت
جبرئیل از صحبتش ابلیس گشت
دانش افرنگیان تیغ بدوش
در هلاک نوعِ انسان سخت کوش
آه از افرنگ و از آئین او
آه از اندیشۂ لا دین او
علم حق را ساحری آموختند
ساحری نے کافری آموختند

يورپ جي نگاه ۾ ماڻهو مٽي ۽ پاڻي جو نالو آهي ۽ يورپ جي ويچهو زندگيءَ جو قافلو بنان مقصد جي سفر طئي ڪري رهيو آهي.

اي مخاطب جيڪي ڪي تون ڏسي رهيو آهين سي خدا جا انوار آهن ۽ شين جي حڪمت خدا جا اسرار آهن.

جيڪو الله جي نشانن کي ڏسي ٿو، سو ئي حقيقي آزاد

۽ نڪتا اقبال اهڙا ڏسيا آهن، جي زندگيءَ جي سڀني ضرورتن تي حاوي آهن، ڇاڪاڻ تہ اسوهٔ رسول ۾ اهي سڀئي اصولي ڳالهيون موجود آهن، جي ضرورتن تي حاوي آهن، جي ضروريات زندگيءَ ۾ انسان کي پيش اينديون رهيون آهن ۽ اڳتي بہ پيش اينديون رهنديون. انهن سڀني ضروريات جا اصول قيامت تائين اسوهٔ مصطفويءَ ۾ غيرمبهم طور تي موجود آهن. علامہ شبلي رحہ جي سيرت النبي ۽ سيد سليمان ندوي رحہ جا خطبات مدراس ان جي گواهي ڏين ٿا.

ان ڪانپوءِ علامہ اقبال اسوهٔ حسنہٗ مصطفوي جو ماخذ ڏيکاريو آهي، جو قرآن حڪيم آهي ۽ قرآن حڪيم اهڙو آسماني ڪتاب آهي، جنهن ۾ دين جي تڪميل ڪئي ويئي آهي ۽ دين جي تڪميل جو مطلب آهي تہ انساني نظام حيات کي اهڙو مڪمل بنائي ڇڏڻ جو زمين تي وسڻ وارن يا چنڊ يا ٻين ستارن تي پهچي وڃڻ وارن انسانن جي لاءِ انهن جي دماغي ۽ جسماني صحت ۽ ارتقا ۽ انهن جي نسل جي بقا ۽ حفاظت ۽ انهن جي علمي ۽ فني ترقي جي لاءِ هر طرح مفيد ۽ ڪارآمد هجي.

فقر ڪا اهڙي شيءِ نہ آهي جو انسان جي لاءِ حاصل ڪرڻ جي ناقابل هجي، بلڪ فقر هر انسان جي ذاتي صلاحيت سان مطابقت رکي ٿو. واقعو هيءُ آهي تہ لا الہ الا الله جي قالب ۾ پلتجي وڃڻ جو نالو فقر آهي. فقر اختيار ڪرڻ سان نہ ڪو دنيا جو ترڪ لازم اچي ٿو ۽ نہ علم ۽ فن حاصل ڪرڻ ۾ روڪ پيدا ٿئي ٿي ۽ نہ زندگيءَ جي ڪنهن شعبي ۾ فقر خارج ٿئي ٿو. مولانا روم ارشاد فرمائين ٿا:

چيست دنيا از خدا غافل بدن   نے زر و املاک نے فرزند و زن

دنيا ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب مولانا روم هيءُ ڏنو آهي تہ خدا کان غافل ٿيڻ جو نالو دنيا آهي يعني اقبال جي لفظن ۾ لا الہ الا الله کان غفلت جو نالو دنيا آهي. دولت ۽ جائيداد جو نالو دنيا نہ آهي ۽ نہ زال ۽ ٻارن جو نالو دنيا آهي.

می کند بند غلامان سخت تر
حریت می خواند او را بی بصر
گرمیٔ هنگامهٔ جمهور دید
پرده بر روئی ملوکیت کشید
سلطنت را جامع اقوام گفت
کار خود را پخته کرد و خام گفت
در فضایش بال و پر نتوان کشود
با کلیدش هیچ در نتوان کشود
گفت با مرغ قفس ای دردمند
آشیان در خانهٔ صیاد بند
هرکه سازد آشیان در دشت و مرغ
او نباشد ایمن از شاهین و چرغ
از فسونش مرغ زیرک دانه مست
ناله ها اندر گلوئی خود شکست
حریت خواهی به پیچاکش میفت
تشنه میرو بر نم تاکش میفت
الحذر از گرمیٔ گفتار او
الحذر از حرف پهلودار او
چشم ها از سرمه اش بی نور تر
بندهٔ مجبور ازو مجبور تر
از شراب ساتگینش الحذر
از قمار بدنشینش الحذر
از خودی غافل نه گردد مرد حر
حفظ خود کن حب افیونش مخور
پیش فرعونان بگو حرف کلیم
تا کند ضرب تو دریا را دونیم
داغم از رسوائی این کاروان
در امیر او ندیدم نور جان

آهي ته هو ٽينءَ دنيا جي آزاديءَ جو زبردست علمبردار آهي ۽ وڏيڪ هيءَ ته هو نوآبادياتي نظام کي صفحه هستي تان هٽائي ڇڏڻ گهري ٿو. ان مفهوم کي جيڪڏهن مضمون جي گهٽو وڌي وڃڻ جو انديشو نه هجي ها ته سندس ٻئي ڪلام مان جهڙوڪ جاويدنامه، اسرار خودي، رموز بيخودي ۽ پيام مشرق جي ڪيترن مثالن مان چونڊي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪري سگهجي ها. جيڪي ڪي هيل تائين لکيو ويو آهي، سو پنهنجي جاءِ تي ڪنهن وڌيڪ تفصيل جو محتاج نظر نٿو اچي.

آخر ۾ ٽينءَ دنيا جي آزادي ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي جدوجهد بابت جيڪو علامه اقبال جي تصور ۾ هو ۽ ان جي بروئي ڪار اچڻ جي اميد ۾ خود اقبال جيڪي ڪي چيو اڄ به حيرت جي قابل آهي. اڄ دنيا جو هڪ وڏو ڀاڱو آزاد ٿي چڪو آهي ۽ جيترو باقي رهيل ڀاڱو غلام آهي سو به آزاد ٿيڻ وارو آهي. انهيءَ احساس هيٺ علامه اقبال جيڪي ڪي چيو آهي، سو اسين سندس ئي لفظن ۾ ورجائي ان مقالي کي ختم ڪريون ٿا:

آنکھ جو کچھ دیکھتی ہے لب پہ آ سکتا نہیں
محو حیرت ہوں کہ دنیا کیا سے کیا ہوجائیگی

—